قال رسول الله ﷺ تعلموا الفرائض و علموها الناس فانها نصف العلم (بيهقي)
فرمايو رسول الله ﷺ تہ سکو ميراث جو علم ۽ ٻين کي سيکاريو ڇو تہ اهو اڌ علم آهي

وارثن ۾ ملڪيت ورهائڻ جي اسلامي قانون
کي سمجهڻ ۽ سکڻ ۾ معاون ڪتاب

# حقوق الوارثين

تصنيف لطيف

مفتي ابوزاهد محمد عبدالواحد غفرلہ الاحد عباسي سڪندري
رحمة الله عليہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

قال رسول الله ﷺ تعلموا الفرائض و علموها الناس فانها نصف العلم (بيهقي)
فرمايو رسول الله ﷺ تہ سکو ميراث جو علم ۽ ٻين کي سيکاريو چو تہ اهو اڌ علم آهي.

# حقوق الوارثين
# مع
# التحارير الاربعين

يعني: وارثن جا حق ۽ چاليهہ تحريرون


مفتي ابوزاهد محمد عبدالواحد غفرلہ الاحد عباسي سکندري
رحمة الله عليہ



دارالافتاء مدرسہ عربيہ قادريہ سکندريہ سکر، سنڌ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن ڇاپي جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | حقوق الوارثين |
| ليکڪ: | مفتي ابوزاهد محمد عبدالواحد عباسي سڪندري رحمة الله عليه |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | 2019ع |
| ڪمپوزر: | جاويد احمد چانڊيو |
| لي آئوٽ: | امتيازعلي انصاري |
| ڇپيندڙ: | نيو انڊس پرنٽنگ پريس |
| ڇپائيندڙ: | محمد خالد معراج عباسي سڪندري |
| | مدرسه عربيه قادريه سڪندريه سکر، سنڌ |
| قيمت: | 250/- |

**ملڻ جو هنڌ**

دارالافتاء مدرسه عربيه قادريه سڪندريه سکر، سنڌ

جامعہ راشديه، درگاهہ شريف، پير جو ڳوٺ، خيرپور ميرس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فهرست

**انتساب** ........ 7
**مهاڳ** ........ 9
**پڙ اکر** ........ 15
**تقريظ** ........ 19
**مصنفِ ڪتاب مفتي محمد عبدالواحد عباسي سڪندري قدس سره جي زندگي جو مختصر احوال** ........ 21
**علم الفرائض جي تحقيق** ........ 39
❊ ميت جي مال جو بيان ........ 39
❊ ميراث جي تقسيم جو طريقو ۽ ترتيب ........ 40
❊ چار شخص جيڪي وارث نٿا ٿي سگهن ........ 42
**ذوي الفروض جا سهام** ........ 43
**ذوي الفروض (فرضي حصن جا حقدار) ٻارهن شخص (جن مان چار مرد ۽ اٺ عورتون آهن)** ........ 43
**ذوي الفروض جي سهامن جو نقشو** ........ 44
**ذوي الفروض مان هر هڪ وارث جو تفصيلي بيان** ........ 48
**وارثن جي محروم ۽ ساقط ٿيڻ جون صورتون** ........ 61
**عصبن جو بيان** ........ 62
**ذوي الارحام جو بيان** ........ 66
**حُجُب جو بيان** ........ 69
**فرضي حصن مان مخرج ڪڍڻ جو بيان** ........ 71
**عول جو بيان** ........ 76
**رد جو بيان** ........ 79
**رد جا قسم** ........ 80



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چئن نسبتن جو بيان ........ 85
تصحيح جو بيان ........ 90
تصحيح کان پوءِ هر هڪ فريق ۽ هر هڪ وارث جي حصي معلوم ڪرڻ جو بيان ... 95
ميت جو ترڪو وارثن ۽ لهڻي دارن ۾ ورهائڻ جو بيان ........ 97
مناسخي جي حڪمن جو بيان ........ 100
تخارج جو بيان ........ 102
خنثيٰ جي ميراث جو بيان ........ 104
حمل جو بيان ........ 110
مفقود (گمشده) وارث جو بيان ........ 115
مرتد جو حڪم ........ 117
قيدي وارث جو بيان ........ 118
رشتيدارن جو هڪ ئي وقت ٻڏڻ، سڙڻ يا ديوار هيٺان اچي مرندڙن
متعلق ورثي جو حڪم ........ 119
التحارير الاربعين يعني چاليهه تحريرون ........ 121



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شبيه مبارڪ مصنفِ ڪتاب
حضرت مفتي محمد عبدالواحد عباسي سڪندري رحمة الله عليه





books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# انتساب

مون فقير هن ڪاوش کي پنهنجي پياري استاد محترم مڪرم، معظم، ابرِ رحمت، سايہ شفقت، صاحبِ ولايت، استاد العلماء و الفضلاء شيخ الجامعہ (جامعہ راشديہ درگاه شريف پير جو ڳوٺ) **جناب حضرت قبلہ مفتي محمد صاحبداد خان سلطان ڪوٽي مفتي اعظم پاڪستان** رحمت الله تعالىٰ عليہ جن جي مبارڪ نالي سان منسوب ٿو ڪريان، جن ورثة الانبياء واري بي پايان بحر مان آبِ حيات جا چند قطرا ۽ علم فيض جي خدا داد خزاني مان ٻين علمن سان گڏ علم ميراث جا املھ موتي، مرجان ۽ ناياب گوهر ورثي طور ورهايا، جو سوين سوڀارن سڪندري عالمن سڳورن سان گڏ مون مسڪين مفلس تي بہ عنايت ٿي. فالحمدُ لله علىٰ نعمائہ

**گنج شاهان ڪم نگردد گر بنوازند مفلسي**
**آبِ دريا ڪم نگردد گر بنوشند ڪنجشي**

فقير ابوزاهد محمد عبدالواحد
عباسي سڪندري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

# مهاڳ

جاڻن گهرجي تہ ديني علمن ۾ ميراث جو علم وڏي اهميت رکي ٿو، ڇو تہ هن علم جو تعلق "حقوق العباد" يعني ٻانهن جي حقن سان آهي. جيئن سوره النساء ۾ الله تعاليٰ جل مجده وارثن جا حق ۽ حصا بيان ڪندي فرمايو:

**للرجال نصيب مما ترک الوالدان والاقربون وللنساء نصيب مما ترک الوالدان والاقربون مما قل منه او کثر نصيبًا ○**

ترجمو: ۽ مردن لاءِ ان مال ۾ حصو آهي جيڪي انهن جي ماءُ، پيءُ، قريبي مائٽن مري وڃڻ ڪان پوءِ ڇڏيو آهي ۽ عورتن لاءِ بہ ان مال ۾ حصو آهي جيڪي انهن جي ماءُ، پيءُ ۽ قريبي مائٽن مري وڃڻ ڪان پوءِ ڇڏيو آهي. مال ٿورو هجي يا گهڻو هر هڪ جا حصا مقرر ٿيل آهن

۽ ساڳي رڪوع جي آخر ۾ فرمايو تہ:

**ومن يطع الله ورسوله يدخله جنٰت تجري من تحتها الانهار خالدين فيها وذالک الفوز العظيم○ ومن يعص الله ورسوله ويتعد حدوده يدخله نارًا خالدًا فيها وله عذاب مهين○**

ترجمو: جيڪو ماڻهو (ميراث جي) حدن کي قائم رکندو تہ الله تعاليٰ انهيءَ کي جنت جي باغن ۾ جنهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون هميشہ رکندو ۽ اها وڏي ڪاميابي آهي ۽ جيڪو ماڻهو (ميراث جي) حدن کي قائم نہ رکندو تہ الله تعاليٰ ان کي دوزخ جي باهہ ۾ داخل ڪندو ۽ انهيءَ جي لاءِ رسوا ڪندڙ عذاب آهي.

۽ هي علم سيني علمن ۾ زياده فضيلت وارو پڻ آهي ڇو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن هن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ خاص تاڪيد ۽ ترغيب فرمائي. جيئن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دارمي شريف ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آهي تہ:

**تعلموا الفرائض وعلموهِ الناس فاني امرء مقبوض والعلم سينقبض ويظهرالفتن حتىٰ يختلفا اثنان في فريضة لايجدان احدا يفصل بينهما.**

ترجمو: علم فرض سکو ۽ ماڻهن کي سيکاريو عنقريب مون (فاني زندگيءَ کان) رخصت ڪرڻ وارو آهيان. خبردار! غافل نہ ٿيو، هڪ اهڙو وقت اچڻ وارو آهي جنهن ۾ علم غائب ٿي ويندو ۽ فتنو ۽ فساد ظاهر ٿيندو. ايتريقدر جو علم فرض جي مسئلي ۾ جڏهن بہ ٻہ اختلاف ڪندا تہ ڪو بہ انهن کي مسئلي حل ڪرڻ وارو نہ ملندو.

۽ بيهقي شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله تعالىٰ عنہ کان مروي آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو تہ: **تعلموا الفرائض وعلموه فانها نصف العلم.** يعني ميراث جي حقن جو علم توهان پاڻ سکو ۽ ٻين ماڻهن کي پڻ سيکاريو. ڇو تہ اهو سموري ديني علم جو اڌ آهي.

ذڪر ڪيل آيتن ۽ حديثن مان معلوم ٿيو تہ ميراث جو علم سکڻ سيکارڻ ۽ ان جي حڪمن تي عمل ڪرڻ سان ٻانهو حق تعالىٰ جي انعامن جو مستحق ٿئي ٿو ۽ دارالخلد جو مالڪ ٿئي ٿو ۽ ميراث جي حڪمن تي عمل نہ ڪرڻ سبب دوزخ جي باهہ ۽ رسوا ڪندڙ عذاب جو لائق ٿو ٿئي.

جيئن تہ ميراث جو تعلق مال ۽ اولاد سان آهي ۽ اهي ٻئي شيون مسلمان جي ايمان لاءِ آزمائش آهن.

**انما اموالکم واولادکم فتنة** ○ بيشڪ توهان جا مال ۽ اولاد توهان لاءِ آزمائش آهن ۽ حديث شريف ۾ آيو آهي تہ: **ان لکن امة فتنة و فتنة امتي المال** يعني بي شڪ هر هڪ امت لاءِ ڪا نہ ڪا آزمائش هئي پر منهنجي امت لاءِ مال دولت آزمائش آهي. تنهن ڪري مسلمان کي ان آزمائش جي بدلي ۾ جنت جو واعدو ڪيو ويو آهي، ارشاد باري تعالىٰ آهي: **ان الله اشترىٰ من المومنين انفسهم و اموالهم بان لهم الجنة**○ يعني بي شڪ الله تعالىٰ مومنن کان انهن جا نفس ۽ مال جنت جي بدلي ۾ خريد ڪيا آهن. لهٰذا هر مومن مسلمان کي ورثي جي صحيح تقسيم ڪرڻ ۽ حقدار وارثن کي حق ڏيڻ ۾ عدل ۽ انصاف جو دامن نہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇڏڻ گهرجي، ۽ لوڀ لالچ ۽ دنيا جي حرص ۾ انڌو ٿي ڪنهن سان ظلم ۽ زيادتي نہ ڪجي.

اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن پيش گوئي ڪندي فرمايو تہ: **ياتي علىٰ الناس زمان لايبالي المرء ما اخذ منه أ من الحلال أ من الحرام** (**رواه البخاري**) يعني ماڻهن تي اهڙو وقت بہ اچڻ وارو آهي جنهن ۾ ماڻهو هن ڳالهہ جي ڪا بہ پرواه نہ ڪندا تہ حاصل ڪيل (مال) حلال جو آهي يا حرام جو. اڄڪلهہ جي دور ۾ ڪيترائي ڪلمي گو مسلمان پائر خدا تعالىٰ جي خوف کان بي خوف ٿي دنيا جي محبت ۽ مال دولت جي پنيان ڊوڙ ۽ حرص جي نشي ۾ اهڙا تہ مست ۽ مدهوش ٿي ويا آهن، جو کين حلال حرام، جائز، ناجائز جي ڪا بہ تميز ڪونهي، بس دنيا ۽ صرف دنيا لاءِ هر وقت **هَل مِن مَزِيدِ** يعني (اڃان بہ وڌيڪ) جو دوزخ وارو نعرو هڻندا رهن ٿا. ظلم، ذوري، ٺڳي ۽ چوري، ڦر لٽ ۽ حق تلفيءَ سان حاصل ٿيل مال ۽ دولت کي **هنيئًا مريئًا** مزيدار ۽ هاضمي دار سمجهي ڳڙڪائي رهيا آهن. اهڙن دنيا جي حريص طالبن کي متنبہ ڪندي باري تعالىٰ فرمائي ٿو: **الهٰكم التكاثر حتىٰ زرتم المقابر○** يعني گهڻي مال گڏ ڪرڻ جي حوس توهان کي غفلت ۾ وجهي ڇڏيو. ايتري تائين جو توهان قبرن کي وڃي ڏٺو. ۽ احاديث شريف ۾ حرام خور حريص جو انجام هن طرح بيان ڪيو ويو آهي: **لايدخل الجنة جسد غذي بالحرام** (**بيهقي/مشكوات**) يعني حرام خور انسان جو جسم ڪڏهن بہ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. ۽ هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ: **من اشترىٰ ثوبًا بعشرة دراهم وفيه درهم حرام لم يقبل الله تعالىٰ له صلوٰة ما دام عليه** (**رواهُ احمد**) يعني جنهن شخص ڏهن درهمن ۾ هڪ ڪپڙو خريد ڪيو، انهن ۾ جيڪڏهن هڪڙو درهم حرام جو هيو تہ انهيءَ ڪپڙي ڍڪيندڙ شخص جي نماز قبول نہ آهي جيستائين اهو ڪپڙو ان جي جسم تي پاتل آهي. مطلب تہ حرام مال مان خدا واسطي نماز يا خيرخيرات بہ قبول نہ آهي. دين اسلام ۾ تہ عزيزن قريبن، يتيمن، غريبن ۽ ڪمزورن سان تہ شفقت ۽ همدردي ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي ويئي آهي. پر هي ظالم اٽلو انهن کي رنجائي انهن جا مال ملڪيتون غصب ڪري ڦري ۽ لٽي، تہ ڪيڏو نہ وڏو ظلم ۽ ڪبيرو گناهہ آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

الله تعالىٰ جل مجده جو ارشاد آهي. **ان الذين ياكلون اموال اليتٰمیٰ ظلمًا انما ياكلون في بطونهم نارًا سيصلون سعيرًا ○** يعني بي شڪ جيڪي ماڻهو يتيمن جا مال ناحق ظلم سان کائين ٿا اهي پنهنجي پيٽن ۾ باهه ٿا کائين ۽ عنقريب اهي ماڻهون ڀڙڪندڙ باهه ۾ وڌا ويندا. (سوره النساء)

حضرت ابوبرزه رضي الله تعالىٰ عنه کان مرفوع روايت ۾ آهي ته حضورﷺ جن فرمايو ته ڏهاڙي قيامت جي جڏهن ماڻهو پنهنجي قبرن مان ميدان محشر ڏانهن نڪرندا ته انهن مان هڪ اهڙي قوم به هوندي جن جي واتن مان باهه جا اولانبا پيا نڪرندا. اصحابن سڀني پڇيو ته اي الله جا رسول، اهي بدبخت ماڻهو ڪير هوندا.؟ پاڻ ﷺ جن ڪين فرمايو ته ڇا توهان خدا تعالىٰ جي ڪتاب ۾ نه پڙهيو آهي ته جيڪي ماڻهوظلم سان يتيمن جو مال کائين ٿا ته (گويا) اهي پنهنجي پيٽن ۾ باهه ٿا وجهن. اهڙي طرح ميت جي ڪنهن به حقدار وارث کي ورثي کان محروم ڪرڻ ۽ ان جي منقول غير منقوله جائيداد، مال، زر، زمين وغيره تي قابض ٿيندڙ ظالم انسان لاءِ نبوت جي زبان کان هي اعلان آهي ته: **من اخذ شبرًا من الارض ظلمًا فانه يطوقه يوم القيمة من سبع ارضين** يعني جنهن شخص ڪنهن به مظلوم جي هڪ گراٺ جيتري زمين ظلم سان قبضو ڪئي ته اهڙي شخص کي ڏهاڙي قيامت جي ستن زمينن جو طوق ڳچيءَ ۾ وڌو ويندو. (متفق عليه)

اڄڪلهه بعض مسلمان هندو آريه مذهب جي مشرڪانه رسمن مطابق ڌيئرن کي والدين جي ورثي کان محروم ٿا ڪن، جو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي. سموري جائداد جو وارث رڳو پٽن کي ٺاهيو وڃي ٿو. نياڻين کي صرف گذرانو ۽ شادي جي اخراجات جو مستحق سمجهيو وڃي ٿو ۽ بس. توڙي جو پيءُ لکين رپين جي جائيداد منقول غير منقوله رکندڙ هجي. ان جي وفات کان پوءِ سمورو مال، زر، زمين گهر، گهاٽ وغيره پٽ جي حوالي ڪيا وڃن ٿا، ڌيءُ ويچاري هڪ پائيءَ جي به حقدار نه آهي. اها ڪهڙي نه بڇڙي ڳالهه آهي جو پٽن جون شاديون ڌام ڌوم سان ڪيون وڃن ۽ انهن جي بيجا خرچن ۽ تعليم، بي-اي، ايم – اي وغيره جي ڊگرين ڏيارڻ تي بي تحاشا پاڻي وانگر پئسو ضايع ڪيو پيو وڃي ته اهو نظر نٿو اچي. ياد رکڻ گهرجي ته ڌيءُ پنهنجي حصي وٺڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ پٽ سان شريڪ آهي ۽ ان جو حصو قرآن ۾:**للذكر مثل حظ الانثيين** يعني ڌيءَ جو حصو پٽ جي حصي جي اڌ برابر آهي، ۽ پٽ نہ هجڻ جي صورت ۾ اڌ ملڪيت جي مالڪ آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو آهي تہ: **من قطع ميراث وارثه قطع الله ميراثه من الجنة يوم القيامة** يعني جنهن شخص ڪنهن بہ حقدار وارث کي پنهنجي حق ورثي کان محروم ڪيو تہ اهڙي شخص کي قيامت جي ڏهاڙي حق تعالىٰ بهشت جي ورثي کان محروم ڪندو، (ابن ماجہ، مشڪوات) معاذ الله ثم معاذ الله.

مسلمان ڀائرو، توهان ۽ اسان دين اسلام کي سچو مذهب سمجهي ايمان آندو آهي. ايمان جي تقاضا آهي تہ اسان الله تعالىٰ جي عذاب کان پاڻ بچايون ۽ الله تعالىٰ جي انعامن جا حقدار ٿيون. باري تعالىٰ پنهنجي ڪلام ۾ مومنن سان واعدو فرمايو آهي تہ: **لهم جنات تجري من تحتها الانهار خالدين فيها** ○ يعني مومنن لاءِ بهشت آهي جنهن جي هيٺيان نهرون وهن ٿيون ۽ اهي مومن هميشہ انهيءَ ۾ رهندا. ۽ ٻي آيت ۾ فرمايو آهي تہ **تلك الجنة التي اورثتموها** ○ يعني اِهو اُهو جنت آهي جنهن جو مون توهان کي وارث بڻايو آهي.

پوءِ جيڪڏهن هڪ مسلمان ٻئي مسلمان کي هن فاني مال متاع جو ورثو نہ ڏنو تہ اهو شخص سڀاڻي قيامت جي ڏينهن پنهنجي پالڻهار کان جنت الفردوس جو ورثو ڪهڙي حق سان وٺندو؟.

ڪاش! اسان جي ملڪ ۾ شريعت مصطفىٰ ﷺ جو مڪمل نفاذ ۽ بالادستي قائم ڪئي وڃي تہ هوند اسان جو ملڪ پاڪستان صحيح معنىٰ ۾ اسلام جو گهوارو ۽ هر برائي کان پاڪ آستانو بڻجي پوي. تاهم اسان جي ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪو اسلامي شرعي قانون نافذ آهي تہ اهو حقوق الوارثين جو شرعي قانون آهي. جنهن ڪري خانگي توڙي سرڪاري طور برادري معاملن فيصلن، جرڳن، دستاويزن ۽ ڪورٽن ۾ علماءِ ڪرام جي فتوائن ۽ تحريرن کي خاصي اهميت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. تنهن ڪري عوام توڙي خواص کي هن علم جي مڪمل ڄاڻ رکڻ ضروري آهي. خصوصاً علماء ڪرام ۽ ديني مدرسن جا منتهي طالب العلم ميراث جي سکڻ سيکارڻ ڏانهن وڌيڪ توجهہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏين ۽ شرعي طريقي مطابق تحرير ڪرڻ ۽ وارثن جا حق ۽ حصا معلوم ڪن.

لهٰذا مون انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي پنهنجي پياري رسول مقبول ﷺ جي مبارڪ، فرمان عالي شان جي تعميل ۾ مصمم ارادو ڪيو ته علم ميراث جي مشهور معروف عربي ڪتاب "السراجي في الميراث" ۾ بيان ڪيل اصولن، قاعدن ۽ تحرير جي طورطريقن کي پنهنجي مادري زبان سنڌي ٻوليءَ ۾ نهايت سهنجي ۽ سليس، عمده ۽ آسان طريقي سان واضح ڪريان ته جيئن ٿورڙي علم وارا به ميراث جي علم ۽ فن کان باخبر ۽ مستفيد ٿين. پوءِ ميراث جي انهن اصولن، قاعدن ۽ قانونن سان گڏ پنهنجي لکيل تحريرن جي مواد مان نموني طور چاليهه تحريرون به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيم ته جيئن پڙهندڙن کي تحرير لکڻ جو طريقو به معلوم ٿئي.

شال الله تبارڪ و تعالىٰ پنهنجي پياري محبوب مصطفىٰ ﷺ جي صدقي هن ڪاوش کي قبول فرمائي ۽ صدقهء جاري ڪري، والدين ۽ اساتذه ڪرام کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا ڪري ۽ سڀني مسلمانن کي پنهنجي اطاعت جي توفيق رفيق عطا ڪري ۽ قبر ۽ حشر موچارو ڪري، آمين يا رب اللعالمين بجاه سيد المرسلين صلي الله تعالي علي خيرخلقه و نورعرشه وزينة فرشه سيدنا و مولانا محمد و آله واصحابه وبارڪ وسلم.

فقير ابوزاهد محمد عبدالواحد غفرله الاحد
عباسي، سڪندري، سکروي
ماه رجب المرجب
1415 هجري، بروز آدينه ( 1994ع )



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

فارسي ۾ چوندا آهن تہ آنچہ پدر نتوانست پسر مي کند يعني جيڪي ڪم پيءُ کان رهجي ويندا آهن اهي ڪم سندس پٽ مڪمل ڪندو آهي. الحمد لله والمنة جو رب سائين مون ناچيز کان اهڙو باسعيد ڪم پيو وٺي نہ تہ من آنم ڪہ من دانم جي مصداق پنهنجي لکڻ کان پلي پت واقف آهيان.

هن ڪتاب جا مصنف منهنجا والد محترم عليہ الرحمه فنا في الشيخ و فنا في الرسول رباني عالم هئا. سندن شخصيت گهڻ پاسائي هئي. مدرس هئا تہ مقرر بہ هئا، مناظر هئا تہ مبلغ بہ هئا، خوش خُو هئا تہ خوش لباس بہ هئا. منجهن حس مزاح هئي تہ حس جمال بہ هئي. قدرت مٿن مهربان ٿي ڏسجي جو فنون لطيفہ مان کين حظِ وافر عطا ٿيل ٿو هو. پاڻ فنِ تعمير، تقرير ۽ تحرير جي باريڪين کان بهتر طور تي واقف هئا. سندن هر ڪم ڪرڻ ۾ سليقو هو. چون ٿا سليقو سهڻي ترتيب ، موزون ترڪيب، ۽ خوش اسلوبي جو ٻيو نانءُ آهي. سليقي سان دلي اطمينان ۽ وري اطمينان سان زندگي جي راحت نصيب ٿيندي آهي. الغرض سليقو فنونِ لطيفہ جي جڙ آهي. اهو مادو انسان جي طبيعت ۾ قدرتًا وديعت ٿيل هوندو آهي.

اين سعادت بزورِ بازو نيست
تا نبخشد خداءِ بخشنده.

۽ اسان سندن زندگي ۾ سليقو ڏٺو. انتهائي نفيس انسان هئا سدائين صاف سٿرا ۽ معطر رهندا هئا. سفيد ڪپڙا پائيندا هئا ۽ وقت جا پابند هئا. الله سائين کين نڙي ۾ دائودي مزمار ۽ هٿن ۾ ڪمال رکيو هو اکر موتي داڻا هئن تہ گلڪاري چٽسالي ۾ جيوميٽري جي شڪلين جي ماپ جو پورو پورو پيمانو رکيل هئن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻ خطابت جي ميدان جا شهسوار ته هئا ئي ، پر تقرير سان گڏوگڏ تحرير سان به پاڻُ ملهاياائون.

پاڻ ڪجهه تصنيفات ڇڏيون اٿائون. جن مان ميراث بابت هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي

ميراث جو علم، واحد علم آهي جنهن جو تفصيل الله سائين جل مجده پاڻ قرآن مجيد ۾ بيان ڪيو آهي ۽ نبي آخرزمان عليه التحية و الثناء قرآن پاڪ سان گڏ سکڻ جو حڪم فرمايو آهي. اهي عالم سڳورا جيڪي ميراث جو علم نٿا رکن تن کي "بغير مٿي جي ٽوپي" سان تشبيه ڏنائون. اُن علم کي سمورن علمن جو اڌ علم قرار ڏيندي پاڻ سڳورن عليه الصلوة و السلام سڀ کان اڳ ۾ هي علم دنيا تان کڄي وڃڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏنو آهي. اهو ئي سبب آهي ته صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين ميراث جا ماهر هئا. سائلن کي بيٺي بيٺي جامع ۽ تسلي بخش جواب ڏيندا هئا. تابعين ۽ تبع تابعين عظام هن علم ڏانهن خاص توجه ڏنو ڇوته هن علم جو دنيا جي معاملات سان آهي. علامه سراج الدين سجاوندي جو ڪتاب سراجي ايترو مقبول ٿيو جو صدين کان مدارس جي نصاب جو حصو رهندو ٿو اچي. اهميت ۽ ضرورت کي ملحوظِ خاطر رکي جيد مفتيان ڪرام مدرسن ۾ علم الميراث بابت ته ماهي دوره يعني ڪريش ڪورس به ڪرائيندا آهن جن ۾ ننڍين ننڍين مدرسن جا شاگرد حصو وٺندا آهن.

وارثن پاران وڏن جي ڇڏيل مال ملڪيت جي ورهاست جا مقدما عدالتن ۾ عام جام پيا هلن. جج سڳورا ۽ وڪيل ڪين عالمن مفتين ڏانهن تحرير وٺڻ لاء موڪليندا آهن، تنهنڪري سنڌ جي مدرسن ۾ تيار ٿيندڙ عالمن ۽ ڪورٽن ۾ پريڪٽس ڪندڙ الهڙ توڙي جهونن وڪيلن لاء سنڌي ۾ لکيل ڪتابن جو هجڻ ضروري آهي، ان ڪري جو ماڻهو پنهنجي مادري ٻولي ۾ جلدي سکي سمهجي ٿو ۽ اظهار به آساني سان ڪندو آهي.

علماءِ سلف ميراث بابت عربي ۽ فارسي ۾ ڪافي لکيو آهي. اردو ۾ به ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ لکجن پيا. البته اسان جي سنڌي ٻولي ۾ بنه ٿورو ڪي مواد موجود آهي. منهنجي معلومات مطابق ميراث بابت مشهور ڪتاب سراجي جو سنڌي ترجمو نيرون ڪوٽ جي هڪ عالم 10هين صدي ڌاري ڪيو. ٻارهين صدي هجري ۾ سنڌ جي مايه ناز عالم دين حضرت عبدالرحيم گروهڙي رحمة الله عليه (1129_ 1192هه) "اساس



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

الفرائض يعني سنڌي ترڪي واري ” نالي منظوم ڪتاب جوڙيو. ان کان علاوه ماضي قريب ۾ حضرت مفتي محمد قاسم مشوري رحمة الله عليہ (1316ـ1410ه /1898ـ 1990ع) سنڌي ۾ معلم الفرائض نالي عمده ڪتاب لکيو جيڪو نهايت جامع ۽ مانع انداز ۾ تصنيف ٿيل آهي. انهن ڪتابن کان سواءِ ڪجهه ٻين عالمن بہ لکيو آهي پر ان هوندي بہ ميراث بابت لکيل سنڌي ڪتابن جي کوٽ شدت سان محسوس ڪئي ٿي وڃي.

هي ڪتاب عام ماڻهو، شاگردن، وڪيلن ۽ توڙي عالمن لاءِ يڪسان طور مفيد آهي. ڪا بہ تصنيف مڪمل ناهي هوندي مٿان من صنف قد استُحدف جا تير ناقدن جي نظر مان لڳڻ معمول جو ورتاءُ آهي. اهلِ علم کي التماس آهي تہ هن ڪتاب ۾ ڪا ڀل چڪ يا اوڻائي نظر اچي يا ڪو صائب مشورو هجي تہ ضرور ٻڌائين. جنهن جي دل جي گهرائين سان آجيان ٿيندي.

والد گرامي جي وصال کي 25 سال گذري ويا آهن خبر ئي نہ پئي. جڻ ڪلهہ ڪلهوڪي جي ڳالهہ آ. پيٽ پوجا ۽ نفسا نفسي ۾ اهڙو اڙجي وياسين جو بابا سائين عليہ الرحمه جا ڪتاب وقت سر نہ ڇپائي سگهياسين. بفحواء “ڪل امر مرهون باوقاتها ” متان ائين ئي ٿيڻو هو. پر پوءِ بہ آئون سمجهان ٿو ڪوتاهي ٿي آهي.

آخر ۾ آئون احسانمند آهيان اسان جي محسن علم دوست محترم جناب سيد سڪندر علي شاهہ ، ڊائريڪٽر جنرل، پريس انفارميشن ڊپارٽمنٽ ڪراچي ۽ محترم سائين رفيق احمد پيرزاده صاحب، سُڪار اخبار ڪراچي جا، جن جي خصوصي شفقتن، مشورن ۽ مهربانين کان سواءِ هن ڪتاب جي ڇپائي جو خواب، سو بہ ههڙي سهڻي انداز ۾، شايد پورو نہ ٿئي ها، هونءَ بہ شاهہ صاحب، ڏٺي کيس خضري حياتي ڏئي، اڻ وسرندڙ نفيس ۽ خانداني ماڻهو آهي. پاڻ انهن اڻ لڀ پلوڙ انسانن مان آهي جن وٽان سڪبو ۽ پرائبو آهي. مون سان هميشہ وڏي ڀاءُ وانگر مهربان رهيا آهن.

۽ وڏا وڙ جاويد احمد چانڊيو صاحب جا ، جنهن پي آءِ ڊي ڪراچي ۾ پوسٽنگ دوران الله لڳ ڏينهن جا ڏينهن مون سان ويهي هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪئي. اجرهم الله اجرًا عظيمًا .

آ گي جا اڻ ڳڻيا احسان جنهن والد گرامي عليہ الرحمه جي لکيل هن ڪتاب کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪئي، سندس بارگاهہ عالم پناهہ ۾ عرض آهي تہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب کي مستطاب ۽ مقبول ڪري پڙهندڙن لاءِ مستفيد و مستفيض بڻائي ۽ حضرت مصنف رحمة الله عليہ لاء صدقہ جاريہ ڪري درجات ۾ بلندي جو باعث بڻائي ، آمين بجاه النبي الامين.

محمد خالد معراج عباسي سڪندري
ڪراچي
5 مارچ 2019
موبائل ۽ واٽس اپ نمبر: 0333_2513393
mkhalimdmairaj@yahoo.com



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# تقريظ*

استاذ العلماء  مفتيءِ اعظم پاڪستان شيخ الحديث مفتي محمد رحيم سڪندري
دامت برڪاتهم العاليہ
مهتمم جامعہ راشديہ و پيش امام مسجد شريف درگاه عاليہ راشديہ قادريہ
پير جو ڳوٺ ، خيرپورميرس ، سنڌ

-----------------------------------------------------------

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فقير محمد رحيم سڪندري
ڪراچي
17.12.2018

حضرت علامہ مولانا عبدالواحد عباسي رحمة الله عليہ جن بليغ خطيب، ميراث جا بهترين ۽ جيد عالم هئا. طالب علمي جي زماني ۾ ذوي الفروض ۽ عصبن جي ميراث جو هڪڙو چارٽ ناهيو هيائون.

شائستہ خطابت فرمائيندا هئا، جنهن ۾ ڪنهن جي دل آزاري جو پهلو ڪو نہ هوندو هو. خطاب دوران پسٽل بہ ميز تي رکندا هئا. مخالف کي چيلنج جي انداز ۾ لاجواب رکندا هئا. بلوچستان ۾ سندن تقرير گهڻي پسند ڪئي

* نوٽ ؛ استاد سائين جن ڪراچي واري گهر ۾صوفي تي نوٽ رکي فالج زده هٿ سان قلم ڪٽي هوريان هوريان هي بہ لفظ لکي ڏنا. پاڻ فرمايائون تہ لکڻ لاء گهڻو ڪجھ آهي پر هٿ ۾ تڪليف سبب لکي نٿو سگهان . 12 معراج



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويندي هئي. ڳڙهي حسن، مانجهي پور، ٿل، جيڪب آباد ۽ آس پاس سندن خطاب هر سال رهندو هو .

مولانا رحمة الله عليہ پنهنجي صاحبزادگان جي ديني تعليم سان گڏ انجنيئرنگ وغيره جو بهترين انتظام فرمايو هو. الله تعاليٰ سندن قبر شريف تي رحمتون نازل فرمائي.

جامعہ راشديہ مان جيڪي بهترين عالم خطيب ۽ واعظ فارغ ٿيا ، تن ۾ سائين مرحوم جو نالو پڻ منفرد هو. خطيبِ پاڪستان مفتي عبدالرحيم رحمة الله عليہ ، سيد غوث محمد شاهہ ، ۽ مولانا نذير احمد رياستي سان گڏ سائين کي پسند ڪيو ويندو هو.

آئون جڏهن سکر ويندو هوس تہ سائين جن سان ملاقات لاءِ سندن جاءِ تي ميناره مسجد ضرور ويندو هوس. متي ڏاڪڻيون چڙهڻ مشڪل هو، تنهنڪري هيٺ ئي ملاقات ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن زور پري متي وٺي هلي بہ ويهاريندا هئا. حال حاضر چانهہ ٿڌو پياريندا يا ٻي خدمت ڪندا هئا.

الله تعاليٰ سيني بزرگن تي رحمتون فرمائي. آمين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مصنفِ ڪتاب مفتي محمد عبدالواحد عباسي سڪندري قدس سره جي زندگي جو مختصر احوال

الله تبارڪ و تعالىٰ هر دور ۾ اهڙا مٽيادار باڪمال ٻانها پيدا ڪندو رهي ٿو جن کي ڏسي انسان جي اک اڇرج ۾ پئجيو وڃي، قدرت طرفان بي مثال خوبين ۽ اڻ ڳڻ ڏات ۽ ڏانءَ سان نوازيل، اهڙن املهہ ۽ اڻ لڀ ماڻهن مان، سڪندري عالمن جي سونهن واعظِ اسلام علامہ مفتي محمد عبدالواحد عباسي سڪندري قدس سره بہ هڪ هو.

رب ڪريم منجهن خوبين جو خزانو رکيو هو. پاڻ پلا خطيب، استاد، منتظم، ليکڪ، مناظر، ۽ مدبر هئا تہ ڳڏوڳڏ عابد، زاهد، فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول هئا. سندن شخصيت مقناطيسي اثر رکندڙ هئي، پاڻ خوش لباس، خوش مزاج ، خوش خط ۽ گلڪاري جي فن ۾ ماهر هئا.

پاڻ خدا داد حسن ۽ جمال جا مالڪ هئا. سندن اکيون وڏيون، نڪ سنهو ڊگهو، چپ سنها، پروون وڏيون، چهرو گول چمڪندڙ سونهاري سان پريل، شهپر وڏا، رنگ ڳاڙهو ۽ قد بلند هو. هڪ اک جي سفيدي ۾ ۽ نڪ جي پاڙ ۾ ڪارا تر سندن رخ زيبا تي تمام گهڻو نهندا هئا. پاڻ هميشہ سفيد ڪپڙا پائيندا ۽ بوسڪي جو پٽڪو (دستار) ٻڌندا هئا. جڏهن واعظ ڪندا هئا تہ مرشد جو مليل جُبو مبارڪ ضرور پائيندا هئا. عطر گهڻو پسند ڪندا هئا.

## ولادت با سعادت

پاڻ پنوعاقل جي قديمي ڳوٺ نرچ ۾ فقيرخاوند بخش ڪلهوڙو جي گهر ۾ 13 آگسٽ 1944ع تي اکيون کوليون. هن ڳوٺ کي الله وارن جي قدم بوسي ۽ ميزباني جو شرف حاصل رهندو آيو آهي. پهرئين پير پاڳاري حضرت صبغت الله شاهہ اول کان حضرت شاهہ مردان شاهہ ثاني المعروف ڇٽ ڌڻي عليہ الرحمہ تائين تقريبا سيني پاڳارن جي هن ڳوٺ ۾ آمد ٿي آهي. ساڳي وقت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي پنهنجي دور جي ڪهڙن جي مخدومن بزرگن ٻه هتي اچي ڳوٺ وارن ڪي دعائن ۽ دعوتن سان نوازيو آهي. هن ڳوٺ ۾ وقت جو جنيد حافظ الملت حضرت محمد صديق پرچوندي وارو سائين ٻه تشريف فرما ٿيو آهي . مولانا تاج محمود امروٽي ٻه اڪثر ايندو رهندو هو. هاليجي واري پير مولانا حماد الله انيڙ ته هن ڳوٺ ۾ رهي ڪري ديني تعليم ورتي هئي. اهڙي شاهدي سندس زباني سندس ملفوظات ۾ موجود آهي.

سندن نسب هن طرح آهي ؛

محمد عبدالواحد بن خاوند بخش بن محمد قاسم بن خالق ڏنو بن گل محمد بن خالق ڏنو بن محمد عالم بن خاوند بخش

## ابتدائي تعليم

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائون. اتان ئي فائنل جو امتحان 1957ع ۾ پاس ڪيائون. سندن استادن ۾استاد خاوند بخش واڳهو ۽ استاد عبدالرحمٰن دايو قابلِ ذڪر آهن. قدرت جو ڪرشمو چئجي يا هن اسڪول جي سعادت ، جو پاڻ هن اسڪول جا پهريان فارغ التحصيل آهن .اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ پهريون نالو سندن ئي داخل ٿيل آهي.

## ديني تعليم

سندن والد سڳوري، استاد عبدالرحمٰن دايو جي ڀاءُ عبدالقادر جي مشوري تي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪين پهرين محرم الحرام 1378 هه بمطابق 8 مئي 1958ع تي پنوعاقل جي لوڙهي واري مدرسي بنام مدينة العلوم ۾ داخل ڪرايو، جتي گلستان ۽ بوستان تائين فارسي پڙهيا. سندن والد محترم ڪين لوڙهي واري مدرسي مان ڪڍي سنڌ جي عظيم ديني درسگاهه جامعه راشديه پير جو ڳوٺ ۾ 15 شوال المڪرم 1379هه بمطابق 1959ع تي داخل ڪرايو. جتي مهربان ۽ صاحبِ نظر استادن وٽ پڙهي ستن سالن ۾ درسِ نظامي ۽ دوره حديث جي تڪميل ڪري 23 سالن جي عمر ۾ 27 رجب 1386هه بمطابق 18 نومبر 1966ع تي بروز جمعو مبارڪ دستارِ فضيلت ٻڌي. علاوه



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ازين، پاڻ حيدرآباد ۾ رهي مولوي عربي، مولوي عالم ۽ مولوي فاضل جا امتحان ڏئي سندون حاصل ڪيائون.

## سندن اساتذه ڪرام

سندن اساتذه ڪرام ۾ مفتيءَ اعظم پاڪستان مفتي صاحبداد خان جمالي، علامہ مفتي محمد صالح مهر، علامہ سيد محمد حسين امام اختر، علامہ عبدالصمد ميتلو صاحب، زبده السالڪين علامہ مولانا تقدس علي خان رحمت الله عليهم اجمعين جا نالا تمام اهم آهن،

## سندن هم عصر علماء و صلحاء

سندن معاصرين جي طويل فهرست آهي، پر جن سان سندن گهاٽي عليڪ سليڪ هئي تن ۾ هي نالا سرِ دست ذهن تي تا اچن : شيخ الحديث مفتي محمد رحيم ڪوسو سڪندري مد ظلہ ، سلطان الواعظين مفتي عبدالرحيم شر سڪندري عليہ الرحمہ، بلبلِ سنڌ قاضي دوست محمد لاڙڪاڻو، سيد غوث محمد شاهہ جيلاني عليہ الرحمہ، صوفي باصفا مولانا علي شير تلوياندو مد ظلہ، مفتي نذير احمد اعواڻ سڪندري رحيم يار خان، مولوي عبداللطيف سڪندري عليہ الرحمہ ، مولوي قربان علي عباسي سڪندري عليہ الرحمہ، مفتي غلام قادر ڀوهيو ڪراچي، مولانا عبدالباقي پيش امام شاهجهان مسجد ٺٽو، مفتي محمد حسين قادري عليہ الرحمہ سکر، مفتي اقبال حسين شاهہ فيضي عليہ الرحمہ سکر، مفتي محمد عبدالستار چشتي عليہ الرحمہ گهوٽڪي، مفتي محمد شريف سرڪي ٺل، بلبلِ مدينہ مولانا محمد ادريس ڏاهري مد ظلہ الباري شاهپورجهانيہ لڳ مورو ، مولانا محمد عثمان ميمڻ عليہ الرحمہ مورو، مرحوم مولوي محمد رفيق ڪڏي وارو سکر ، مفتي محمد عارف سعيدي سکر، بقيہ السلف حضرت علامہ محمد قاسم ڳڙهي ياسيني عليہ الرحمہ ، مولانا الاهي بخش سڪندري پليڏنوآباد ، علامہ خان محمد رحماني عباسي ٻانڊي نوابشاهہ، مولانا نصرالله ٻرڙوصاحب رحمت الله عليہ شڪارپور، قاري محمد اجمل نيازي ڪوئٽہ وغيرهم.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان کان علاوه حضرت پيرسيد غلام حسين شاھ بخاري مدظلہ العالي قنبر وارو، چيف آف سمات سردارحاجي واحد بخش خان سرکي، پيرسيد صبغت الله شاه راڻيپور ، پيرسيد عاشق علي شاه جيلاني رحمت الله عليہ ديھہ سوھو خيرپورميرس، ۽ پرچوندي شريف جي پيران ڪرام سان سندن سنو واسطو ھو.

## ديني خدمتن جون سلسلو

دستاربندي کان بعد ۾ سندن استاد مولوي محمد صالح مھر عليہ الرحمہ کين مختلف ھنڌن تي دين جي خدمت لاء موڪليندا ھئا ۽ پاڻ استاد جي حڪمن جي پيروي ڪندا رھيا.

پھريان نوشھروفيروز جي اولھہ ۾ واقع ڳوٺ ميان محمد ابراھيم ٻوھيو ۾ ديني خدمت لاءِ موڪليا ويا، جتان جي قديمي مسجد سان ملحق 12 جمادي الاول 1386ھ بمطابق جولاءِ 1966ع تي جامعہ راشديہ جي شاخ بنام "سڪندريہ راشديہ" قائم ڪيائون.

پاڻ گھر کان پري ھئڻ ڪري پنھنجي مربي استاد محمد صالح مھر عليہ الرحمہ جي اجازت سان پنوعاقل آيا، جتي پنوعاقل لڳ ڳوٺ جمعو حر ۾ مدرسہ صبغت النور جو بنياد 12 شعبان 1388 ھ بمطابق نومبر 1968ع بروز سومر تي رکيائون. پنوعاقل ۾ پاڻ ھڪ تنظيم بنام"انجمن تحفظِ اھل السنت والجماعت" ناھيائون، جنھن تحت عظيم الشان جلسا ڪرايا ويا. انھن جلسن ڪري علائقي ۾ اھلِ سنت کي وڏي تقويت ملي. سني منظم ٿيا ۽ مدرسي تيزي سان ترقي ڪئي. پر افسوس انتظامي اختلافن سبب پاڻ اتي گھڻو نہ رھي سگھيا.

اتان موٽي اچي پنھنجي ڳوٺ 13 جمادي الآخر 1390ھ بمطابق 17 آگسٽ 1970 ع تي جامعہ راشديہ جي شاخ نالي "مدرسہ عباسيہ زاھديہ" قائم ڪيائون. ھي مدرسو ٿوري مدت ۾ ڪافي مچي ويو.ھن مدرسي مان پڙھي جيڪي عالم اڳتي ھلي جامعہ راشديہ مان فارغ التحصيل ٿيا تن مان مولوي ميان فقير محمد انيڙ سڪندري، مولوي محمد صادق، مولوي محمد قابل عباسي سڪندري،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مشههور مشهور شاعر ۽ نعت خوان مولوي عبداللطيف عرشي عباسي سڪندري، مولوي قائم الدين سڪندري جيسلميري هندستاني (سابق وزير لائيواسٽاڪ ۽ صلاحڪار وزير اعليٰ راجستان، انڊيا)، مولوي محمد اسلم سڪندري، مولوي حافظ محمد موسىٰ ابوپوٽو سڪندري، مولوي محمد ابراهيم خطيب ڏهرڪي ۽ مولوي عبدالرحمٰن چنو سڪندري قابل ذڪر آهن.

ان ڪان پوءِ پاڻ استاد محمد صالح سائين رحمت الله عليہ جن جي حڪم تي سينارجا جي جامع مسجد ۾ خطابت جا فرائض سرانجام ڏيندا رهيا. منجهن موجود خطابت جي خداداد صلاحيت سبب مسجد شريف جماعت لاءِ تنگ ٿي پئي، جو اتان جي سيٺ ولي محمد ياٺي مِل واري، هڪ لک جي لاڳت سان ٻيهر مسجد کي ڪشادو ڪري تعمير ڪرايو. پاڻ مسجد سان گڏ 20 صفر المظفر 1395هه بمطابق 20 فيبروري 1975ع تي هڪ مدرسو بنام انوار التوحيد بہ قائم ڪيائون. سگهو ئي پنهنجي استاد جي حڪم کي لبيڪ چئي 9 ربيع الثاني 1399هه بمطابق 9 اپريل 1976ع تي ميناره مسجد غريب آباد سکر (محڪمہ اوقاف حڪومتِ سنڌ) جي خطابت جون واڳون سنڀاليائون. جتي آخري دم تائين خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا.

سکر ۾ قيام دوران پاڻ بہ سال جامعہ غوثيہ ۾ صدر مدرس طور پڙهايائون، تہ تحرير ۽ فتوىٰ جا فرائض بہ سرانجام ڏيندا رهيا. 1990ع ڌاري ميناره مسجد کان اولهہ طرف جامعہ راشديہ جي شاخ مدرسو "عربيہ سڪندريہ تعليم القرآن" پڻ قائم ڪيائون. جيڪو اڄ تائين موجود آهي، هن مدرسي ۾ راقم الحروف وٽن ڪنز قدوري تائين پڙهيو. علاوه ازين، مولانا صدرالدين عباسي خطيب وار مبارڪ روهڙي شريف، مولوي محمد حسن سڪندري ڪنڊيارو، فقير محمد واصل انڍڙ سجاده نشين خانقاه عاليہ ميان حنيفو پنوعاقل، مولوي نورمحمد قاسمي مرڪزي اڳواڻ سني تحريڪ سکر، مولوي حبيب الله ڊيره مراد جمالي، مولوي محمد ابراهيم بگٽي ڊيره بگٽي، نبي بخش بگٽي ڊيره بگٽي، حافظ نالي منوشيخ قاسمي گمبٽ، حافظ محمد زاهد لوڊو سلطان ڪوٽ ، حافظ غلام النبي ڪلهوڙو پنوعاقل وغيره بہ هتان فيض پرايو.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻ فراغت کان پوء جتي بہ رهيا مدرسا قائم ڪري نهايت شوق سان تدريس جا فرائض بہ سرانجام ڏنائون، پاڻ نوشهرو فيروز، پنوعاقل، پنهنجي ڳوٺ نرچ، سينارجا ۽ سکر شهر ۾ مدرسا قائم ڪيائون جي سواء ڳوٺ نرچ واري مدرسي جي، اڄ بہ جاري و ساري آهن. ڪين الله تعالي طرفان ٿوري عمر ملي. ان ٿوري عمر ۾ بہ پاڻ دين جي خدمت کان هڪ لمحو بہ ضايع نہ ڪيائون. لڳ ڀڳ 22 سالن جي عمر ۾ دستار بڌي فارغ ٿيا. اينڌڙ ڏهن سالن ۾ چار مدرسا کولي ديني تدريس ۽ تبليغ ڪيائون. 32 سالن جي عمر ۾ بطور خطيب اوقاف کاتي ۾سرڪاري نوڪري تي چڙهيا.

## رهڻي ڪهڻي ۽ ورتاء

سائين جن جي ذات اهل سنت جو سرمايو هئي، سندن علمي ادبي ۽ تبليغي سرگرميون ناقابلِ فراموش آهن، سندن زندگي جُهدِ مسلسل جو نمونو هئي، هيئائين ۽ عاجزي سندن شيوو هئي، ننڍي کان ننڍو ڪم پاڻ ڪرڻ ۾ عيب نہ سمجهندا هئا. گهرن جو ڪتون تانگهڻ ۽ بسترو ويڙهڻ ۾ ڪو عار محسوس نہ ڪندا هئا. ٻار ٻچا ساڻ رهائڻ کان اڳ ۾ سکر کان هڪ ڏينهن لاءِ ڳوٺ ويندا هئا تہ بہ ڪوڏر ڪٽي گهر جي باغيچي جي سنوت ڪرڻ ۽ گل ٻوٽا پوکڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، ايتري قدر جو ڪڏهن ڪڏهن گهر جي صحن ۾ چنڪار بہ پاڻ ڪندا هئا.

پاڻ صوم و صلوٰت جا پابند هئا. تهجد ، اشراق ۽ اوابين جا نفل پڙهڻ تي هميشگي رکندڙ هئا. هڪ ڀيري رات جو روئڻ جو آواز ٻڌي جاڳي پيس مون ڏٺو تہ پاڻ مسجد جي ڪنڊ ۾ روئي رهيا هئا. سڀني مسلمانن جي لاءِ هميشہ دعاڳو هوندا هئا. زندگي ۾ جنهن سان بہ واسطو پيو ان لاءِ پنهنجي خلوت ۾ دعاگو هوندا هئا. هڪ ڀيري پندرهين شعبان يا ستاويهين رمضان جي موقعي تي نماز تسبيح جماعت سان ادا ڪري گهر آيا ۽ سمورن گهر ڀاتين کي گڏ ڪري دعا گهريائون اسان آمين پئي چئي سون. سندن اکيون آليون هيون، دعا ايتري تہ ڊگهي گهريائون جو اسان جا هٿ ٿڪجي پيا. آئون دعا ۾ ڪلي وينس تہ پاڻ دعا ختم ڪيائون. ان مان سندن انسانن سان همدردي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## روزاني جو معمول

پاڻ صبح جو تهجد پڙهي قادري سلسلي جو جهري ذڪر ڪندا هئا . تنهن ڪان پوء مسجد ۾ فجر جي نماز پڙهائيندا هئا. نماز ڪان فوري بعد وينل جماعت ڏانهن منهن ڪري اسپيڪر تي مشڪوٰت شريف جو ويني درس ڏيندا هئا، ايتري تائين جو سج اڀري ايندو هو. درس جو دورانيو اڌ منو ڪلاڪ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن درس ۾ بوجوه ناغو به ڪندا هئا. درس ڪان پوء شاگردن کي اسباق ڏيندا هئا. شاگرد مختلف درجن جا هوندا هئا. ڪي تفسير جلالين ته ڪي هدايه پڙهندا هئا . ڪي قدوري ته ڪي نحو و صرف جا ڪتاب، ته وري ڪي ادب جا ڪتاب پڙهندا هئا. پاڻ سيني کي پڙهائيندا هئا. سندن پڙهائڻ جو انداز آسان هو. پاڻ سبق ياد نه هئڻ جي صورت ۾ وڙهندا نه هئا. پوئين عمر ۾ پاڻ طبيعت ۾ نرم ٿي ويا هئا. اسباق مان فارغ ٿي اشراق جا نفل پاڻ به پڙهندا هئا ته شاگردن کي به پڙهائيندا هئا. تنهن ڪان پوء مسجد مان ٻاهر نڪرندا هئا. پاڻ گهر اچي ناشتو ڪري قيلولو ڪندا هئا. ان وچ ۾ تعويذ ڏاڳو وٺندڙ مردن توڙي ماڻن جا ڳَٽڪ جمع ٿي ويندا هئا. ڪين دعا سڀُو ڏيندي ڏيندي ٻهپاري جو وقت ٿي ويندو هو. جي ڪڏهن شاگردن جا سبق نه ٿي سگهندا هئا ته تعويذن ڏيڻ واري ٽائيم مان وقت ڪڍي سبق ڏيڻ واسطي مدرسي هليا ويندا هئا.

ٻهپاري نماز پڙهائي گهر کي ٽائيم ڏيندا هئا. ان وچ ۾ ملاقاتن جو سلسلو به هلندو رهندو هو. ٿهپاري نماز ڪان بعد به گهر ۾ رهي ڪتابن جو مطالعو وغيره ڪندا هئا. شام نما جو گهر جي ڇت تي ويهندا هئا جتي مٽ مائٽن يا گهرياتين سا ڪچهري ڪندا هئا. سانجهي نماز پڙهائڻ بعد مصلي تي ئي اوابين جا ڇهه نفل پڙهندا هئا.

پوء مدرسي ۾ وڃي ڪلاس ۾ ويهندا هئا. ان دوران ڪو رهيل سبق وٺندو هو ته ڪوسبق بابت سوال جواب ڪندو هو. سومهڻي نماز تائين اتي هوندا هئا. سومهڻي نماز پڙهائڻ ڪان پوء فورا سمهڻ جي تياري ڪندا هئا. پاڻ گوڏ پائي سمهندا هئا. سندن ننڊ جاڳ جهڙي هوندي هئي. راقم الحروف ڪيترا دفعا ننڊ دوران سندن اکين مٿان هٿ جهلي ڇانوَ ڪئي ته پاڻ جاڳي پوندا هئا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطلب ننڍ ۾ به اگر اکين مٿان پاڇو پيو ته به محسوس ڪري جاڳي پوندا هئا. پاڻ بدن ڪي زور به ڏيرائيندا هئا. زور ڏيرائندي ڏيرائيندي ڪين ننڊ اچي ويندي هئي. هي معمول راقم الحروف سندن عمر جي آخري پنجن ستن سالن ۾ ڏٺو.

## عشقِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم

سائين جن کي عشقِ رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي والدين ۽ مرشدن ڪريمن جي طرفان مليو، سندن امڙ سائڻ آخري گهڙين ۾ سڪرات ويل موجود سمورين عورتن کي درود پڙهندي چيو ته اديون وارو ڪريو، رليون وڇايو ٻنهي جهانن جو سردار منهنجو محبوب آيو آهي.”

سندن نالو عبدالواحد هو پر پاڻ حضرت حبيب ڪريم رئوف رحيم عليہ الصلوٰت والسلام سان محبت ۽ عشق سبب نالي اڳيان محمد لڳائي محمد عبدالواحد لکندا ۽ سڏائيندا هئا. سندن تقريرون عشقِ رسول جو کليو اظهار هيون. ماٺهو محرم الحرام جون دعوتون ڪٺي وٺن ايندا هئا ته پاڻ انهن کي چوندا هئا ته ؛ اهل بيت جا اسان غلام آهيون پر جي مون کان تقرير ڪرائڻي اٿو ته محبوب ڪريم عليہ الصلٰوه والسلام جي عظمت ۽ شان ۾ ڪرايو. سندن ٻنهي جهانن جي سردار سان محبت جو اندازو سندن لکيل حرمين شريفين جي سفرنامي مان به لڳائي سگهجي ٿو.

جمعو خان پناڻ جيڪو ڪوئٽا کان وڪري ڪرڻ لاء اسلامي ڪتاب آڻيندو هو. هڪ ڀيري حديث پاڪ جو ڪتاب “المستدرڪ علي الحاڪم” کڻي آيو. مون کي چٽو ياد آهي ته هو مسجد جي صحن ۾ وينو هو. سائين جن تن ڏينهن ۾ تنگدست هئا، مون کي ڪتاب ڏئي، روئندي فرمايائون ته ٻچا ، هي ڪتاب کڻ، هي ڪتاب نه پر اسان وٽ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ذات تشريف فرما ٿيا آهن، ان کان وڏيڪ سعادت ٻئي ڪهڙي !.

جڏهن سندن علاج واسطي ڪراچي وياسون، اتي هڪ عزيز جي گهر رهائش هئي. هڪ ڏينهن سائين جن ستا پيا هئا ته مون حاجي غلام النبي مهيسر مرحوم جو هي مولود پنهنجي منهن جهونگاريو ؛



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هزارين قرب هادي جا حليمان حال تنهنجي تي
خدا بخشي ڏنو توکي محمد حال تنهنجي تي.

مون پاسو ورائي ڏنو تہ پاڻ زارو قطار روئي رهيا هئا. مون کي فرمايائون تہ پٽ، مولود پورو ڪر. مون جهڙو تهڙو مولود پڙهي پورو تہ ڪيو پر سندن سڏڪن سان روئڻ مون کي بہ روئاري وڌو .

## وفات وقت زيارتِ رسول صلي الله عليہ وسلم نصيب ٿيڻ

ايس آء يو ٽي ڪراچي جي وارڊ ۾ آخري ٻن ٽن ڏينهن ۾ اچانڪ سندن زبان تي درود شريف جو ورد تيز ٿي ويو. سندن اکين ۾ نير وهي آيا. ان وقت تي موجود عزيزن جو چوڻ آهي تہ پاڻ ڪين بہ درود پڙهڻ لاء چيائون. بعد ۾ پاڻ سڀُورن صلي الله عليہ وسلم جي آمد جي خوشخبري ٻڌايائون.

## طريقت ۾ بيعت ۽ طريقت جو استاد

پاڻ ستين پاڳاري حضرت شاهہ مردان شاهہ ثاني المعروف ڇٽ ڌڻي رحمت الله عليہ کان ذڪر وٺي بيعت ڪيائون. جي.ن تہ حر جماعت ۾ طريقت جو استاد وٺڻ لازمي هوندو آهي. تصوف جي ان روايت مطابق سندن طريقت جو استاد ، حال ۽ قال جو صاحب گمبو فقير ڪنيڙو رحمت الله عليہ (مدفن مڪان، پير جو ڳوٺ) هو.

## مرشد ڪريم سان ديوانہ وار محبت

پاڻ پنهنجي مرشد جا پتنگ پروانا هئا. مرشد ڪريمن سان سندن تعلق، محبت ۽ عقيدت بي مثل هئي. جيئن مون عرض ڪيو تہ پاڻ مرشد جي محبت پنهنجي والد صاحب کان ورتائون. سندن والد جيستائين زنده رهيو، عيد مرشد جي ديدار کان سواءِ نہ ڪيائين. عيد ويجهي اچڻ تي ڪو بہ ڪيس درگاهہ تي هلڻ جي صلاح هڻندو هو تہ هو اڪثر هي ناقابلِ فراموش الفاظ چوندو هو "بابا ، گرهہ گهٽ تہ بہ پرين وٽ". هن سورهيہ بادشاهہ کان ذڪر ورتو هو. هن آڏو جڏهن بہ سورهيہ سهڻي جو ذڪر نڪرندو هو تہ يڪدم اکيون پرجي وينديون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئس، پير سائين چٽ ڏٽي رحمت الله عليہ جي تاجپوشي ۽ ان کان پوءِ تقرير دوران روضي پاڪ مان نڪتل لاٽ جو پير سائين جي چهري تي پوڻ جو عيني شاهد هو.

زندگي جي آخري ربيع الاول جي مهيني ۾ پاڻ عليہ الرحمہ علاج واسطي ڪراچي ترسيل هئا. ٻارهن ربيع الاول تي ارمان مان روئي چيائون تہ اڄوڪي ڏينهن درگاهہ تي حاضري نصيب ٿيندي آهي پر افسوس اڄ نصيب نہ ٿي سگهي.

درگاہ شريف تي سڪندري عالمن جي ننگر ۽ رهائش جو بندوبست جامعہ راشديہ ۾ ٿيل هوندو هو ۽ آهي، پر پاڻ درگاهہ پاڪ جي جماعت خاني ۾ زمين تي پاٿاري هڻي ڪري ڏولي جو ننگر کائڻ کي خوش نصيبي سمجهندا هئا. هميشہ عام جماعت وانگر ٻارن ٻچن سميت پاٿاري تي سمهي رات گذاريندا هئا.

سندن لکيل ڪتاب "طريقت الذڪر" جڏهن لاهور کان ڇپجي پڌرو ٿيو تہ پاڻ شڪراني جا نفل پڙهيائون. رات جو پير سائين سورهيہ بادشاهہ جن کين ديدار ڪرائي فرمايو تہ فقير، اوهان جون مهربانيون. ايندڙ عيد تي ڪتاب پير سائين چٽ ڏٽي جي خدمت ۾ تحفي طور پيش ڪرڻ لاءِ کڻي آيا. پاڻ زيارت واري ٿلهي تي دروازي جي ڪاٻي پاسي کان تي ويٺا. پير سائين جن جيئن ٻاهر آيا تہ سمورن کي ڇڏي وٽن اچي هٿ ملائي فرمايائون، مولوي صاحب، مون لاءِ ڇا آندو اٿو؟ پاڻ کين ڪتاب پيش ڪيائون. پير سائين ڪتاب وٺي سندن شڪريو ادا ڪيو. مون ڏٺو تہ زيارت کان بعد پاڻ پوئين پير پئي آيا ۽ زاروقطار روئي رهيا هئا جو سندن مرشد ڪانئن تمام گهڻو خوش ٿيو هو. اهو ديدار سندن آخري ديدار هو، جو ان کان بعد مرشد جو ديدار قبر ۾ ٿيڻو هو.

## خطابت جو شهباز

سندن شمار اهل سنت سنڌ جي پهرين جوڙ جي مقررن ۾ ٿئي ٿو. بوسڪي جو پٽڪو ۽ سڪندري جبو پائي، ريوالور ٽيبل تي رکي بدعقيدن کي چيلنج ڪرڻ سندن خاصو هو. خطابت جي ميدان جا شهسوار هئا. سندن

خطابت ۾ شعلہ بياني بہ هئي تہ شيرين زباني بہ هئي. جڏهن سر ۾ لانڍ سان تقرير ڪندا هئا تہ ٻڌندڙ جهومندو پيو پر جي بغير سر جي ڪلام ڪندا تہ سامعين کي اهڙو گرمائي ڇڏيندا جو سندن رت بہ پگهرجي ويندو. ڪين ٻڌندڙ کي پاڻ ڏانهن مڪمل طور ڇڪي رکڻ جي ڏات مليل هئن. پاڻ سنڌ بلوچستان ۽ رياستي علائقن ۾ اسلام جي تبليغ واسطي گهڻو ويندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ اسان دليري حضرت علامہ غلام مجدد سرهندي ۽ تقرير بلبلِ سنڌ قاضي دوست محمد کان سکي.

پاڻ جهر جهنگ ۾ تقريرون ڪيائون. پنوعاقل ۾ تدريس جي ڏينهن ۾ پاڻ هٽ ۾ جهلڻ وارو لائوڊ اسپيڪر ساڻ ڪري چند نعتخوان ساڻ ڪٽي ڳوٺن ۾ اعلاء ڪلمہ حق ۽ دين جي تبليغ جي جذبي سان نڪري پوندا هئا. هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ، ٻئي کان ٽئين ڳوٺ ٿيندا في سبيل الله وعظ ڪندا هئا. پاڻ سنجيده علمي مذاڪرن ۾ پڻ پرپور حصو ورتائون. سکر شهر ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر ۾ سرڪاري سطح تي ٿيندڙ پروگرامن ۾ مهمان جي حيثيت ۾ ڪيترائي سال مسلسل شرڪت ڪندا رهيا. سنڌ جي علمي حلقن ۾ سندن علمي قد ڪاٺ جي مڃتا تمام گهڻي هئي. سکر ۾ سندن جمعي جي تقرير ايتري شهرت ماڻي جو سندن خطاب کان اڳ ئي مسجد شريف پرجي ويندي هئي. ٻڌندڙ حاضر جماعت مان ڪافي ماڻهو پري کان ڪهي ايندا هئا. ڪين ڪيترا دفعا تقريرن جي ڪيسٽن لاء رڪارڊنگ جو عرض ڪيو ويو پر پاڻ هر پيري انڪار ڪري ڇڏيائون ڇوتہ پاڻ ديني خدمت ۾ للاهيت ۽ بي ريائي پسند ڪندا هئا.

## مشڪوٰت شريف جو درس

روزانو صبح جي نماز کان پوءِ مشڪوٰت شريف جو درس ڏيڻ سندن معمول هو، جيڪو اڌ مني ڪلاڪ تي محيط هوندو هو. سندن درس سکر شهر ۾ تمام مشهور هو، لائوڊ اسپيڪر جو آواز صبح جي ٽڪ ۾ پري پري تائين ويندو هو. جهڙو سندن اندازِ بيان هو تهڙي سندن اردو سليس ۽ بليغ هئي. ڪين اردو تي ايتري دسترس حاصل هئي جو ماڻهو کين پنجابي يا مهاجر سمجهندا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا. پاڻ مشڪوٰت شريف جي جن ورقن جو درس ڏيندا هئا انهن کي بوسو ڏيندا ويندا هئا. اشتياقِ سماع جو اهو عالم هو جو محلي جون عورتون گهرن جي ڇتين تي چڙهي درس ٻڌنديون هيون.

## هر سال 26 هين رجب جي رات درگاه شريف تي خطاب ڪرڻ

26 هين رجب المرجب جي رات امام العارفين حضرت محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره العزيز جي درگاهه شريف واقع پير جو ڳوٺ تي سندن خطاب هوندو هو ۽ جناب مفتي عبدالرحيم سڪندري رحمت الله عليہ جو خطاب 28 هين رجب جي رات مقرر هوندو هو. باقي 27 هين جي رات ٻاهرين مهمان عالمن لاء خاص هوندي هئي. پاڻ اهو خطاب ڪڏهن بہ نہ گسايائون. درگاه شريف تي عظيم سعادت سمجهي خطاب ڪندا هئا. حالانڪ ان رات جي لاءِ ماڻهو دل گهريو نذرانو ۽ گهڻيون منٿون ڪندا هئا، پوءِ بہ پاڻ انڪار ڪندا هئا.

## بطور مناظرِ اهل سنت

پاڻ مسلڪ اهل سنت جي حقانيت تي پختو ايمان ۽ بي باڪ هئڻ سبب پاڻ بهترين مناظر مسلڪِ حق اهل سنت وجماعت جي حقانيت واضح ڪرڻ خاطر مناظرا ڪيائون. جلسن جي اشتهارن ۾ ڪين جلي اکرن ۾ مناظرِ اهل سنت لکيو ويندو هو. مناظري جي فن ۾ اتر سنڌ ۾ وڏو نالو ڪڍيائون. سندن دور ۾ مناظرن جو رواج هو. جواني ۾ ماحول ۽ ضرورت آهر مناظرا ڪيائون پر آخري ڏينهن ۾ پاڻ مناظرن جي في زمانہ عدم افاديت جا قائل تي ويا هئا. فرمائيندا هئا تہ مناظرن ۾ ڪا بہ ڌر پنهنجي ڳالهہ تان نہ هٽندي آهي نہ ٿي ٻئي جي سرسي مجيندي آهي، عوامي خواهش پوري ڪندي فقط سينہ زوري ۽ الزام بازي تي زور هوندو آهي. پاڻ مانجهي پور ۾ مناظرو ڪيائون جنهن ۾ وهابين کي وڏي شڪست ملي هئي. هڪ دفعي وهابي فرقي جي عقيدو رکندڙمشهور عالم مولوي عبدالله شاهہ جو اهل حديث جي هڪ عالم سان وهابين جي ميمڻ مسجد ميمڻ محلہ بئراج روڊ سکر ۾ تقليد جي مسئلي تي مناظرو ٿيڻو هو. مولوي عبدالله شاهہ پنهنجي جماعت کي اهو چئي پاڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪڍائي ويو تہ مولوي عبدالواحد عباسي سڪندري کي اهلِ سنت پاران گهرايو. هو بهترين عالم آهي، توهان کي مناظرو ڪٽي ڏيندو. پروگرام مطابق طئي ٿيل جڳهہ تي مناظرو ٿيو، جيڪو الحمدالله اهل سنت کٽيو. ان خوشي ۾ موجود ماڻهن سائين جن کي ڪلهن تي کڻي نعرا لڳايا ۽ جلوس جي صورت ۾ وچ سکر شهر ۾ کڻي آيا، ان مناظري ۾ مولوي عبدالرزاق منگريو، پيش امام مذڪوره مسجد بہ هو. آخر ۾ مولوي عبدالله شاهہ بہ آيو ۽ چوڻ لڳو مون چيو هو تہ توهان کي مناظرو مولوي عبدالواحد عباسي ئي کٽائي ڏيندو. ان کان علاوه پاڻ ٻيا بہ ڪيئي ننڍا وڏا مناظرا ڪيائون.

## شادي خانہ آبادي ۽ اولاد

سندن شادي شاگردي جي دور ۾ تقريبا 18 سالن جي عمر ۾ پنهنجي مائٽن مان هڪ يتيم ڇوڪري سان 26 شعبان المعظم 1381 ھ بروز جمعہ مبارڪ تي، جنهن مان الله تعالىٰ کين ست پٽ ۽ هڪ نياڻي عطا ڪئي. هڪ دفعي اعليٰ حضرت مولانا شاهہ احمد رضا خان بريلوي جي ڏوهٽي پنهنجي استاد سائين تقدس علي خان عليہ الرحمت جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ قبلا، منهنجي گهرواري جي طبيعت نيڪ نٿي رهي، دعا ڪريو تہ نيڪ ٿئي. پاڻ فرمايائون، “مولانا خدا تعالىٰ آپ کو فرزند عطا کري گا جس کا نام حامد رضا رکهنا ”. سائين جن عرض ڪيو تہ قبلا رب جي مهرباني سان مون کي ڇهہ پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي، رڳو دعا ڪيو تہ منهنجي گهر واري صحتياب ٿئي. پر پوءِ بہ پاڻ ساڳيا لفظ ورجايائون. الله جو شان استاد جي بشارت سان کين پٽ ڄميو، جنهن جو نالو حامد رضا ئي رکيائون.

سندن وڏو فرزند محمد زاهد عباسي انگريزي استاد هئڻ سان گڏ سکر واري مدرسي جو مهتمم آهي. سندن ٻيو نمبر فرزند محمد راشد “ارشاد”، سينئر عربي ٽيچر هئڻ سان گڏ گڏ صاحبِ ڪتاب نعت خوان شاعر پڻ آهي. سندس مولودن جي ڪتاب “محبوبن جي محبت” جا چار حصا ڇپجي چڪا آهن. الله سائين کيس سٺي آواز جي دولت سان نوازيو آهي. پاڻ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي نعت خواني ۽ مدح سرائي کي زندگي جو مقصد بڻايو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اٽائين. سندن ٽيون نمبر فرزند محمد شاهد ، مجاهد فورس ۾ ميجر جي عهدي تي فائض آهي ۽ درگاه عاليه ، مرشد ڪريم ۽ حرجماعت جي سهڻي نموني نمائندگي ڪندي وطنِ عزيز جي حفاظت ڪري رهيو آهي. جڏهن ته سندن پٽن مان چوٿون نمبر پٽ يعني راقم الحروف ۽ ڇهون نمبر پٽ صوفي محمد ساجد جامعه راشديه جا فارغ التحصيل عالم آهن. سندن پنجون نمبر پٽ محمد جاويد ، مٺي ٿرپارڪر ۾ فرض جي بجاآوري ڪندي 3 مئي 2014ع تي روڊ جي حادثي سبب شهيد ٿي ويو. محمد جاويد اردو جو بهترين نعت خوان پڻ هو. سندن استاد جي دعا جو ثمر ۽ ننڍي ۾ننڍيو فرزند محمد حامد رضا تازو تازو تعليم مڪمل ڪئي آهي.

## حج ۽ عمري جي سعادت

پاڻ 1993ع ۾ حرمين شريفين ويا ۽ حج ۽ عمري جي سعادت حاصل ڪيائون.

## عمر ڀر جي قضا ٿيل نمازن جو حساب ڀڏائڻ

پاڻ صوم وصلوٰت جا پابند هئا. ڪين نماز جو فڪر هوندو هو. وصال واري بيماري دوران ڪانئن نمازون گسي ويون هيون. وصال کان پهريان قضا ٿيل نمازن جو انگ پنهنجي شريڪِ حيات کي ٻڌايو هئائون، جو پاڻ سائڻ ٻڌائيندي هئي ته افسوس ڪانئس وسري ويو.

پاڻ طبيعتا ڌن دولت ڪٺو ڪرڻ پسند نه ڪندا هئا. سکر شهر ۾ پاڙي ۾گهر وڪٽنڊڙ ماڻهو سستي اگهه ۽ آسان شرطن تي گهر ۽ پلاٽ ڏيڻ جون آڇون ڪندا هئا، پر پاڻ ڪو ڌيان نه ڏنائون. اهو ئي سبب آهي جو ڪين ڏاڏاڻي ملڪيت مان، جا زمين پيءُ حصي ۾ ڏني، سا بغير اضافي جي اولاد لاء ترڪي ۾ ڇڏيائون.

جهڙي آيس جيئن ، شل تهڙي وڃان تن ڏي

## وصال شريف

ڪين جواني کان پٿري جو عارضو هو. سندن هڪ گردو خراب ٿي ويو هو ، جنهن جي ڪڍائڻ جو مشورو ڪين ڊاڪٽر اديب رضوي ڪراچي واري ڏنو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو. پر پاڻ بوجوهه ڊاڪٽر جي مشوري تي عمل نه ڪري سگهيا. آخري چند ڏينهن ڊائلاسز تي رهيا. ان دوران ڪين شديد يرقان ٿي پيو، جنهن سبب ٻاونجاهه سالن جي ننڍي ڄمار ۾ ايس- آءِ - يو- تي ڪراچي جي انتهائي نگهداشتي وارڊ ۾ 9 سيپٽمبر 1995ع تي هي فاني جهان ڇڏي وڃي حقيقي مالڪ جل جلاله سان مليا. اناللهِ وانا اليه راجعون.

سندن وصال جي خبر سموري سنڌ ۾ باهه وانگر ڦهلجي وئي. سندن جنازي ۾ ويجهو ٻه پري جا سوين ماڻهو خصوصا علماءِ ڪرام ۽ حفاظِ عظام شريڪ ٿيا. سندن جنازي نماز درگاهه شريف پير جوڳوٺ جي پيش امام ۽ شيخ الجامعه جامعه راشديه شيخ الحديث سائين مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب پڙهائي. مرشدن جي خصوصي نظر چئجي جو سندن جنازو ڳوٺ جي جامع مسجد جي اڳيان مرشدن جي زيارتگاهه واري جڳهه يعني ڳوٺ ۾ واقع پير صاحب جي ڪوٺ واري هنڌ پڙهيو ويو. ڪين هزارين آلين اکين سان پنهنجي اباڻي قبرستان ڳوٺ نرچ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندن ٻارهو شريف هر سال عقيدت ۽ احترام سان ٿيندو آهي. سندن اندوهناڪ اچانڪ وڇوڙي تي حسانِ سنڌ حاجي غلام النبي مهيسر مرحوم ٻه ٻين شاعرن شعر چيا ، جي مضمون جي طوالت جي خوف کان هت نٿا ڏجن.

لڙيو سج لڪن تان ، راسيو ڏيئي رنگ
جنهن سان منهنجو سنگ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو. (شاهه)

**تصنيف و تاليف**

پاڻ قلم و قرطاس جا ڌڻي ۽ بهترين قلمڪار هئا، الراشد رسالي جا ايڊيٽر رهيا ته الراشد لاءِ مضمون به لکيائون. حج کان موٽڻ بعد وصال تائين تصنيف جي ڪم کي تيز ڪري ڇڏيائون.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻ جيڪي تصنيفون يادگار ڇڏيائون تن جو تفصيل هن ريت آهي:

1. طريقت الذڪر (ڇپيل)
2. حقوق الوارثين مع التحاريرالاربعين (زيرِ طبع )
3. سفرنامہ حرمين شريفين ( اڻ ڇپيل)
4. مواعظ عباسيہ (اڻ مڪمل، اڻ ڇپيل)
5. طريقہء حج و عمره (اڻ ڇپيل)
6. واقعہء معراج (اڻ ڇپيل)
7. مانجهي پور مناظري جو اکين ڏٺو احوال (اڻ ڇپيل)
8. مضمونن جو مجموعو (اڻ ڇپيل)
9. سائين جا ۽ سائين ڏي لکيل خطن جو مجموعو (اڻ ڇپيل).

احقر العباد
محمد خالد معراج عباسي سڪندري
عفا اللہ تعاليٰ عنہ
7 مارچ 2019ع



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لِّلرِّجَالِ نَصِيبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدَانِ وَالْأَقْرَبُونَ وَلِلنِّسَاءِ نَصِيبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدَانِ وَالْأَقْرَبُونَ مِمَّا قَلَّ مِنْهُ أَوْ كَثُرَ ۚ نَصِيبًا مَّفْرُوضًا ﴿٧﴾

(سورة النساءِ آيت 7)

تِلْكَ حُدُودُ اللَّهِ ۚ وَمَن يُطِعِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ يُدْخِلْهُ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا ۚ وَذَٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿١٣﴾ وَمَن يَعْصِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ وَيَتَعَدَّ حُدُودَهُ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيهَا وَلَهُ عَذَابٌ مُّهِينٌ ﴿١٤﴾

(سورة النساءِ آيت 14-13)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

# علم الفرائض جي تحقيق

فرائض فريضة جو جمع آهي ۽ فرض کان مشتق (نڪتل) آهي. جنهن جي معنىٰ مقرر ڪرڻ، حصو واجب ٿيڻ، قطع ڪرڻ ۽ مقدار وغيره آهي. اصطلاح ۾ فرائض علم فقہ ۽ حساب جي انهن قاعدن جو نالو آهي. جنهن سان هر هڪ وارث جو حصو ميت جي ترڪي (ڇڏيل مال) مان معلوم ٿئي ٿو.

علم الفرائض هن ڪري بہ سڏيو وڃي ٿو جو خود خدا تعالىٰ اصحاب الفرائض جا حصا مقرر فرمايا آهن بغير تقسيم ڪرڻ ڪنهن پيغمبر جي وساطت سان، بخلاف ٻين سيني احڪامن جي جهڙوڪ. نماز، روزو، زڪواة ۽ حج وغيره، جو تہ انهن ۾ نصوص مجمل آهن يعني اجمالي طور بيان ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ ميراث ۾ وارثن جا حق تفصيل سان بيان فرمايا ويا آهن. جهڙوڪ، نصف (اڌ)، ربع (چوٿائي)، ثُمن (اٺوڳ)، ثُلث (ٽهائي)، ثلثين (ٻہ ٽهايون) ۽ سُدس (ڇهون حصو).

## ميت جي مال جو بيان

اسان جي حنفي عالمن جو چوڻ آهي تہ ميت جي ترڪي (ڇڏيل مال) سان چار حق واجب ۽ لاڳو آهن، جيڪي ترتيبوار هي آهن.

1 **ڪفن دفن:** ان مال مان ميت جو ڪفن ۽ دفن وچولي خرچ سان ڪيو ويندو. يعني خرچ ڪرڻ ۾ نہ ڪنجوسي ڪبي ۽ نہ وري بي جا اسراف. بهتر آهي تہ ڪفن ۾ اهڙو ڪپڙو استعمال ڪجي جهڙو ڪپڙو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميت پنهنجي زندگيءَ ۾ پائي پنهنجي دوستن احبابن سان ملڻ ويندو هو. (شريفيہ)

2 **قرض:** جيڪڏهن ميت مقروض آهي تہ ڪفن ۽ دفن ڪانپوءِ ان جي بچيل سموري مال مان قرض ادا ڪبو. چو تہ الدَين قبل الوصيہ يعني قرض وصيت پوري ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ادا ڪرڻو آهي.

3 **وصيت:**جيڪڏهن ميت ڪا وصيت ڪئي آهي تہ ڪفن دفن ۽ قرض جي ادائگي ڪان پوءِ سموري مال جي ٽين حصي مان وصيت پوري ڪبي.

4 **تقسيم:** ڪفن دفن، قرض جي ادائگي ۽ وصيت ڪان بچيل مال ميت جي وارثن ۾ قرآن، سنت ۽ اجماع امت جي حڪمن مطابق تقسيم ڪيو ويندو.

## ميراث جي تقسيم جو طريقو ۽ ترتيب

ميراث تقسيم ڪرڻ ۾ اصحاب فرائض ڪان ابتدا ڪئي ويندي چو تہ انهن جو حصو قرآن شريف مقرر ڪيو آهي. پوءِ نسبي عصبن کي ڏبو جن جو حصو قرآن شريف يا حديث ۾ مقرر ٿيل ڪونہ آهي. اصحابِ فرض ڪان بچت مال جا حقدار آهن ۽ جيڪڏهن اصحابِ فرض نہ هجن تہ پوءِ عصبا سموري مال جا مالڪ ٿيندا آهن.

جيڪڏهن نسبي عصبا نہ هجن تہ پوءِ سببي عصبن کي مال ڏبو. سببي عصبو آزاد ڪندڙ مالڪ کي يا آزاد ٿيل ٻانهي کي چئبو آهي.

مثال طور هڪ آزاد ٿيل ٻانهون مري ويو. ان جو نسبي عصبو ڪونهي تہ هاڻي انهيءَ جي ملڪيت جو حقدار آزاد ڪندڙ مالڪ آهي.

پوءِ آزاد ڪندڙ جو عصبو هن ترتيب مطابق جيڪا مٿي گذري يعني پهريائين تہ مالڪ جو نسبي عصبو حقدار آهي پر جيڪڏهن اهو نہ هجي تہ پوءِ مالڪ جو سببي عصبو حقدار ٿيندو. مگر هن صورت ۾ مالڪ جي انهن عصبن کي ملندو جيڪي مرد هجن، عورتن کي نہ ڏبو. اهڙي طرح جيڪڏهن مالڪ مري ويو تہ ان جي ڇڏيل مال جو وارث آزاد ٿيل ٻانهو ٿيندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- پوءِ جيڪڏهن ميت جي ٻنهي قسمن جا عصبا نہ هجن تہ اهو مال ٻيو دفعو اصحاب فرائض ڏانهن رد ڪبو (موٽايو ويندو) ۽ جيترو جيترو حصو پهريائين انهن کي مليو هو، ان حساب سان بچيل مال انهن تي ٻيو دفعو تقسيم ڪبو.
- پوءِ جيڪڏهن ميت جا ذوي الفروض وارث نہ هجن تہ انهيءَ شخص کي ميت جو مال ڏبو جيڪو ميت جو رشتيدار تہ هجي مگر صاحبِ فرض يا عصبو نہ هجي تہ اهڙي رشتيدار کي ذوالارحام چئبو آهي. يعني قرابتدار.
- پوءِ جيڪڏهن ذوالارحام بہ نہ هجي تہ ميت جو مال مولي الموالات کي ڏبو يعني اهو شخص جنهن سان مري ويل پنهنجي حياتي ۾ واعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن مان مري ويم تہ منهنجو مال تون کڻجان ۽ جيڪڏهن تون پهريائين مري وڃين تہ تنهنجو مال مان کڻندس.
- پوءِ جيڪڏهن مولي الموالات بہ نہ هجي تہ اهو شخص مال جو وارث ٿيندو جنهن جي نسب جي مرندڙ شخص پنهنجي مورث سان دعوىٰ ڪئي هئي ۽ چيو هيو تہ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي، ۽ ميت جو ڀاءُ اهو شخص ٿي سگهي ٿو جيڪو ميت جي پيءُ جو پٽ هجي. جڻ تہ ميت ان شخص کي پنهنجو ڀاءُ سڏي پنهنجي پيءُ سان ان شخص جو نسب ثابت ڪيو. حالانڪ هن شخص جو رشتو مرندڙ سان ثابت ڪونهي، جو تہ نہ خود مورث چيو تہ هيءُ منهنجو پٽ آهي ۽ نہ ڪنهن ٻئي شخص ان جي گواهي ڏني. انهيءَ کي عربي ۾ مقرلہ بالنسب علي الغير چئبو آهي.

جيڪڏهن اهو ڏاريو نسب جي دعوىٰ ڪندڙ بہ نہ هجي تہ پوءِ مال ان شخص کي ملندو جنهن لاءِ فوتي ٽهائي مال کان وڌيڪ يا سموري مال جي وصيت ڪئي هجي.

ياد رکڻ گهرجي تہ ميت جا جيڪڏهن وارث هجن تہ ٽهائي مال کان وڌيڪ ڪنهن شخص لاءِ وصيت ڪرڻ ناجائز آهي پوءِ جيڪڏهن ميت ٽهائي مال کان وڌيڪ وصيت ڪٽي ڪئي ٻہ، تہ بہ ٽهائيءَ مان وصيت جاري ڪبي. اهڙي طرح ان وارث لاءِ جيڪو وارث ٿئي ٿو وصيت ڪرڻ ناجائز آهي ۽ جيڪڏهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيائين تہ اها قابلِ قبول نہ آهي بشرطيڪ سمورا وارث اها ڳالھ مڃن تہ پوءِ جائز ٿيندو.

- پوءِ جيڪڏهن اهڙو وصيت ڪيل شخص بہ نہ هجي تہ سمورو مال سرڪاري خزاني بيت المال ۾ رکيو ويندو تہ جيئن مسلمانن ڪي ڪم اچي.

علام شامي رحمت الله عليہ فرمائي ٿو تہ اڄڪلھ بيت المال ظالمن جي قبضي ۾ آهي انهيءَ جو مال صحيح حقدارن تي خرچ نٿو ڪيو وڃي تنهن ڪري جيترو ٿي سگهي تہ ميت جو مال سرڪاري خزاني ۾ وڃڻ نہ ڏجي بلڪ اهڙي لاوارث جو مال فقيرن ۾ ورهائي ڇڏجي. لھٰذا جتي بيت المال تي اعتماد نہ هجي تہ اهڙي صورت ۾ ميت جو ترڪو فقيرن ۾ ورهائيو ويندو.

## چار شخص ڇئن جا وارث نٿا ٿي سگهن

1. **ٻانهون/ٻانهي حر (آزاد) جو وارث نٿو ٿي سگهي:**

ڇو تہ ميراث ۾ تمليڪ (مالڪ هجڻ) آهي، جڏهن تہ ٻانهون ڪنهن بہ شيءِ جو مالڪ نہ هوندو آهي. بلڪ هو پاڻ ٻين جي ملڪيت آهي.

2. **قاتل، مقتول جو وارث نٿو ٿي سگهي:**

ڇو تہ پاڻ سڳورن جو فرمان آهي تہ القاتلُ لايرثُ يعني قاتل وارث ناهي ٿيندو ڇاڪاڻ ٻجهي ناحق قتل ڪندڙ شخص ميت جي ورثي کان محروم رهندو بلڪ القصاصِ بالقصاصِ جي حڪم مطابق ان کي بہ قتل ڪيو ويندو.

3. **مرتد مسلمان جو وارث نٿو ٿي سگهي:**

ڇو تہ جيڪو شخص اسلام کان ڦري وڃي تہ اهو شخص واجب القتل آهي. لھٰذا مرتد نہ وارث ٿيندو مسلمان، ڪافر ۽ ذمي جو.

4. **ٻہ مختلف دين وارا هڪ ٻئي جا وارث نٿا ٿي سگهن:**

يعني ڪافر مسلمان جو ۽ مسلمان ڪافر جو وارث نٿو ٿي سگهي. حديث شريف ۾ آهي تہ لايتوارث اهل ملتين شتیٰ. يعني ٻن مختلف دين وارا هڪ ٻئي جا وارث نٿا ٿي سگهن. (مرتدُ، مسلمان يا مرتدَ مرد جو يا مرتد عورت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو وارث نہ ٿيندو. ها البتہ مسلمانُ مرتد جي ان مال جو وارث ٿيندو جيڪو ان زمانہء اسلام ۾ ڪمايو) پر دارالاسلام جو مسلمان دارالحرب جي مسلمان جو وارث ٿيندو. جڏهن تہ دارالحرب جو ڪافر دارالاسلام جي ڪافر جو وارث نہ ٿيندو، ۽ نہ دارالاسلام جو ڪافر دارالحرب جي ڪافر جو وارث ٿيندو.(هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو هر حال ۾ وارث ٿيندو پلي هڪ دارالحرب ۾ هجي ۽ ٻيو دارالاسلام ۾ هجي يا ٻئي الڳ الڳ دارالحرب ۾ رهندا هجن. مختصر تہ اختلافِ ملڪ جو قيد ڪافرن لاءِ آهي، نہ ڪي مسلمانن لاءِ).

## ذوي الفروض جا سهام

جيتريقدر حصي ونڻ جو ڪو بہ وارث مستحق هوندو آهي تہ انهيءَ ڀاڱي کي عربي ۾ "سهم" چئبو آهي.

ذوي الفروض لاءِ ڇهن قسمن جا سهام مقرر آهن:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1. | نصف | (اڌ) | $\frac{1}{2}$ | 2. | ثلث | (ٽهائي) | $\frac{1}{3}$ |
| 3. | ثلثين | (ٻہ ٽهايون) | $\frac{2}{3}$ | 4. | ربع | (چوٿائي) | $\frac{1}{4}$ |
| 5. | سدس | (ڇهون حصو) | $\frac{1}{6}$ | 6. | ثمن | (اٺوڳ) | $\frac{1}{8}$ |

## ذوي الفروض (فرضي حصن جا حقدار) ٻارهن شخص (جن مان چار مرد ۽ اٺ عورتون آهن)

مرد: 1) پيءُ 2) ڏاڏو/ پڙڏاڏو وغيره 3) مائيٽو ڀاءُ 4) مڙس

عورتون: 1) زال 2) ڌيءُ 3) پوٽي / پڙپوٽي وغيره
4) سڳي ڀيڻ 5) پيئيتي ڀيڻ 6) مائيتي ڀيڻ
7) ماءُ 8) حقيقي ڏاڏي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ذوي الفروض جي سهامن جو نقشو

| سهام (حصا) | ڪهڙا ذوي الفروض وٽي سگهن ٿا |
|---|---|
| نصف (اڌ) $\frac{1}{2}$ | 1) مڙس 2) ڌيءُ 3) پوٽي 4) حقيقي ڀيڻ 5) ڀيئيتي ڀيڻ |
| ثلث (ٽهائي) $\frac{1}{3}$ | 1) ماءُ 2) مائيتو ڀاءُ 3) مائيتي ڀيڻ |
| ثلثين (ٻہ ٽهايون) $\frac{2}{3}$ | 1) ڌيئون 2) پوٽيون 3) حقيقي ڀينرون 4) ڀيئيتون ڀينرون |
| ربع (چوٿائي) $\frac{1}{4}$ | 1) مڙس 2) زال |
| سدس (ڇهون حصو) $\frac{1}{6}$ | 1) پيءُ 2) ماءُ 3) ڏاڏو 4) ڏاڏي 5) هڪ يا زياده پوٽيون 6) هڪ يا زياده ڀيئيتون ڀينرون 7) مائيتو ڀاءُ 8) مائيتي ڀيڻ |
| ثمن (اٺون حصو) $\frac{1}{8}$ | زال يا زالون |

## سهام (حصو / حصا) حاصل ڪندڙن جو تعداد

**نصف يعني اڌ حصو حاصل ڪندڙ پنج ماڻهو آهن.**

1) ڌيءُ (پٽ نہ هجڻ وقت)
2) پوٽي (ڌيءُ نہ هجڻ وقت)
3) حقيقي ڀيڻ
4) ڀيئيتي ڀيڻ (حقيقي ڀيڻ نہ هجڻ وقت)
5) مڙس (جڏهن زال بي اولاد ٿي مري)

مثلا: حليمہ گذاري ويئي وارث ڇڏيائين مڙس، هڪ سڳي ڀيڻ ۽ هڪ چاچو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان حالت ۾ حليمہ جو مال ٻہ حصا ڪبو. اڌ مڙس کي ۽ اڌ ڌيءُ کي ڏبو ۽ چاچو محروم رهندو.

صورتِ مسئلہ:

المسئلہ من 2

الميتـــ ـــ حليمہ

| مڙس | سڳي ڌيءُ | چاچو |
|---|---|---|
| 1 | 1 | محروم |

**ربع يعني چوٿائي، چوٿون حصو حاصل ڪندڙ ٻہ ماڻهو آهن.**

1) مڙس (جڏهن فوتي زال اولاد واري هجي)

2) زال (جڏهن فوتي مڙس بي اولاد هجي)

مثلاً: الف مري ويو، وارث ڇڏيائين زال، پيئيتي ڀيڻ ۽ چاچو. ان حالت ۾ الف جو مال چار حصا ٿيندو، چوٿون حصو زال کي اڌ پيئيتي ڀيڻ کي باقي چاچي کي ڏبو.

صورتِ مسئلہ:

المسئلہ من 4

الميتـــ ـــ الف

| زال | پيئيتي ڀيڻ | چاچو |
|---|---|---|
| 1 | 2 | 1 |

**ثمن يعني اٺون حصو يا اٺوڳ حاصل ڪندڙ فقط زال آهي.**

1) زال (جڏهن فوتي مڙس اولاد وارو هجي)

مثال: زيد وارث ڇڏيا هڪ زال ۽ هڪ پٽ.

ان حالت ۾ سمورو مال اٺ حصا ڪبو. هڪ حصو زال کي باقي پٽ کي ڏبو.

صورتِ مسئلہ:

المسئلہ من 8

الميتـــ ـــ زيد

| زال | پٽ |
|---|---|
| 1 | 7 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**ثلث (يعني ٽهائي) ٽيون حصو حاصل ڪندڙ ٻه ماڻهو آهن.**

1) ماءُ (جڏهن پٽ يا پوٽو وغيره يا ٻه ڀائر يا ڀينرون نه هجن)

مثال: زيد وارث ڇڏيا ماء ۽ هڪ سڳو ڀاءُ.

ان صورت ۾ ماء کي ٽيون حصو ۽ بقايا سڳي ڀاء کي ملندو.

صورتِ مسئلہ:

المسئلہ من 3

الميت ــــــــــــــــــــــــ زيد

| سڳو ڀاءُ | ماءُ |
|---|---|
| 2 | 1 |

2) مائيٽي اولاد (جڏهن حقيقي اولاد پٽ يا ڌيئرون ٻه يا ٻن کان زياده نه هجن)

مثال: زيد وارث ڇڏيا مائيٽو ڀاءُ ۽ چاچو.

انهيءَ حالت ۾ مال ٽي حصا ڪبو، هڪ مائيٽو ڀاءُ باقي چاچو کڻندو.

صورتِ مسئلہ:

المسئلہ من 3

الميت ــــــــــــــــــــــــ زيد

| چاچو | مائيٽو ڀاءُ |
|---|---|
| 2 | 1 |

**ثلثان (يعني ٻه ٽهايون)، ٻه ٽهايون حصو حاصل ڪندڙ چار ماڻهو آهن.**

1) ٻه يا ٻن کان وڌيڪ حقيقي ڌيئرون (سڳيون ڀيئٽون مائيٽون)

2) ٻه يا ٻن کان وڌيڪ پوٽيون (جڏهن حقيقي سڳي ڌيءَ نه هجي)

3) ٻه يا ٻن کان وڌيڪ حقيقي سڳيون ڀينرون

4) ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڀيئٽون ڀينرون (جڏهن حقيقي ڀيڻ نه هجي)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مثلاً: فيروز خان وارث ڇڏيا ٻه ڌيئر ۽ هڪ چاچو.
ان صورت ۾ مال ٽي حصا ڪري ٻه حصا ٻن ڌيئرن کي ۽ باقي چاچي کي ڏبو.

صورتِ مسئلہ:

المسئلہ من 3

الميتـــــ ـــــ فيروز

| | |
|---|---|
| ٻه ڌيئر | هڪ چاچو |
| 2 | 1 |

**سدس يعني ڇهون حصو حاصل ڪندڙ ست ماڻهو آهن**

1) ماءُ (جڏهن ميت کي اولاد يعني پٽ، ڌيءُ، پوٽو، پوٽي، يا ٻه ڀائر يا ٻه ڀينرون هجن)
2) پيءُ (جڏهن پٽ يا پوٽو هجي)
3) ڏاڏو (جڏهن ميت جو پيءُ نہ هجي)
4) سڳي ڏاڏي
5) پوٽي (جڏهن ميت کي حقيقي ڌيءُ هجي)
6) پيئيتي ڀيڻ (جڏهن حقيقي ڀيڻ هجي)
7) مائيتي اولاد (جڏهن مائيتي اولاد مان هڪ هجي)

مثلاً: بلاول وارث ڇڏيا پيءُ ۽ هڪ پٽ.
تہ ان صورت ۾ ملڪيت ڇهہ حصا ڪبي. هڪ حصو پيءُ کي باقي پنج حصا پٽ کي ملندا.

صورتِ مسئلہ:

المسئلہ من 6

الميتـــــ ـــــ بلاول

| | |
|---|---|
| پيءُ | پٽ |
| 1 | 5 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ذوي الفروض مان هر هڪ وارث جو تفصيلي بيان

**پيءُ**

الله تعالىٰ پيءُ جون ٽي حالتون بيان فرمايون آهن.

(1) ميت جي پٽ يا پوٽي جي موجودگي ۾ پيءُ کي ڇهون حصو ملندو.

مثلا: زيد ڇڏيا پيءُ ۽ پٽ.

اهڙي صورت ۾ ميت جو مال ڇهه حصا ڪري، پيءُ کي ڇهون حصو ڏئي باقي پنج حصا پٽ جي حوالي ڪبا.

ڇو ته عصبو آهي.

المسئلہ من 6

الميت ——— زيد

| پيءُ | پٽ |
|---|---|
| 1 | 5 |

(2) ڌيءُ يا پوٽيءَ جي موجودگي ۾ پيءُ کي ڇهون حصو بہ ملندو ۽ جيڪو مال ڌيءُ ۽ پوٽيءَ کان بچندو اهو بہ پيءُ کي ملندو.

مثلا: حليمہ وارث ڇڏيا پيءُ ۽ ڌيءُ

المسئلہ من 6

الميت ——— حليمہ

| پيءُ | ڌيءُ |
|---|---|
| 3 | 3 |

(3) پٽ، ڌيءُ، پوٽو ۽ پوٽيءَ جي غير موجودگي ۾ پيءُ صاحب الفرض نہ آهي بلڪ محض عصبو آهي ۽ ڪل مال جو مالڪ آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مثلا: زيد وارث ڇڏيا پيءُ ۽ چاچو. تہ چاچو محروم رهندو ۽ پيءُ سموري مال جو مالڪ آهي.

يا مثلا: زيد وارث ڇڏيا پيءُ ۽ زال،

المسئلہ من 4

الميت ——— زيد

| زال | پيءُ |
|---|---|
| 3 | 1 |

**ڏاڏو:**

ڏاڏو پيءُ جي مثل آهي مگر ٽئن مسئلن ۾ فرق آهي. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(1) ڏاڏي محروم آهي جيڪڏهن ميت جو پيءُ موجود آهي. ۽ ڏاڏي وارث ٿيندي ميت جي ڏاڏي سان گڏ.

(2) ميت جي ماءُ ميت جي ڏاڏي سان گڏ سڀ مال جي ٽئين حصي جي وارث آهي. ۽ جيڪڏهن ميت جو پيءُ موجود هجي تہ ميت جي ماءُ جو حصو ٽهائي حصي مان (ردُ تي) نڪري ڪل مال مان باقي مال جو ٽهائي (ثلث) بعد فرضِ زوجين (زال مڙس) جي ملندو.

مثلاً: زيد وارث ڇڏيا زال، ماءُ ۽ پيءُ.

ان صورت ۾ ميت جو مال چار حصا ڪبو، چوٿائي (ربع) زال کي ڏئي باقي ٽن حصن مان هڪ حصو ماءُ کي ۽ ٻہ حصا پيءُ کي ڏبا.

المسئلہ من 4

الميت ——— زيد

| پيءُ | ماءُ | زال |
|---|---|---|
| 2 | 1 | 1 |

۽ جيڪڏهن پيءُ جي جڳهہ تي ڏاڏو هجي.

مثلاً: حليمہ وارث ڇڏيا مڙس، ماءُ ۽ ڏاڏو.

اهڙي صورت ۾ مال ڇهہ حصا ڪبو. اڌ مڙس کي ڏبو ۽ باقي مال جو ٽيون حصو ماءُ کي ۽ باقي بچت ڏاڏي کي ملندي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 6

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــ حليمہ

| ڏاڏو | ماءُ | مڙس |
| --- | --- | --- |
| 3 | 1 | 2 |

(3) پيئتا ۽ مائتا پيڻ، ياءُ، ميت جي پيءُ جي هوندي محروم رهندا ۽ ڏاڏي جي هوندي وارث آهن.

(4) پيءُ معتق پٽ ميت جي هوندي وارث آهي ۽ ڏاڏو محروم آهي.

(ميت جي پيءُ جي موجودگي ۾ ڏاڏو محروم رهندو ۽ ان جي غير موجودگي ۾ ان جو قائم مقام ٿي حصو ڪٽندو، جهڙي طرح پيءُ جون ٿي صورتون بيان ڪيون ويون ساڳيون ڏاڏي جون ٿينديون.)

### مڙس:

خداوندِ قدوس مڙس جون ٻہ حالتون بيان ڪيون آهن:.

(1) جيڪڏهن زال جي اولاد ناهي تہ مڙس کي اڌ ملندو.

مثلاً: فاطمہ وارث ڇڏيا مڙس ۽ چاچو.

تہ ان صورت ۾ ميت جو مال ٻہ حصا ڪبو. اڌ مڙس کي ڏبو ۽ باقي اڌ چاچو ڪٽندو.

المسئلہ من 2

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــ فاطمہ

| چاچو | مڙس |
| --- | --- |
| 1 | 1 |

(2) اگر زال جي اولاد آهي تہ مڙس کي چوٿون حصو ملندو باقي اولاد کي ڏنو ويندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 4

| الميت | حليم |
|---|---|
| مڙس | پٽ |
| 1 | 3 |

## مائيتا ڀيڻ ۽ ڀائر

الله تعالىٰ اولادِ امر يعني مائيتا ڀيڻ ڀائرن جون ٽي حالتون بيان فرمايون آهن:

(1) جيڪڏهن هڪ هجي تہ ڇهون حصو (سدس) ڪٽندو.

مثلاً: عبدالله وارث ڇڏيا هڪ مائٽو ڀاءُ ۽ چاچو.

ان صورت ۾ ميت جو مال ڇهہ حصا ڪري سدس يعني ڇهين پتي ڀاءُ کي باقي بچت مال چاچي کي ڏبو.

المسئلہ من 6

| الميت | عبدالله |
|---|---|
| مائٽو ڀاءُ | چاچو |
| 1 | 5 |

1. جيڪڏهن اهي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ هجن تہ اهي ٽهائي (ثلث) جا حقدار ٿيندا. (ان حالت ۾ ڀاءُ، ڀيڻ کي حصو برابر ملندو).

مثلا: زيد وارث ڇڏيا زال، هڪ مائٽو ڀاءُ ، هڪ مائيتي ڀيڻ ۽ چاچو.

ان صورت ۾ ميت جو مال ٻارهن حصا ڪبو، چوٿون حصو زال جو ۽ ٽهائي (ثلث) مائيتا ڀاءُ ۽ ڀيڻ ڪٽندا ۽ باقي چاچو ڪٽندو.

المسئلہ من 12

| الميت | | زيد |
|---|---|---|
| زال | ڀائيتا ڀاءُ ڀيڻ | چاچو |
| 4 | 3 | 5 |

(3) جيڪڏهن ميت جو پٽ، ڌيءُ يا پوٽو، پوٽي يا پيءُ يا ڏاڏو زندهہ آهي تہ مائيتا ڀيڻ ڀائر محروم رهندا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 3

الميت ——— زيد

| | | |
|---|---|---|
| مائيتو ڀاءُ | پٽ | ڌيءُ |
| محروم | 2 | 1 |

**زال** :

الله تعاليٰ زال جون ٻہ حالتون بيان فرمايون آهن:

(1) جيڪڏهن ميت جي اولاد نہ آهي تہ زال کي چوٿون حصو ملندو.

مثلاً: زيد وارث ڇڏيا زال ۽ چاچو

ان صورت ۾ ميت جو مال چار حصا ڪبو. چوٿون حصو زال کي ڏئي باقي چاچي کي ملندو.

المسئلہ من 4

الميت ——— زيد

| | |
|---|---|
| زال | چاچو |
| 1 | 3 |

(2) جيڪڏهن ميت جي اولاد آهي يلي ساڳي زال مان هجي يا ٻي زال مان، يلي هڪ زال هجي يا چار هجن، تہ بہ انون حصو (اٺوڻ) ڪٽنديون.

مثلاً: احمد وارث ڇڏيا زال ۽ پٽ.

تہ ان صورت ۾ مال اٺ حصا ڪري هڪ حصو زال کي باقي پٽ کي ڏنو ويندو.

المسئلہ من8

الميت ——— احمد

| | |
|---|---|
| زال | پٽ |
| 1 | 7 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڌيئرون

الله تعالىٰ ڌيئرن جون ٽي حالتون بيان فرمايون آهن.

(1) جيڪڏهن هڪ ڌيءُ آهي ته نصف يعني اڌ حصو ڪٽندي.

مثلاً: زيد وارث ڇڏيا هڪ ڌيءُ ۽ چاچو

ان صورت ۾ ميت جو مال ٻه حصا ڪبو. هڪ حصو ڌيءُ ۽ باقي چاچو ڪٽندو.

المسئله من 2

الميت ———————————————— زيد

| ڌيءُ | چاچو |
|---|---|
| 1 | 1 |

(2) جيڪڏهن ڌيئرون ٻه يا ٻن کان وڌيڪ آهن. ته انهن کي ٻه ٽهايون (ثلثين) ملندو.

مثلا: رحيمان وارث ڇڏيا ٻه ڌيئر ۽ چاچو.

ان صورت ۾ مال ٽي حصا ڪري، ٻه ٽهايون ڌيئرن کي ملندو باقي چاچو ڪٽندو.

المسئله من 3

الميت ———————————————— رحيمان

| ٻه ڌيئر | چاچو |
|---|---|
| 1 | 1 |

(3) جيڪڏهن ميت کي پٽ آهي ته ڌيئر عصبو ٿينديون للذكر مثل حظ الانثيين. يعني پٽ کي ڌيءُ کان ٻيڻو حصو ڏنو ويندو.

مثلاً: عامر وارث ڇڏيا هڪ پٽ هڪ ڌيءُ

ته ان صورت ۾ ٻه حصا پٽ ۽ هڪ حصو ڌيءُ کي ڏنو ويندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 3

| الميت | | عامر |
|---|---|---|
| | پٽ | ڌيءَ |
| | 1 | 1 |

## پوٽيون

پوٽين جون ڇهہ حالتون آهن:

1. جيڪڏهن پوٽي هڪ آهي تہ اڌ مال ڪٽندي.

مثلاً: زيد وارث ڇڏيا هڪ پوٽي ۽ هڪ چاچو تہ مال جو اڌ پوٽيءَ کي ڏبو باقي چاچي جي حوالي ڪبو.

المسئلہ من 2

| الميت | | زيد |
|---|---|---|
| | پوٽي | چاچو |
| | 1 | 1 |

(2) هڪ کان وڌيڪ پوٽيون هجڻ جي صورت ۾ ٻہ ٽهائيون (ثلثين) ڪٽنديون.

مثلاً: زيد وارث ڇڏيا ٻہ پوٽيون ۽ هڪ چاچو

تہ انهيءَ صورت ۾ ٻہ ٽهائيون پوٽين کي ڏيئي باقي بچت چاچي کي ڏبو.

المسئلہ من 3

| الميت | | زيد |
|---|---|---|
| | ٻہ پوٽيون | چاچو |
| | 2 | 1 |

نوٽ: مٿين ٻنهي حالتن ۾ شرط هيءَ آهي تہ پوٽين سان گڏ ميت جي ڪا ڌيءَ نہ هجي.

(3) پوٽيون هڪ ڌيءَ جي هوندي ڇهون حصو (سدس) ڪٽنديون.

مثلاً: زهرىٰ ڇڏيا هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پوٽي ۽ چاچو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان صورت ۾ ميت جو مال ڇهہ حصا ڪبو، اڌ ڌيءُ کي ڇھون حصو پوٽي کي ۽ باقي مال چاچي کي ملندو.

المسئلہ من 6

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زهرىٰ

| پوٽي | ڌيءُ | چاچو |
|---|---|---|
| 1 | 3 | 2 |

4. ميت جي ٻن ڌيئرن هوندي پوٽيون محروم رهنديون.
مثلاً:

المسئلہ من 3

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| پوٽي | ٻہ ڌيئر | چاچو |
|---|---|---|
| محروم | 2 | 1 |

(5) ميت جي پٽن هوندي پوٽيون محروم رهنديون.

(6) پوٽيون پنهنجي ڀاءُ يعني (ميت جي پوٽين جي هم درجي يا گهٽ درجي وارن پوٽن) هجڻ جي صورت ۾ عصبو ٿينديون يعني للذکر مثل حظ الانثيين ٻہ حصا پٽ ۽ هڪ حصو ڌيءُ واري اصول مطابق ڪٽنديون.

مثلاً: عبدالله وارث ڇڏيا ٻہ پوٽيون ۽ ٻہ پوٽا.

تہ انهيءَ صورت ۾ ميت جو مال ڇهہ حصا ڪبو، ٻہ ٻہ حصا پوٽن کي ۽ هڪ هڪ حصو پوٽين کي ڏنو ويندو.

المسئلہ من 6

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ عبدالله

| ٻہ پوٽا | ٻہ پوٽيون |
|---|---|
| 4 | 2 |

## سڳيون ڀينرون

الله تعالىٰ سڳين ڀينرن جون پنج حالتون بيان فرمايون آهن.

(1) هڪ ڀيڻ هجي تہ اڌ (نصف) ڪٽندي.

(2) ٻہ ڀينرن کان وڌيڪ ڀينرون هجن تہ ٻہ ٽهايون (ثلثان) ڪٽنديون.

مثلا: غازي مري ويو وارث ڇڏيا ٿين ٻه ڀينر ۽ هڪ چاچو.

المسئلہ من 3

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ غازي

| ٻہ ڀينر | چاچو |
|---|---|
| 2 | 1 |

(3) سڳي ڀاءُ سان عصبو ٿينديون.

مثلاً: زيد وارث ڇڏيا هڪ ڀيڻ ۽ هڪ ڀاءُ تہ ان صورت ۾ للّذکر مثل حظ الانثين مطابق تقسيم ڪبي.

المسئلہ من 3

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| ڀاءُ | ڀيڻ |
|---|---|
| 2 | 1 |

(4) ميت جي ڌيءَ يا پوٽي هوندي جيڪو ڌيءَ يا پوٽي کان بچندو ڀينر کڻنديون.

مثلاً : زيد وارث ڇڏيا ٻہ ڌيئر ۽ هڪ سڳي ڀيڻ

تہ ان صورت ۾ ميت جو مال ٽي حصا ڪري، ٻہ حصا ٻن ڌيئرن کي ۽ باقي بچت مال ڀيڻ کي ملندو.

المسئلہ من 3

الميت ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| ٻہ ڌيئر | ڀيڻ |
|---|---|
| 2 | 1 |

(5) جيڪڏهن ميت جي پوٽي زندھ آهي تہ پوٽيءَ کان بچيل مال ڀينرن کي ڏبو.

## پيئيتيون ڀيڻان

جن کي علاتي چئبو آهي. انهن جون ست حالتون آهن:

(1) جيڪڏهن هڪ پيئيتي ڀيڻ هجي تہ اڌ (نصف) کڻندي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(2) جيڪڏهن ٻه يا ٻن کان وڌيڪ پيئيتيون پينر آهن ته ٻه ٽهايون (ثلثين) ڪٽنديون.

مثلا: بڪر ٻه پيئيتون پيٽان ۽ هڪ چاچو وارث ڇڏيا.

ته ان صورت ۾ ٻه ٽهائيون پيٽن کي ڏيئي باقي مال چاچي کي ڏبو.

المسئلہ من 3

الميت ———————————— بڪر

| ٻه پيئيتيون پيٽان | چاچو |
| --- | --- |
| 2 | 1 |

(3) ميت جي هڪ سڳي پيڻ موجود آهي ته پيئيتي پينر ڇهون حصو (سدس) ڪٽنديون.

(4) جيڪڏهن ٻه پينر سڳيون آهن ته پيئيتون پينر محروم رهنديون.

(5) پيئيتون پينر پنهنجي ڀاءُ سان گڏ عصبو ٿينديون.

مثلا: زيد ٻه ڀائر ۽ ٻه پينر ڇڏيون

ته للذڪر مثل حظ الانثيين مطابق تقسيم ڪبي.

المسئلہ من 6

الميت ———————————— زيد

| ٻه ڀائر پيئيتا | ٻه پينر پيئيتون |
| --- | --- |
| 4 | 2 |

(6) ميت جي ڌيءَ يا پوٽي آهي ته پيئيتي پيڻ عصبو ٿيندي.

مثلاً: احمد وارث ڇڏيا هڪ پيئيتي پيڻ ۽ ٻه ڌيئر

ان صورت ۾ ميت جو مال ٽي حصا ٿيندو، ٻه حصا ٻن ڌيئرن کي باقي پيئيتي پيڻ کي ملندو.

المسئلہ من 3

الميت ———————————— احمد

| ٻه ڌيئر | هڪ پيئيتي پيڻ |
| --- | --- |
| 2 | 1 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(7) ميت جي پٽ، پوٽي يا پيءُ هوندي بالاتفاق ۽ ڏاڏي هوندي امام صاحب وٽ نڳا ۽ سڳا ڀينر، ڀائر محروم رهندا ۽ جيڪڏهن سڳا ڀاءُ ڀينر هجن ته (علاتي) پيئيتا محروم رهندا.

المسئلہ من 2

الميت ———————————— احمد

| | | |
|---|---|---|
| پيئيتا ڀينر ڀاءُ | سڳي ڀينر | ڌيءُ |
| محروم | 1 | 1 |

## ماءُ

ماءُ جون ٽي حالتون آهن.

(1) جيڪڏهن ميت جا پٽ يا پوٽا، يا ڌيءُ يا پوٽي، يا ٻه ڀينر، ڀائر سڳا يا نڳا موجود هجن ته ماءُ کي ڇهون حصو (سدس) ملندو.

مثلا: زيد مري ويو، وارث ڇڏيائين ماءُ ۽ هڪ پٽ.

ان صورت ۾ ماءُ کي ڇهون حصو ڏيئي باقي پٽ کي ڏبو.

المسئلہ من 6

الميت ———————————— زيد

| | |
|---|---|
| ماءُ | پٽ |
| 1 | 5 |

(2) جيڪڏهن ٻه ڀاءُ ڀينر يا پٽ، پوٽو نه هجن ته ماءُ کي ٽهائي (ثلث) حصو ملندو.

المسئلہ من 3

الميت ———————————— زيد

| | |
|---|---|
| ماءُ | هڪ سڳو ڀاءُ |
| 1 | 2 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## (3) تين حالت جون ٻہ صورتون آهن.

**پهرين صورت: زوج ابوين**

جيڪڏهن ميت جو مڙس هجي تہ ماءُ کي مڙس جو اڌ حصو (نصف) ڪڍي باقي منجهان ٽهائي حصو (ثلث) ملندو.

المسئلہ من 6

الميت ——— حليمہ

| مڙس | ماءُ | پيءُ |
|---|---|---|
| 3 | 1 | 2 |

**ٻئي صورت: زوجہ ابوين**

مثلا: زيد وارث ڇڏيا زال ماءُ ۽ پيءُ

تہ انهيءَ صورت ۾ زال جو حصو ڪڍي باقي منجهان ماءُ کي ٽهائي حصو (ثلث) ڏبو.

المسئلہ من 4

الميت ——— زيد

| زال | ماءُ | پيءُ |
|---|---|---|
| 1 | 1 | 2 |

نوٽ: ۽ جيڪڏهن پيءُ جي جڳهہ تي ڏاڏو هوندو تہ ان صورت ۾ ماءُ کي ڪل ملڪيت جو ٽيون حصو (ثلث) ملندو.

مثلاً: حليمہ مري ويئي وارث ڇڏيائين مڙس، ماءُ ۽ ڏاڏو

تہ انهيءَ صورت ۾ ماءُ کي ڪل ملڪيت جو ٽيون حصو ملندو.

المسئلہ من 6

الميت ——— حليمہ

| مڙس | ماءُ | ڏاڏو |
|---|---|---|
| 3 | 2 | 1 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڏاڏي ۽ ناني

1- جيڪڏهن ڏاڏي ۽ ناني هڪ هجي يا وڌيڪ ته ان/انهن کي ڇهون حصو (سدس) ملندو.
2- ناني محروم رهندي جيڪڏهن ميت جي ماءُ زنده آهي.
3- جيڪڏهن ميت جو پيءُ زنده آهي ته انهيءَ صورت ۾ ڏاڏي محروم رهندي.
4- ڏاڏِي ميت جي ڏاڏي سان گڏ وارث ٿيندي.
5- ميت جي ويجهي ڏاڏي ناني، پري واريءَ ڏاڏي ناني کي يعني ميت جي پڙ ڏاڏي ۽ پڙ ناني کي محروم ڪن ٿيون.

## ڏاڏو ڏاڏي ۽ نانو نانيَ جون متفرق صورتون

جيڪڏهن ميت کي ڪا به اولاد نه هجي ۽ نه وري ان کي پٽ پوٽي جي اولاد هجي ته ذوي الفروض وارثن کي حصي ڏيڻ کان پوءِ باقي ترڪي ۾ ڏاڏي جو حق پيءُ جي حق جهڙو آهي. ۽ ٻين صورتن ۾ به ڏاڏو پيءُ وانگر حصي وٺڻ جو حقدار آهي.

صورت 1) جيڪڏهن ميت جي ڏاڏي موجود آهي ۽ ناني به ۽ پيءُ به، ته ملڪيت جي ڇهن حصن مان پنج حصا پيءُ کي ڏبا ۽ هڪ حصو نانيءَ کي ۽ ڏاڏي محروم رهندي.

صورت 2) جيڪڏهن ميت جي ڏاڏي ۽ ڏاڏو ۽ ناني به موجود هجي ته ملڪيت کي ٻارهن حصا ڪري، ڏهه حصا ڏاڏي کي ڏبا ۽ هڪ حصو ڏاڏيءَ کي ۽ هڪ حصو نانيء کي ڏبو.

صورت 3) جيڪڏهن ميت جو پڙ ڏاڏو موجود هجي ۽ ڏاڏو به هجي ته سموري ملڪيت جو وارث ڏاڏو ٿيندو ۽ پڙ ڏاڏو بلڪل محروم رهندو.

صورت 4) جيڪڏهن ميت جو ڏاڏو هجي ۽ ڏاڏي جي ماءُ به زنده هجي، ته ملڪيت کي ڇهه حصا ڪبو. پنج حصا ڏاڏي کي ۽ هڪ حصو ڏاڏي جي ماءُ کي ڏبو.

صورت 5) جيڪڏهن ميت جو ڏاڏو هجي ۽ ڏاڏي به هجي ۽ نانيءَ جي ماءُ به زنده هجي ته ڏاڏي کي پنج حصا، ڏاڏيءَ کي هڪ حصو ۽ نانيءَ جي ماءُ محروم رهندي.

صورت 6) جيڪڏهن ميت جو پيءُ موجود هجي ۽ ڏاڏي هجي ۽ نانيءَ جي ماءُ به، ته سموري ملڪيت جو حقدار پيءُ ٿيندو. ڏاڏيءَ ۽ نانيءَ جون مائرون محروم رهنديون.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# وارثن جي محروم ۽ ساقط ٿيڻ جون صورتون

صورت 1) ڏاڏيون ۽ نانيون ماءُ جي موجودگيءَ ۾ ساقط ۽ محروم رهنديون.

صورت 2) جڏهن ميت جو پيءُ زنده هجي ته ڏاڏي کي ڪجهه به نه ملندو ۽ محروم رهندو.

صورت 3) پيءُ جي موجودگيءَ ۾ پائر محروم رهندا.

صورت 4) ميت جي پيءُ، ڏاڏي، پٽ ۽ پوٽي جي موجودگيءَ ۾ ميت جون ڀينرون محروم رهنديون بقول امام اعظم رضي الله عنه جي.

صورت 5) مائيتي اولاد، ماءُ شريڪ ڀيڻ (يعني اخيافي) چئن وارثن جي موجودگيءَ ۾ ساقط ۽ محروم رهنديون.

**اهي چار وارث هيءَ آهن:**

1) ميت جو پٽ　　2) ميت جو پوٽو　　3) ميت جو پيءُ

4) ميت جو ڏاڏو.

صورت 6) جڏهن ڌيئرون ٻه يا ٻن کان زيادهه هجن ۽ ٻه ٽهائي حصو وٺن ته اهڙي صورت ۾ پوٽيون ساقط ۽ محروم ٿينديون.

صورت 7) جيڪڏهن پوٽين سان گڏ يا انهن کان هيٺين پيڙهيءَ ۾ ڪو به پٽ هجي يعني انهن جو ڀاءُ يا ڀائيٽيو ته اهو پاڻ سان گڏ انهن پوٽين کي (ذوي الفروض کان سواءِ) عصبو بڻائيندو. مگر هن شرط سان ته پاڻ کان درجي ۾ مٿي هجن پر جيڪڏهن انهيءَ (ڀائٽي، يا ڀاءُ کان) درجي ۾ هيٺ آهن ته انهن کي محروم ۽ ساقط ڪندو.

صورت 8) جيڪڏهن ٻه يا ٻن کان زياده حقيقي ڀينرون هجن ۽ اهي ٻه ٽهائي (ثلثين) حصو وٺي چڪيون هجن ته ڀيئيتون ڀينر (علاتي) ساقط ۽ محروم ٿي وينديون.

صورت 9) پر جيڪڏهن ڀيئيتي ڀينرن سان گڏ انهن جو ڀاءُ به هجي ته اهو ڀينرن کي پاڻ سان گڏ عصبو بڻائيندو ۽ انهيءَ صورت ۾ انهن ڀيئيتي ڀينرن کي مرد جي حصي جو اڌ ملندو.



books.sindhsalamat.com　　www.sindhsalamat.com

# عصبن جو بيان

عصبات عصبي جو جمع آهي، ان جي لغوي معني پنو آهي.

شريعت ۾ عصبو ان شخص کي چئبو آهي جيڪو خوني رشتي ۾ شريڪ هجي. جنهن جي عيبدار ٿيڻ سان خاندان کي عيب لڳي.

علم فرائض ۾ عصبو ان وارث کي چئبو آهي جيڪو ذوي الفروض جي اڻ هوند ۾ سموري مال جو مالڪ ٿئي ۽ ذوالفروض جي موجودگي ۾ انهن کان باقي بچت مال جو مالڪ ٿئي.

## عصبو ٻه قسم آهي:

1) عصبو سببي: جئن آزاد ٿيل ٻانهون (عتاقہ)

2) عصبو نسبي: يعني نسب جي لحاظ سان.

## عصبو نسبي ٽي قسم آهي:

1) عصبہ بنفسہ 2) عصبہ بغيره 3) عصبہ مع غيره

1) عصبہ بنفسہ: اهو شخص جيڪو پنهنجو پاڻ عصبو بڻجي ۽ ان کي ٻيو ڪو ٻہ وارث عصبو نہ بڻائي ۽ ميت ۽ ان جي وچ ۾ ڪا ٻہ عورت نہ اچي.

اهي چئن قسمن جا مرد آهن:

1) ميت جو جزو: جيئن پٽ، پوٽو ۽ پڙپوٽو

2) ميت جو اصل: جيئن پيءُ، ڏاڏو ۽ پڙڏاڏو

3) ميت جي پيءُ جو جزو: جيئن ڀاءُ ۽ ڀائٽيو

4) ميت جي ڏاڏي جو جزو: جيئن چاچو ۽ چاچي جو پٽ يعني سئوٽ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**هين لفظن ۾ عصبي ٿيڻ جا چار سبب آهن:**

1) بنوّت (اولاد هجڻ)

2) ابوّت (پيئر هجڻ)

3) اخوّت (ڀائيپي هجڻ)

4) عمومت (چاچاڻ ۽ سوٽاڻ هجڻ)

2) **عصبہ بغيره:** اهو شخص جيڪو پنهنجو پاڻ عصبو نہ بڻجي بلڪي ٻيو وارث ان کي عصبو بڻائي ۽ جنهن شخص ان کي عصبو بڻايو هجي اهو پاڻ بہ عصبو هجي. ان کي عصبو بغيره چئبو آهي.

اهي چار عورتون آهن:

1) ڌيءُ 2) پوٽي 3) سڳي ڀيڻ 4) پيئيتي ڀيڻ

اهي چار عورتون اگرچہ ذوي الفروض منجهان آهن پر پنهنجي ڀائرن سان گڏ عصبو ٿي ويندين آهن. ان ۾ للذكر مثل حظ الانثيين مطابق عورت کي هڪ حصو ۽ مرد کي ٻہ حصا ملندا.

مثلا: جيئن عبدالله وارث ڇڏيا ٻہ پٽ ۽ ٻہ ڌيئرون

اهڙي صورت ۾ مال ڇهہ حصا ڪبو. هڪ هڪ حصو ڌيءُ کي ۽ ٻہ ٻہ حصا پٽ کي ڏبا.

المسئلہ من 6

| الميت | عبدالله |
|---|---|
| ٻہ پٽ | ٻہ ڌيئرون |
| 4 | 2 |

۽ ياد رکڻ گهرجي تہ جنهن عورت جو حصو مقرر نہ آهي، جيڪڏهن ان جو ڀاءُ عصبو بڻايو ويو تہ ان سان گڏ ان جي ڀيڻ کي عصبو نہ بڻايو ويندو. جيئن ميت جي ڀيءُ جي ڀيڻ يعني ڦڦي جو ان جو ڀاءُ يعني ميت جو چاچو عصبو آهي. پر هيءَ عصبو نہ ٿيندي ڇو تہ ڦڦي ذوالفروض منجهان ڪونهي.

3) **عصبہ مع غيره:** اهو شخص جو پنهنجو پاڻ عصبو نہ ٿئي بلڪي ٻئي وارث سان ملي ڪري عصبو بڻجي پوي. ليڪن جنهن وارث ان کي عصبو بڻايو آهي. اهو پاڻ عصبو نہ هجي بلڪي اصحاب الفرائض مان هجي. اهي ٻہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عورتون آهن (يعني سڳي ڀيڻ ۽ علاتي ڀيڻ) جن مان هڪ عورت ٻئي کي عصبو بڻائي ٿي جيئن ڀيڻ عصبو ٿئي ٿي ڌيءَ سان گڏجي. حديث شريف ۾ آهي اجعلوا الاخوات مع البنات عصبہ يعني ڀيڻن کي ڌيئرن سان گڏ عصبو بڻايو.

مثلاً: جيئن زيد مري ويو هڪ ڌيءَ ۽ ڀيڻ وارث ڇڏيائين. تہ پوءِ ذوالفروض هجڻ سبب ڌيءَ اڌ حصو ڪٽندي باقي ڀيڻ کي عصبي طور ڏبو.

المسئلہ من 2

الميت ——— زيد

| ڌيءَ | ڀيڻ |
|---|---|
| 1 | 1 |

ياد رکڻ گهرجي تہ مذڪوره عصبن مان جيڪڏهن ميت جو ڪو بہ عصبو نہ هجي تہ ٻيا عصبا هي آهن جن ۾ عورت جو واسطو درميان ۾ آهي. ان کي ذو رحم بہ چئبو آهي.

جيئن ڀاڻيجو، ڏوهٽو، مامو، ماسي ۽ ماسيءَ جي اولاد. انهن کي عصبي جي حساب ۾ هٽبو آهي.

## عصبي ۾ ترتيب:

ياد رکڻ گهرجي تہ قريبي عصبو ميت جي ڏورانهين ۽ پري واري عصبي کي محروم ڪندو آهي.

عصبن ۾ سڀ کان وڌيڪ قريب پٽ هوندا آهن. انهن کانپوءِ پوٽا، انهن کانپوءِ پيءُ، انهيءَ کانپوءِ ڏاڏو، انهيءَ کانپوءِ پيءَ جا پٽ يعني ڀائر، انهيءَ کانپوءِ ڏاڏي جا پٽ يعني پيءُ جا چاچا، ۽ جڏهن پيءُ جا پٽ يعني ڀائر درجي ۾ برابر هجن تہ انهن مان زياده مستحق اهي هوندا جيڪي ماءُ پيءُ ٻنهي جي طرفان ميت جا سڳا ڀائر هجن. مطلب تہ حقيقي ڀاءُ ڀيئيتي ڀاءُ (علاتي) کان مقدم هوندو.

حقيقي ڀائرن مٿان ڏاڏي جو مقدم هجڻ امام صاحب رحمت الله عليہ وٽ آهي پر صاحبين (امام مالڪ ۽ امام شافعي رحمهم الله) وٽ حقيقي ڀاءُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏاڏي کان مقدم آهي. فتوىٰ لاءِ امام صاحب جو قول مختار آهي.

بعضن صاحبين رحمهم الله جي قول تي بہ فتوىٰ ذکر ڪئي آهي. مگر علامہ طحاوي جو چوڻ آهي تہ امام صاحب جو قول معتمد آهي.

جڏهن ميت جو پٽ ۽ پوٽو ۽ پاءُ پنهنجي پنهنجي ڀينرن سان گڏ هجن تہ انهن ۾ مال جي تقسيم آيت للذکر مثل حظ الانثيين جي مطابق مرد کي عورت کان ٻيڻو حصو ڏنو ويندو. انهن کان علاوه ٻيا سڀئي عصبا اڪيلا هوندا آهن يعني ڀيڻن کان بغير رڳو مرد عصبا ٿيندا آهن.

پوءِ جيڪڏهن ميت کي ڪو بہ نسبي عصبو ڪونهي تہ آزاد ڪندڙ (مولىٰ) عصبو ٿيندو. جو تہ اهو سڀني عصبن کان آخري عصبو آهي. ۽ اهو جمهور علماء وٽ ذوي الارحام تي مقدم هوندو آهي. حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعالىٰ عنہ وٽ (معتق) يعني آزاد ڪندڙ ذوي الارحام کان موخر آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ذوي الارحام جو بيان

## ذو رحم:

ذو رحم انهيءَ رشتيدار کي چئبو آهي جنهن جو حصو شريعت ۾ مقرر نہ هجي ۽ نہ وري اهو عصبو ئي هجي. ذو رحم کنهن فرض واري ۽ عصبي سان گڏ وارث نہ ٿيندو آهي سواءِ زوجين (زال مڙس) جي. هن کري جو ٻنهي تي مال رد نہ ٿيندو آهي. يعني جيڪڏهن مڙس يا زال سان گڏ ذو رحم هوندو تہ باوجود ان جي جو اهي ٻئي زال مڙس صاحبِ فرض آهن مگر هنن سان گڏ اهو (ذو رحم) وارث ٿيندو آهي. ان جو سبب هي آهي تہ مڙس يا زال کي بچت مال ٻيو دفعو نہ ڏنو ويندو آهي بخلاف ٻين فرضي حصيدارن جي، جو تہ جيڪڏهن انهن جي حصي مان ڪجهہ مال بچندو آهي تہ اهو مال وري انهن کي ئي حصي مطابق رد (واپس) ڪري ڏنو ويندو آهي.

## ذوي الارحام جا قسم:

ذوي الارحام ڏهن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن. جيڪي هي آهن:

1) ڌيءَ جي اولاد
2) پيڻ جي اولاد
3) ڀاءُ جي ڌيءَ (ڀائٽي)
4) چاچي جي ڌيءَ (سوٽِ)
5) مامو
6) ماسي
7) نانو
8) مائيتو (اخيافي) چاچو
9) پڦي
10) مائيتا (اخيافي) ڀائرن جي اولاد



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ذوي الارحام جي ترتيب:

هنن جي ترتيب عصبات جي ترتيب وانگر آهي.

- سڀ کان پهريان ميت جا فروع يعني ڌيئن پوٽين جي اولاد کي جيڪي هيٺان کان هجن.
- پوءِ انهن جا اصول يعني جد فاسد (نانو) ۽ جدات فاسده (نانيون) ڪيتريون ئي مٿان کان هجن.
- پوءِ انهن جي ماءُ پيءُ جا فروع يعني عيني (سڳا) يا علاتي (پيئيتا) يا اخيافي (مائيتا) ڀيڻ ڀائرن جي اولاد.
- پوءِ ان جي جد (ڏاڏي) جده (ڏاڏيءَ) جا فروع يعني مامو، ماسي، پڦي ۽ چاچي جون ڌيئرون.
- پوءِ پيءُ جو مامو ماسي وغيره.

ذوي الارحام ۾ درجي جي ويجهڙائي کي ترجيح هوندي آهي يعني قريبي رشتيدارن هوندي پري وارن کي نہ ملندو. جيڪڏهن قرب ۾ برابر هجن تہ پوءِ هن ڳالهہ کي ڏسبو تہ ان جو اصل وارث آهي يا نہ.؟ جيڪڏهن وارث نہ هجي تہ ان کي مقدم ڪبو انهيءَ جي مٽان جنهن جو اصل وارث نہ هجي.

مثلاً: جيئن ڀائيٽي جي ڌيءُ ۽ ڀاٽيجي جي پٽ کي نہ ڏينداسون ان ڪري جو ان جو اصل يعني همشيره زادي وارث ناهي، بلڪي ذو رحم آهي.

جنهن وقت ذوالارحام جي جهتِ قرابت ميت کان مختلف هجي تہ جنهن جي قرابت پيءُ جي طرفان هوندي ان کي ٻيڻو ملندو ۽ جنهن جي ماءُ جي طرفان هوندي تہ ان کي هيڪوٽو ملندو.

مثلاً: جيڪڏهن ميت پنهنجي پيءُ جو نانو ۽ ماءُ جو ڏاڏو وارث ڇڏيا تہ پهرين کي ٻہ ٽهايون ۽ ٻئي کي هڪ ٽهائي حصو ملندو.

پر جي ذوي الارحام جو اصل هڪ جهڙو هجي تہ ترڪي جو مال انهن جي ڳاڻاٽي مطابق تقسيم ڪبو.

مثلا: هڪ ڀيڻ جي اولاد يا ٻن ڀيڻن جي اولاد هجي تہ سيني ڀاٽيجن مردن ۽ ڀاٽيجين عورتن کي شمار ڪري تقسيم هڪجهڙي ڪبي. جيڪڏهن سيئي مذڪر هجن يا سيئي مؤنث هجن پر جيڪڏهن ڪجهہ مرد ۽ ڪجهہ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عورتون هجن تہ مرد کي عورت جي حصي کان ٻيڻون ڏبو.

جيڪڏهن انهن جا اصول متفق نہ هجن تہ (يعني بعض جو اصل مرد هجي ۽ بعض جي عورت) تہ ڳاٽاٽو حصن جو ان وقت انهن سان هوندو مگر جنهن درجي ۾ پهريان ئي اختلاف هجي تہ مرد ۽ عورت جو ان ۾ فرق ڪيو ويندو.

مثلاً: ميت جي هڪ ڏوهٽيءَ جي ڌيءُ ۽ هڪ ڏوهٽي جي ڌيءُ ٻچي تہ پهريان اول کي هڪ ٽهائي ڏينداسون ۽ ٻيءَ کي ٻہ ٽهايون ڏينداسون. هن ڪري جو پهريون جتان اختلاف ٿيو آهي اتان هڪ جاءِ تي ڏوهٽي آهي ۽ ٻئي جاءِ تي ڏوهٽو آهي. انهيءَ ڪري هڪ ٽهائي عورت جي اعتبار سان ٿي ۽ ٻہ ٽهايون مرد جي اعتبار سان ۽ ڳاٽاٽو پوين جي سبب کان هوندو آهي.

مثلا: جيڪڏهن پهرين صورت ۾ چار ڌيئرون هجن ۽ ٻئي صورت ۾ ٽي ڌيئرون هجن تہ پهرين صورت وارن کي اها ئي هڪ ٽهائي چئن مساوي هڪ جيترن حصن ۾ تقسيم ڪئي ويندي ۽ ٻئي صورت وارن کي بہ ٻہ ٽهايون ٽن جڳهن تي تقسيم برابر ڪئي ويندي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حُجُب جو بيان

حُجُب جي لفظي معني آهي رڪاوٽ ۽ اصطلاح ۾ جيڪڏهن ڪو شخص ٻئي شخص جي ڪري ميراث کان محروم يا نقصان وارو ٿئي ته ان کي حُجُب چوندا آهن.

جيڪڏهن سموري ميراث کان محروم ٿئي ته ان کي حُجُب حرمان چوندا آهن ۽ جيڪڏهن رڳو ميراث جي ڪجهه حصي کان محروم ٿئي ته انهيءَ کي حجب نقصان چوندا آهن.

مثلاً: ٽهائي حصي ملڻ جي بدران ڇهون حصو ملڻ لڳي. جيئن هڪ عورت نالي حوا مري وئي ۽ وارث ڇڏيائين مڙس، ماءُ ۽ ڪجهه مائيتا ڀائر ۽ هڪ حقيقي يعني مائيتو، پيئيتو سڳو ڀاءُ ته اهڙي صورت ۾ مڙس کي اڌ، ماءُ کي ڇهون حصو ۽ مائيتا ڀائر ٽيون حصو، ۽ سڳو ڀاءُ محروم رهندو. جو ته ملڪيت سموري ورهائجي وئي آهي.

المسئلہ من 6

الميت ـــــــــــــــــــــــــــ حوا

| مڙس | ماءُ | مائيتا ڀائر | حقيقي ڀاءُ |
|---|---|---|---|
| نصف | سدس | ثلث | |
| 3 | 1 | 2 | محروم |

امام شافعي وٽ مائيتا ڀائر ۽ حقيقي ڀائر حصي ونڊ ۾ هڪ جهڙا آهن. لهٰذا انهن کي اڌ و اڌ ڪري ڏنو ويندو يعني ٽهائي (ثلث) کي اڌ و اڌ ڪري ڇهين پتي (سدس) مائيتن ڀائرن کي ۽ ڇهين پتي حقيقي ڀائرن کي ڏني ويندي. پر اسان احناف وٽ هيءُ دليل آهي ته حق تعالىٰ مڙس جو اڌ ۽ ماءُ جو ڇهون حصو ۽ مائيتن ڀائرن جو ٽيون حصو ذوي الفروض هجڻ جي حيثيت سان مقرر ڪيو آهي ۽ جڏهن ته سموري ملڪيت انهن ۾ تقسيم ٿي وڃي ٿي ۽ باقي ڪجهه نه ٿو بچي جو ڪٽي عصبن يعني حقيقي ڀائرن کي ڏنو وڃي. انهيءَ ڪري حقيقي ڀائر حجب حرمان مطابق محروم رهندا (جوهره).



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## هيٺيان پنج وارث حجب نقصان جو شڪار ٿيندا آهن.

1) زال
2) مڙس
3) ماءُ
4) پوٽي
5) علاتي (پيئيتي) ڀيڻ

## ۽ هيٺيان ڇهه وارث ڪڏهن به حجب حرمان جو شڪار نه ٿيندا آهن:

1) ابوين يعني ماءُ ۽ پيءُ
2) زوجين يعني زال ۽ مڙس
3) ابنين پٽ ۽ ڌيءُ

هاڻي ڏسڻو آهي ته اهي ماڻهو حجب حرمان جي زد ۾ ڪڏهن اچن ٿا ۽ ڪڏهن نه ٿا اچن. انهيءَ متعلق به اصول آهن:

**پهريون اصول:** هر اهو شخص جنهن جو ميت سان ڪنهن شخص جي واسطي سان تعلق هجي. ته ان درمياني شخص جي موجودگي ۾ هو وراثت کان محروم رهندو البته مائيتا ڀيڻ ڀائر هن اصول کان آجا آهن. مثلا پيءُ هوندي ڏاڏو محروم ٿيندو.

**ٻيو اصول** ويجهو رشتيدار پري واري رشتيدار کي محروم ڪري ڇڏيندو. جيئن پٽ جي هوندي اهو پوٽو محروم ٿيندو جيڪو ٻئي پٽ مان هجي.

نوٽ: محروم جو لفظ ان ماڻهو لاءِ به چئبو آهي جيڪو حجب حرمان جي زد ۾ اچي. ۽ هڪ خاص معني ۾ به چئبو آهي. جيڪو محجوب جي مقابلي ۾ آهي. ان بنا تي محجوب ۽ محروم ۾ فرق هيءُ آهي ته محروم وراثت جو اهل ئي نه هوندو آهي. جيئن قاتل ۽ غلام، ۽ محجوب اهو هوندو آهي جنهن ۾ وراثت جي اهليت ته هجي پر ڪنهن خاص مانع جي ڪري اهو وراثت جو حقدار نه رهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فرضي حصن مان مخرج ڪڍڻ جو بيان

چاڻڻ گهرجي تہ اصحاب الفرائض جا حصا ڇہ قسم آهن.

(1) نصف (اڌ)　　ربع (چوٿائي)　　ثمن (اٺوڳ)

(2) ثلث (ٽهائي)　　ثلثان (ٻہ ٽهايون)　　سدس (ڇهون حصو)

انهن جي مخرجن جو شرح هن طرح آهي:

- نصف لاءِ مخرج ٻن جو عدد
- ربع لاءِ مخرج چئن جو عدد
- ثمن لاءِ مخرج اٺن جو عدد
- ثلث ۽ ثلثان لاءِ مخرج ٽن جو عدد
- سدس لاءِ مخرج ڇهن جو عدد

پر جيڪڏهن ثلث ۽ ثلثان، سدس سان گڏجن تہ مخرج ٻارهن جو عدد آهي. ۽ جيڪڏهن ثمن، ثلث، ثلثان ۽ سدس سان گڏجي تہ مخرج چوويهہ جو عدد آهي.

مسئلي ناهڻ وقت ميت جي وارثن کي ڏسبو. جيڪڏهن اڪيلو صاحب الفرض عصبي سان گڏ آهي تہ ميت جو مال ايترا حصا ڪبو جيترا حصا صاحب الفرض جا آهن.

## نصف جو مثال

زيد وارث ڇڏيا هڪ ڌيءُ ۽ هڪ چاچو

انهيءَ صورت ۾ ڌيءُ اصحاب الفرض اڌ ملڪيت جي وارث آهي ۽ چاچو عصبو آهي. تنهن ڪري زيد جو مال ٻہ حصا ڪبو، هڪ حصو ڌيءُ ۽ باقي هڪ حصو چاچو کڻندو.



books.sindhsalamat.com　　www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 2

الميت ـــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| | |
|---|---|
| ڌيءُ | چاچو |
| 1 | 1 |

## ربع جو مثال

حليمہ وارث ڇڏيا مڙس ۽ ٽي پٽ.

انهيءَ صورت ۾ صاحب الفرض يعني مڙس چوٿين حصي جو مالڪ آهي. ۽ پٽ عصبا آهن، تنهن ڪري حليمہ جو مال چار حصا ڪري، چوٿون حصو مڙس کي ڏئي باقي پٽن کي ڏبو.

المسئلہ من 4

الميت ـــــــــــــــــــــــــــــــ حليمہ

| | |
|---|---|
| مڙس | ٽي پٽ |
| 1 | 3 |

## ثمن جو مثال

بڪر وارث ڇڏيا زال ۽ پٽ

انهيءَ صورت ۾ صاحب الفرض زال آهي جيڪا اٺين حصي جي حقدار آهي ۽ پٽ عصبو آهي. تنهن ڪري مسئلو اٺن کان ٿيندو.

المسئلہ من 8

الميت ـــــــــــــــــــــــــــــــ بڪر

| | |
|---|---|
| زال | پٽ |
| 1 | 7 |

## ثلث ۽ ثلثان جو مثال

احمد وارث ڇڏيا ٻہ ڌيئرون ۽ هڪ چاچو.

انهيءَ صورت ۾ ٻہ ڌيئرون اصحاب الفرض آهن جنهن جو ثلثان (ٻہ ٽهايون) آهن ۽ چاچو عصبو آهي تنهن ڪري مسئلو ٽن کان ڪيبو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 3

الميــتــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ احمد

| | |
|---|---|
| ٻہ ڌيئرون | چاچو |
| 2 | 1 |

## سدس جو مثال

زينب وارث ڇڏيا پيءُ ۽ پٽ.

انهيءَ صورت ۾ پيءُ صاحب الفرض آهي ان جو ڇهون حصو آهي ۽ پٽ عصبو آهي. تنهن ڪري زينب جو مال ڇهہ حصا ڪبو. ڇهون حصو پيءُ کي باقي عصبي طور پٽ کڻندو.

المسئلہ من 6

الميــتــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زينب

| | |
|---|---|
| پيءُ | پٽ |
| 1 | 5 |

## سمجهاڻي:

جيڪڏهن نصف، ربع ۽ ثمن حصا کڻندڙ گڏ ميت جي ورثي ۾ شامل ٿين تہ جنهن جو حصو گهٽ ۾ زياده هوندو تہ اوترا حصا ميت جو مال ڪبو.

مثال جيئن: قائم وارث ڇڏيا هڪ زال، هڪ ڌيءُ ۽ هڪ چاچو.

انهيءَ صورت ۾ ڌيءُ ۽ زال صاحب الفرض آهن. ڌيءُ جو اڌ حصو ۽ زال جو اٺون حصو آهي. جيئن تہ ٻنهي عددن ۾ اٺ جو عدد وڏو آهي تنهن ڪري مسئلو اٺ کان ڪبو.

المسئلہ من 8

الميــتــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ قائم

| | | |
|---|---|---|
| زال | ڌيءُ | چاچو |
| 1 | 4 | 3 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن پهرئين قسم منجهان نصف حصو حاصل ڪندڙ وارث ٻئي قسم ثلث، ثلثان ۽ سدس حاصل ڪندڙ وارثن مان سيني سان يا ڪجھ وارثن سان گڏجي وارث ٿيو تہ مال ميت جو ڇھ حصا ڪبو.

### مثال نصف ۽ سدس جو گڏجڻ

زيد وارث ڇڏيا هڪ ڌيءُ ۽ پيءُ.

ڌيءُ جو حق نصف آهي پيءُ جو ڇهون حصو تہ مسئلو ڇهن کان نڪرندو.

المسئلہ من 6

الميت ______________________ زيد

| ڌيءُ | پيءُ |
|---|---|
| 3 | 3 |

### مثال ربع جو ثلثان، ثلث ۽ سدس سان گڏجڻ

هن صورت ۾ ميت جو مال ٻارهن حصا ٿيندو ۽ مسئلو ٻارهن کان ڪڍبو.

جيئن زينب وارث ڇڏيا مڙس، ٻہ ڌيئر ۽ چاچو.

اهڙي صورت ۾ مڙس کي چهون حصو ملندو ۽ ٻن ڌيئرن کي ٻہ ٿهايون. باقي ملڪيت عصبي طور چاچو ڪٽندو.

المسئلہ من 12

الميت ______________________ زينب

| مڙس | ٻہ ڌيئرون | چاچو |
|---|---|---|
| 2 | 8 | 2 |

#### مثال ثمن جو ثلثان، ثلث ۽ سدس سان گڏجڻ

انهيءَ صورت ۾ ميت جو مال چوويهہ حصا ڪبو. ۽ مسئلو چوويهن کان ڪڍبو.

جيئن زيد وارث ڇڏيا زال، ٻہ ڌيئر ۽ هڪ چاچو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهڙي صورت ۾ زال کي ثمن (اٺوڳ)، ڌيئرن کي ثلثان (ٻہ ٽهايون) ۽ باقي مال چاچي کي ڏبو.

المسئلہ من 24

الميت ———————————— زيد

| | | |
|---|---|---|
| زال | ٻہ ڌيئرون | چاچو |
| 3 | 16 | 5 |

جيڪڏهن حصو وٺندڙ سڀئي عصبا آهن ۽ صاحب الفرض ڪو بہ نہ هجي تہ اتي جيترا وارث اوترا حصا ڪبا. جيئن زيد وارث ڇڏيا چار پٽ.

اهڙي صورت ۾ چارئي پٽ عصبو آهن تنهن ڪري مسئلو چئن ڪان ٿيندو.

المسئلہ من 4

الميت ———————————— زيد

| | | | |
|---|---|---|---|
| پٽ | پٽ | پٽ | پٽ |
| 1 | 1 | 1 | 1 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# عول جو بيان

عول جو مطلب هي آهي تہ جڏهن حصن جي مخرج جو عدد گهٽ هجي ۽ سهام (ڀاڱا) زياده هجن تہ مخرج ۾ ڪجھ اضافو ڪيو ويندو آهي تہ جيئن انهن سڀني حصيدارن کي سهام پهچي وڃن.

ڇهن جو عدد ڏهن تائين عول ٿيندو آهي. اڪي (طاق) عدد ۾ بہ (ستن کان نون تائين) ۽ ٻڌي (جفت) عدد ۾ بہ (يعني اٺن ۽ ڏهن تائين).

**هر هڪ صورت جا مثال**

مثال 1). المسئلہ من 6 ع 7

| | |
|---|---|
| الميت | بصران |
| مڙس | ٻہ پيئيتون ڀينرون |
| 3 | 4 |

مثال 2). المسئلہ من 6 ع 8

| | | |
|---|---|---|
| الميت | | نوران |
| مڙس | ٻہ پيئيتون ڀينرون | ماءُ |
| 3 | 4 | 1 |

مثال 3). المسئلہ من 6 ع 9

| | | |
|---|---|---|
| الميت | | اميران |
| مڙس | ٻہ پيئيتون ڀينرون | ٻہ مائٽيون ڀينرون |
| 3 | 4 | 2 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مثال 4). المسئلہ من 6 ع 10

الميت ———— وزيران

| | | | |
|---|---|---|---|
| مڙس | ٻہ ڀيڻيتون ڀينرون | ٻہ مائيتيون ڀينرون | ماءُ |
| 3 | 4 | 2 | 1 |

۽ جيڪڏهن ربع سان گڏ ثلث يا سدس هجي تہ اصل مسئلو ٻارهن کان ٿيندو ۽ ان جو عول تيرهن، پندرهن ۽ سترهن تائين ڪري سگهجي ٿو.

## هر هڪ صورت جا مثال:

مثال 1). المسئلہ من 12 ع 13

الميت ———— حميده

| | | |
|---|---|---|
| مڙس | ٻہ سڳيون ڀينرون | ماءُ |
| 3 | 8 | 2 |

مثال 2). المسئلہ من 12 ع 15

الميت ———— ثمينہ

| | | |
|---|---|---|
| مڙس | ٻہ سڳيون ڀينرون | ٻہ مائيتيون ڀينرون |
| 3 | 8 | 4 |

مثال 3). المسئلہ من 12 ع 17

الميت ———— ڪريمڏنو

| | | | |
|---|---|---|---|
| زال | ٻہ سڳيون ڏيئر | ٻہ سڳيون ڀينرون | ماءُ |
| 3 | 8 | 4 | 2 |

۽ جيڪڏهن ثمن سان گڏ ٻہ سدس يا ثلثان هجن تہ اصل مسئلو چوويهہ کان هوندو. جيڪو صرف ستاويهن ڏانهن عول ڪندو آهي. جيئن **منبريہ مسئلو** آهي.

المسئلہ من 24 ع 27

الميت ———— سعيد

| | | | |
|---|---|---|---|
| زال | ٻہ ڌيئرون | پيءُ | ماءُ |
| 3 | 16 | 4 | 4 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوءِ جيڪڏهن ورثي جي هر فريق (حصيدار) جو حصو بغير ڪسر (پچڻ) جي تقسيم ٿي وڃي ته ان صورت ۾ ضرب جي ڪا به ضرورت نه هوندي آهي. پر جيڪڏهن برابر حصن ۾ تقسيم نه ٿئي ته پوءِ ضرب ڏيڻ جي ضرورت ٿيندي. هاڻي ڏسبو ته ڪسر هڪ فريق تي آهي يا گهڻن تي، جيڪڏهن هڪ فريق تي آهي ته انهيءَ فريق جي عدد کي اصل مسئلي ۾ به ضرب ڏبو ۽ جيڪڏهن مسئلي ۾ عول هجي ته عول ۾ ضرب ڏني ويندي. انهيءَ مان جيڪو حاصل جواب ايندو انهيءَ سان مسئلي جي تصحيح ٿيندي.

مثلاً: زيد وارث ڇڏيا زال ۽ ٻه ڀائر.

ته ان صورت ۾ چوٿون حصو زال کي ڏئي باقي مال ٻن ڀائرن کي ڏبو جيئن ته باقي بچت ٽي حصا آهن جيڪي انهن ٻن (رؤسن) تي برابر هڪ جيترا تقسيم نه ٿا ٿي سگهن. تنهن ڪري ٻن کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏبو. جيئن ته اصل مسئلو چئن کان آهي پوءِ ٻن کي چئن ۾ ضرب ڏيڻ سان اٺ ٿي ويندو پوءِ اٺن کان مسئلي جي تصحيح ٿيندي يعني زال کي ٻه سهام ۽ هر هڪ ڀاءُ کي ٽي ٽي سهام.

المسئلہ من 4 X 2 = وتصح من 8

| | | |
|---|---|---|
| الميت | | زيد |
| | زال | ٻه ڀائر |
| | 1 / 2 | 3 / 6 |

پر جيڪڏهن مسئلي ۾ عول هجي ته رؤسن جي عدد کي عول ۾ ضرب ڏبي پوءِ جيڪو حاصل ضرب آيو ته انهي سان مسئلي جي تصحيح ٿيندي.

عول جو مثال.

المسئلہ من 12 ع 15 تصح من 45 وفق 3

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| الميت | | | | حميده |
| مڙس | پيءُ | ماءُ | ڇهه ڌيئرون | |
| 3 / 9 | 2 / 6 | 2 / 6 | 8 / 24 | |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# رد جو بيان

رد عول جو ضد آهي، ڇو تہ عول ۾ سهام (ڀاڱا) مخرج کان زيادہ هوندا آهن ۽ رد ۾ مخرج سهامن کان زيادہ هوندو آهي.

اهلِ فرائض جي اصطلاح ۾ رد انهيءَ کي چوندا آهن جو ٻهرين تقسيم کان پوءِ نسبي ذوي الفروض کان بچيل مال انهن ئي وارثن تي انهن جي حصي مطابق صرف ڪيو وڃي. انهيءَ ۾ نسبي جو قيد احترازي آهي. پوءِ جيڪي ذوي الفروض نسبي نہ هجن تہ انهن تي رد نہ ٿيندو. انهيءَ ڪري زوجين يعني زال ۽ مڙس تي رد نہ ٿيندو آهي، ڇو تہ انهن ٻنهي جو هڪ ٻئي سان نسبي رشتو ڪونهي. اڪثر اصحابن سڳورن جو اهو ئي قول آهي ۽ انهيءَ ئي قول کي احناف عمل ۾ آندو آهي.

حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعالىٰ عنہ وٽ ذوي الفروض تي ڪنهن بہ حالت ۾ رد نہ ٿو ٿي سگهي بلڪي بچت مال بيت المال جو آهي. امام مالڪ، امام شافعي ۽ امام زهري رحمهم الله وغيرہ جو بہ اهو ئي قول آهي. پر اسان احناف جو اهو قول آهي جيڪو جمهور صحابہ ڪرام جو آهي اهو هي تہ زوجين (زال، مڙس) تي رد نہ ٿو ٿئي. ليڪن متاخرين احناف ۽ بعض شافعي فرمائن ٿا تہ جڏهن بيت المال غيرمنظم هجي تہ زوجين تي بہ بقدر حقوق رد ٿيندو، انهيءَ شرط سان تہ ٻيا مستحق نہ هجن. رد المختار ۾ مستصفيءَ کان نقل ڪيو آهي تہ هن زماني ۾ فتوىٰ رد جي جواز تي آهي. اهڙي طرح اشباہ ۾ بہ آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# رد جا قسم

## رد جا چار قسم آهن

**پهريون قسم:**

جيڪڏهن مسئلي ۾ هڪ ئي جنس هجي جنهن جي مٿان رد ڪيو وڃي ٿو ۽ اهو اهڙو وارث به نه هجي (من لا يرد عليہ) جن جي مٿان رد نه ٿيندو آهي يعني زوجين (زال ۽ مڙس)، ته پوءِ مسئلو انهن جي رؤسن جي عدد مطابق ڪڍبو ۽ تصحيح ڪبي.

مثلا: زيد وارث ڇڏيا ٻه ڌيئرون (يا) ٻه ڀينرون (يا) ٻه ڏاڏيون

ته انهن صورتن ۾ مسئلو ٻن کان جو اقل (گهٽ ۾ گهٽ) عدد آهي ڪڍيو ويندو، جڏهن ته انهن جو فرضي حصو ثلثان (ٻه ثلث) آهي. تنهن ڪري مسئلو ٽن کان ڪڍڻ گهرجي ها. پر هنن صورتن ۾ ٻيءُ وارث نه هجڻ سبب مسئلو ٻن کان ڪڍيو ويندو.

المسئلہ من 2

الميت ——————— زيد

ٻه ڌيئرون

2

المسئلہ من 2

الميت ——————— زيد

ٻه ڀينرون

2



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 2

الميت ———————— زيد

ٻہ ڌاڌيون

2

**ٻيو قسم:**

جڏهن مسئلي ۾ ٻہ يا ٽي جنسون گڏجن جن جي مثان رد ڪجي ٿو من لايرد عليہ جي غير موجودگيءَ ۾ تہ پوءِ مسئلو انهن جي سهامن مان ڪيبو. ان جون چند صورتون آهن:

**پهرين صورت:** ٻہ سدس گڏجن تہ مسئلو ٻن کان ڪيبو، جيئن ڌاڌي ۽ مائيتي ڀيڻ.

المسئلہ من 2

الميت ———————— زيد

| مائيتي ڀيڻ | ڌاڌي |
|---|---|
| 1 | 1 |

هن صورت ۾ اصل مسئلو ڇهن کان هجڻ گهرجي ها پر هتي ٻن کان ڪيو ويو رد جي ڪري.

**ٻي صورت:** ثلث ۽ سدس گڏجن تہ مسئلو ٽن کان ڪيبو ۽ تصحيح ڪبي جيئن ماءُ ۽ مائيتي اولاد.

المسئلہ من 3

الميت ———————— زيد

| مائيتي اولاد | ماءُ |
|---|---|
| 2 | 1 |

هن صورت ۾ اصل مسئلو ڇهن کان هجڻ گهرجي ها پر هتي رد سبب ٽن کان ڪيو ويو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٽين صورت: نصف ۽ سدس گڏجن تہ مسئلو چئن کان ڪيبو ۽ تصحيح ڪبي، جيئن ڌيءَ ۽ ماءُ.

المسئلہ من 4

الميتــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| | |
|---|---|
| ڌيءَ | ماءُ |
| 3 | 1 |

هن صورت ۾ اصل مسئلو ڇهن کان هجڻ گهرجي ها پر هتي رد جي ڪري چئن کان ڪيو ويو.

4. چوٿين صورت: ثلثان ۽ سدس، يا نصف ۽ سدسان، يا نصف ۽ ثلث حصا گڏجن تہ مسئلو پنجن کان ڪيبو ۽ تصحيح ڪبي، جيئن بہ ڌيئر ۽ ماءُ.

المسئلہ من 5

الميتــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| | |
|---|---|
| بہ ڌيئرون | ماءُ |
| 4 | 1 |

يا جيئن ڌيءُ، پوٽي ۽ ماءُ:

المسئلہ من 5

الميتــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| | | |
|---|---|---|
| ڌيءُ | پوٽي | ماءُ |
| 3 | 1 | 1 |

يا جيئن سڳي ڀيڻ، مائيتي ڀيڻ، پيئيتي ڀيڻ.

المسئلہ من 5

الميتــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| | | |
|---|---|---|
| سڳي ڀيڻ | مائيتي ڀيڻ | پيئيتي ڀيڻ |
| 3 | 1 | 1 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**ٽيون قسم:**

جڏهن من يرد عليہ (رد ٿيڻ واري وارث) سان گڏ من لايرد عليہ (اهي وارث جن تي رد نہ ڪبو آهي يعني مڙس ۽ زال) مان ڪو بہ هجي تہ پوءِ ان ڪي فرضي حصو ڏئي ان جي (اقل) گهٽ ۾ گهٽ واري مخرج مان مسئلي جي تصحيح ڪبي.

**ان جون ٽي صورتون آهن:**

پهرين صورت ۾ من يرد عليہ تي سنئين سڌي ورهاست ٿي وڃي.

مثال: مڙس ۽ ٽي ڌيئر وارث ٿين ٿا تہ ان صورت ۾ مڙس کي ربع ۽ ٽن ڌيئرن کي ثلثان ڏبا تہ تقسيم صحيح ٿيندي.

المسئلہ من 4

الميت ———— زيد

| مڙس | ٽي ڌيئر |
|---|---|
| 1 | 3 |

ٻي صورت: ۾ (من يرد عليہ) وارثن تي پوري تقسيم نہ ٿئي تہ روسن جي فرضي مخرج ۾ وفق سان ضرب ڏبي.

مثال:

المسئلہ من $\frac{2}{4}$ $\frac{3}{6}$ التوافق بالثلث

الميت ———— زيد

| مڙس | ڇهہ ڌيئرون |
|---|---|
| $\frac{1}{2}$ | $\frac{3}{6}$ |

ٽين صورت ۾ بہ (من يرد عليہ) وارثن تي پوري تقسيم نہ ٿي ٿئي ۽ روسن جي فرضي مخرج سان توافق بہ نہ آهي بلڪي تباين آهي تہ ان صورت ۾ روسن ڪي مخرج ۾ ضرب ڏبي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مثال:

المسئلہ من 4 X 5 = 20 المبلغ التباين بينهما

الميتـــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| | |
|---|---|
| مڙس | پنج ڌيئرون |
| $\frac{1}{5}$ | $\frac{3}{15}$ |

**چوٿون قسم:**

جڏهن من يرد عليہ (رد ٿيڻ وارن وارثن) سان من لايرد عليہ مان ڪو وارث هوندو تہ من لايرد عليہ جي فرضي مخرج مان (مابقي ڪي) انهن وارثن تي رد ڪبو.

المسئلہ من $\frac{2}{4}$ x 12 = تصح من 48 التوافق بالنصف

الميتـــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ زيد

| | | |
|---|---|---|
| زال | 6 مائيٽون ڀينر | 4 ڏاڏيون |
| $\frac{1}{12}$ | $\frac{2}{24}$ | $\frac{1}{12}$ |

هن صورت ۾ ربعُ، نصف ۽ سدس جي گڏجڻ سان اصل مسئلو ٻارهن کان هجڻ گهربو هو پر رد هجڻ سبب من يرد عليہ جي جميع حصن ڪي من لايرد عليہ جي اقل فرضي مخرج ۾ ضرب ڏيڻ سان مسئلو تصحيح ٿيندو.

يعني ٽن ڪي چئن تي ضرب ڪيو تہ حاصل ٻارهن ٿيندو، ان ڪي هر هڪ سهام تي ضرب ڪبو تہ انيتاليهہ مبلغ ٿيندو ۽ سيني تي صحيح تقسيم ٿيندي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# چئن نسبتن جو بيان

جاڻڻ گهرجي تہ ٻن عددن وچ ۾ چار نسبتون ٿينديون آهن.

1) تماثل
2) تداخل
3) توافق
4) تباين

## تماثُل

ٻن عددن جي برابر هجڻ کي تماثل چئبو آهي جيئن چار چار يا ڏهہ ڏهہ هڪ ٻئي جي مثل آهن.

## تداخُل

وڏو عدد ننڍي عدد تي پوري طرح تقسيم ٿي وڃي ۽ ڪسر واقع نہ ٿئي تہ ان کي تداخل چئبو آهي.

ٻين لفظن ۾ تداخل ان کي چئبو آهي جو جيڪڏهن ننڍو عدد وڏي عدد مان ڪڍيو وڃي تہ ٻن يا گهڻن دفعن سان وڏو عدد ختم ٿي وڃي.

مثال جيئن پنجويهن ۽ پنجن ۾ تداخل آهي چو تہ پنج جو عدد پنجويهن کي پنجن دفعن سان فنا ڪري ٿو.

## توافُق:

توافق ان کي چئبو آهي جو ٻن عددن کي ڪو ٽيون عدد هڪ کان زياده فنا ڪري جيئن اٺن ۽ ويهن جو عدد. انهن ٻنهي عددن کي چئن جو عدد فنا ڪري ٿو. انهيءَ فنا ڪندڙ عدد چار کي وفق چئبو آهي ۽ انهن ٻنهي ۾ توافق بالربع سڏيو ويندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**تبايُن:**

تباين ان کي چوندا آهن جو هڪ جي عد کان سواءِ ٻيو ڪو بہ عدل انهن ٻنهي عددن کي فنا نہ ڪري سگهي، جيئن نون ۽ ڏهن جي عدد ۾ تباين آهي.

**وجہِ حصر:**

ياد رکڻ گهرجي تہ انهن نسبتن معلوم ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ وڏي عدد کي ننڍي عدد تي تقسيم ڪبو. جيڪڏهن پهرين تقسيم ۾ ڪجھ نہ بچي تہ تداخل آهي. ۽ باقي بچي تہ باقي کي ننڍي عدد سان تقسيم ڪجي، اهڙي طرح ڪندو رهجي، جيڪڏهن ڪنهن تقسيم ۾ ڪجھ بہ رهي تہ ڏسندا سون تہ انهيءَ جو مقسوم عليہ ڇا آهي، جيڪڏهن بہ آهن تہ ٻنهي عددن ۾ تواقف بالنصف ٿيندو ۽ جيڪڏهن ٽي هجي تہ توافق بالثلث. اهڙي طرح ان تي قياس ڪرڻ گهرجي.

۽ جيڪڏهن پهرين يا ڪنهن ٻي تقسيم ۾ ڪنهن جو عدد بچي پوي تہ انهن ٻنهي عددن ۾ تباين هوندو.

هاڻي ڏسبو تہ جيڪڏهن سهام ورثي ۽ انهن جي تعداد ۾ توافق هجي تہ انهيءَ جي وفق عدد کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏني ويندي.

مثلاً: هڪ ميت وارث ڇڏيا هڪ زال ۽ ڇھ يائر تہ ان صورت ۾ چوٿائي حصو زال جو آهي ۽ باقي ٽي سهام يائرن جا آهن، جيڪي انهن تي هڪ جيترا تقسيم نٿا ٿين ۽ ٽن ۽ ڇهن ۾ توافق آهي. تہ ان صورت ۾ ڇهن کي وفق يعني ٻن کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏينداسون ۽ حاصل ضرب مان مسئلو صحيح ٿيندو.

المسئلہ من 4 X 2 = تصح من 8 التوافق بالنصف

الميت ———————— زيد

| زال | ڇھ يائر |
|---|---|
| $\frac{1}{2}$ | $\frac{3}{6}$ |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ جيڪڏهن ٻن يا گهڻن فريقن جا سهام پورا تقسيم نٿا ٿين، ته هڪ فريق جي عدد کي ٻئي فريق جي عدد ۾ ضرب ڏبو ۽ حاصل ضرب کي ٽئين فريق جي عدد ۾، پوءِ آخري حاصل ضرب کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏينداسون.

مثلا: هڪ شخص وارث ڇڏيا ٻه زالون، پنج ڏاڏيون، ٽي اخيافي مائيتون پيٽون ۽ هڪ چاچو.

اصل مسئلو ٻارهن کان ٿي چوٿائي يعني ٽن سهامن زالن جي ۽ سدس يعني ٻن سهامن ڏاڏين جي ۽ ثلث يعني چئن سهامن پيٽن جي ۽ باقي ٽن سهامن چاچي جي. زالن جي عدد کي ڏاڏين جي عدد پنجن ۾ ضرب ڏينداسون ۽ حاصل ضرب يعني ڏهن کي پيٽن جي ٽن عدد ۾ ضرب ڏينداسون ۽ انهيءَ حاصل ٽيل ضرب يعني ٽيهن کي اصلي مسئلي ٻارهن ۾ ضرب ڏينداسون جو ٽي سؤ سٺ سهام ٿين ٿا، انهن سان مسئلو صحيح ٿيندو.

المسئلہ من 12 X 30 = تصح من 360

الميت ——— زيد

| ٻه زالون | پنج ڏاڏيون | ٽي اخيافي پيٽون | هڪ چاچو |
|---|---|---|---|
| 3 | 2 | 4 | 3 |
| 90 | 60 | 120 | 90 |

۽ جيڪڏهن ٻنهي فريقن جا عدد مساوي هڪ جيترا آهن ته صرف اصل مسئلي ۾ ضرب ڏيڻ ئي ڪافي آهي.

مثلاً: ڪنهن شخص جا وارث ٻه زالون ۽ ٻه ڀائر آهن ته اصل مسئلو چئن کان ٿيندو پوءِ ٻن کي چئن ۾ ضرب ڏيڻ سان اٺ ٿيندا، جن مان ٻه سهام ٻنهي زالن کي ۽ ڇهه سهام ٻنهي ڀائرن کي ڏنا ويندا.

المسئلہ من 4 X 2 = تصح من 8

الميت ——— زيد

| ٻه زالون | ٻه ڀائر |
|---|---|
| 1 | 3 |
| 2 | 6 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ جيڪڏهن هڪ فريق جو عدد ٻئي فريق جي عدد جو جزو هجي ته وڏي عدد تي ضرب ڏيڻ ڪافي ٿيندو.

مثلاً: هڪ شخص وارث ڇڏيا چار زالون ۽ ٻه پائر ته اهڙي صورت ۾ صرف چئن ڪي ضرب ڏيڻ ڪافي آهي.

المسئله من 4 X 4 = تصح من 16

الميت ———————— زيد

| ٻه پائر | چار زالون |
|---|---|
| 3/12 | 1/4 |

۽ جيڪڏهن تعداد فريقن ۾ توافق هجي ته هڪ جي وفق کي ٻئي فريق جي ڪل ۾ ضرب ڏيئي حاصل ضرب کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏينداسون.

مثلا: هڪ شخص جون چار زالون، هڪ پيڻ ۽ ڇهه چاچا وارث آهن ته اهڙي صورت ۾ جيئن ته ڇهن ۽ چئن ۾ توافق بالنصف آهي ته انهن ٻنهي عدن ڇهن ۽ چئن منجهان هڪ جي نصف کي ٻئي جي ڪل ۾ ضرب ڏيئي حاصل ضرب کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏيڻ سان انيتاليهه ٿين ٿا. انهيءَ سان مسئلي جي تصحيح ٿيندي.

المسئله من 4 x 12= تصح من 48 التوافق بالنصف

الميت ———————— زيد

| ڇهه چاچا | هڪ پيڻ | چار زالون |
|---|---|---|
| 1/12 | 2/24 | 1/12 |

جيڪڏهن ميت جو ترڪو وارثن ۾ تقسيم ڪرڻو هجي ته تصحيح منجهان جيترو هڪ وارث کي ملي انهيءَ کي سموري ترڪي ۾ ضرب ڏنو ويندو ۽ حاصل ضرب کي تصحيح ۾ تقسيم ڪيو ويندو. پوءِ جيڪو تقسيم مان خارج هجي اهو ترڪي ۾ مذڪور وارث جو حصو هوندو.

مثلاً: ماءُ، پيءُ ۽ ٻه ڌيئرون وارث آهن ۽ سمورو ترڪو ست رپيا آهي ته



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ جو حصو جيڪو هڪ آهي. انهيءَ کي، سموري ترڪي يعني ستن ۾ ضرب ڏينداسون تہ حاصل ضرب ست ئي ٿيندو. پوءِ ستن کي اصل مسئلي يعني ڇهن سان تقسيم ڪنداسون تہ حاصل قسمت(هڪ سجو هڪ ڀاڱي ڇهہ) 1/6 1 سموري ترڪي مان ماءُ جو حصو ٿيندو. ان کي روپين ۾ تقسيم ڪبو تہ هڪ روپيو، ٻہ آنا، اٺ پايون ٿيندو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| المسئلہ من 6 | | ما في اليد 7 روپيا | |
| الميت | | | زيد |
| | ماءُ | پيءُ | ٻہ ڌيئر |
| | 1 | 1 | 4 |

۽ اهڙي طرح پيءُ جو حصو (هڪ سجو هڪ ڀاڱي ڇهہ) 1/6 1 يعني هڪ روپيو، ٻہ آنا، اٺ پايون ۽ ٻن ڀينرن جا گڏيل حصا (چار سجا ٻہ ڀاڱي ٽي) 2/3 4 يعني هر هڪ ڀيڻ ٻہ روپيہ، پنج آنا، چار پايون ونندي. جيڪڏهن انهن سيني حصن کي جمع ڪبو تہ ست رپيا ٿيندا.

| | | پايون | آنا | روپيہ |
|---|---|---|---|---|
| ماءُ 1/6 1 | يعني | 8 | 2 | 1 |
| پيءُ 1/6 1 | يعني | 8 | 2 | 1 |
| هڪ ڀيڻ 1/3 2 | يعني | 4 | 5 | 2 |
| ٻي ڀيڻ 1/3 2 | يعني | 4 | 5 | 2 |
| ٽوٽل 7 | | - | - | 7 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# تصحيح جو بيان

**(تصحيح معنيٰ حصا برابر ڪرڻ جو طريقو)**

جڏهن وارثن جي ڪنهن به هڪ فريق (ٽولي) جا سهام (حصا) انهن ۾ پوري طرح سجن ۾ تقسيم نه ٿي سگهن ته پوءِ هنن طريقن سان حصو پورو ڪري هڪ جهڙي تقسيم ڪبي آهي.

سهامن (حصن) کي هڪ جيترو ڪري ورهائڻ جا ست **اصول** آهن. انهن ستن مان پهرين ٽن اصولن ۾ صرف هڪ ئي ٽولي جي وارثن جا عدد (رؤس) ۽ انهن جي حصن (سهامن) کي ڏسڻو پوندو آهي. مثال طور: پٽ ڪيترا آهن ۽ انهن کي مال منجهان ڪيترا حصا ملن ٿا ۽ انهن رؤسن ۽ سهامن ۾ ڪهڙي نسبت آهي ۽ باقي چئن پوين اصولن ۾ هڪ قسم جي وارثن جي عدد (رؤسن) کي ٻئي قسم جي وارثن جي عدد (رؤسن) سان ڀيٽڻو پوندو آهي. مثال طور: پٽ ٽي آهن ۽ ڌيئرون پنج آهن ته اهڙي صورت ۾ هي ڏسڻو آهي ته ٽن کي پنجن جي عدد سان ڪهڙي نسبت آهي.

**اصول پهريون:** جڏهن هر فريق جو سهام بغير تڪسير (ٽٽڻ) جي تقسيم ٿي وڃي ته پوءِ ضرب ڏيڻ جي ڪا به ضرورت ڪونهي.

مثال: جيئن ڪنهن شخص وارث ڇڏيا ماءُ، پيءُ ۽ ٻه ڌيئر.

المسئلہ من 6

الميت ——— زيد

| ماءُ | پيءُ | ٻه ڌيئر |
|---|---|---|
| سدس | سدس | ثلثان |
| 1 | 1 | 4 |

**اصول ٻيو:** جڏهن هڪڙي فريق جي مٿان تڪسير ٿئي پر سهامن ۽ رؤسن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ موافقت هجي تہ پوءِ رؤسن جي عدد جي وفق کي اصلي مسئلي يا عول ۾ ضرب ڏني ويندي انهيءَ رؤس سان جنهن جي مٿان سهام پڇن ٿا.

پهريون مثال: جيئن ڪنهن شخص وارث ڇڏيا ماءُ، پيءُ ۽ ڏهہ ڌيئرون.

المسئلہ من 6 X 5 تصح من 30

الميت ــــ زيد

| ماءُ | پيءُ | ڏهہ ڌيئر |
|---|---|---|
| 1/5 | 1/5 | 4/20 |

ٻيو مثال عول جو: جيئن ڪنهن شخص وارث ڇڏيا مڙس، ماءُ، پيءُ ۽ ڇهہ ڌيئرون.

المسئلہ من 12 ع 15 X 3 تصح من 45

الميت

| مڙس | ماءُ | پيءُ | ڇهہ ڌيئر |
|---|---|---|---|
| 3/9 | 2/6 | 2/6 | 8/24 |

**اصول ٽيون:** جيڪڏهن سهامن ۽ رؤسن ۾ موافقت نہ هجي تہ اصل مسئلي يا عول سان ضرب ڏني ويندي انهيءَ عدد رؤس سان جنهن تي سهام منڪسر ٿين ٿا.

مثال: جيئن هڪ شخص ماءُ، پيءُ ۽ پنج ڌيئرون وارث ڇڏيون.

المسئلہ من 6 X 5 تصح من 30

الميت

| ماءُ | پيءُ | پنج ڌيئر |
|---|---|---|
| 1/5 | 1/5 | 4/20 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻيو عول جو مثال: جيئن ڪنهن شخص وارث ڇڏيا مڙس ۽ پنج سڳيون ڀينر.

المسئلہ من 6 ع 7 X 5 تصيح من 35

الميتــ

| 5 سڳيون ڀينر | مڙس |
| --- | --- |
| 4 | 3 |
| 20 | 15 |

**اصول چوٿون:** جيڪو واقع ٿئي ٿو روسن ڪان روسن جي وچالي، جنهن ۾ ڪسر واقع ٿئي ٻن طائفن يا گھڻن ۾ ليڪن انهن جي روسن جي تعداد ۾ نسبت مماثلہ هجي. ان جو حڪم هيءُ آهي تہ ضرب ڏجي انهيءَ عدد جي وفق جي اصل مسئلي ۾.

مثال: جيئن ڪنهن وارث ڇڏيا ڇهہ ڏيٽرون، ٽي ڏاڏيون ۽ ٽي چاچا.

المسئلہ من 6 X 3 تصح من 18

الميتــ

| 3 چاچا | 3 ڏاڏيون | 6 ڏيٽرون |
| --- | --- | --- |
| 1 | 1 | 4 |
| 3 | 3 | 12 |

**اصول پنجون:** جيڪڏهن بعض عدد بعضن ۾ داخل هجن تہ پوءِ انهيءَ صورت ۾ هيءُ حڪم آهي تہ ضرب ڏني ويندي اڪثر عدد ڪي اصل مسئلي ۾.

مثال: هڪ شخص ڇڏيا چار زالون ٽي ڏاڏيون ۽ ٻارهن چاچا.

المسئلہ من 12 X 12 تصح من 144

الميتــ

| 12 چاچا | 3 ڏاڏيون | 4 زالون |
| --- | --- | --- |
| 7 | 2 | 3 |
| 84 | 24 | 36 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**اصول ڇهون:** جيڪڏهن موافق هجن بعض عدد بعضن سان ته پوءِ انهيءَ صورت ۾ هيءَ حڪم آهي ته ضرب ڏبي هڪ عدد رؤس جي وفق جي ٻئي عدد رؤس جي جمع (سموري) عدد ۾، پوءِ جيڪي حاصل ٿئي ته ان کي ٽئين عدد رؤس جي وفق ۾ جيڪڏهن مبلغ موافق هجي، پر جيڪڏهن موافق نه هجي ته ٽئين عدد جي جميع عدد ۾ ضرب ڏجي، ۽ اهو مبلغ وري چوٿين عدد ۾. اهڙي طرح مبلغ کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏيڻ سان تصحيح ٿيندي.

مثال : جيئن هڪ شخص ڇڏيون چار زالون، انارهن ڌيئرون، پندرهن ڏاڏيون ۽ ڇهه چاچا.

المسئلہ من 24 X 180 X 720 X 360 تصح من 4320

الميت

| | | | |
|---|---|---|---|
| 4 زالون | 18 ڌيئرون | 15 ڏاڏيون | 6 چاچا |
| 3 | 16 | 4 | 1 |

**نوٽ:** مذڪوره صورت ۾ اصل مسئلو چوويهن کان ٿيندو. ڇو ته ثمن سدس سان گڏ آهي. پوءِ زالن کي ثمن يعني ٽي سهام ڏنا ويندا، جيڪي ڇئن رؤسن سان مباينة آهي. ۽ ڌيئرن کي ٻه ثلث ڏنا ويندا يعني سورهن سهام ۽ انهن جا روس انارهن ۾ آهن، انهن جي وچالي توافق بالنصف جي نسبت آهي.

تنهن ڪري ڌيئرن جي عدد کي نون ڏانهن رد ڪبو ۽ ڏاڏين لاءِ سدس (ڇهون حصو) آهي جنهن مطابق چار سهام کين ملندا ۽ چار سهام انهن جي پندرهن رؤسن تي پورا نٿا اچن ۽ باقي ڇهن چاچن لاءِ هڪ سهام آهي انهيءَ عدد سهام ۽ رؤسن ۾ به مباينه آهي. تنهن ڪري محفوظ تعداد چار آهن 4، 6، 9 ۽ 15. پر وچالي ڇئن ۽ ڇهن جي توافق بالنصف آهي پوءِ ضرب ڏني ويندي ٻن کي ڇهن ۾ ته حاصل ضرب ٻارهن ٿيندو. پوءِ اهو حاصل تعداد نون سان توافق بالثلث آهي. پوءِ ضرب ڏني ويندي ٽن سان انهيءَ جي پوين مان ڪنهن به هڪ عدد سان يعني ٻارهن کي ٽن سان ضرب ڏبي ته ڇٽيهه عدد ٿيندو. پوءِ ڇٽيهه ۽ پندرهن جو عدد پاڻ ۾ التوافق بالثلث آهي. پوءِ ضرب ڏبي پندرهن جي ٽهائي يعني پنج سان ته حاصل ضرب ٿيندو هڪ سو اسي. پوءِ انهيءَ حاصل ضرب کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏبي يعني چويهن ۾ ته حاصل مبلغ ٿيندو. چار هزار ٽي سو ڏهه، انهيءَ کان مسئلو تصحيح ٿيندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**اصول ستون:** جيڪڏهن سمورا تعداد متباين هجن ۽ ڪو بہ ڪنهن سان موافق نہ هجي، تہ انهيءَ صورت ۾حڪم آهي تہ ضرب ڏني وڃي انهيءَ جي هڪ عدد ۾ جميع (سموري) ثاني عدد کي پوءِ جيڪو مبلغ حاصل ٿئي پوءِ انهيءَ کي ضرب ڏبو جميع مبلغ ثالث ٿئين عدد ۾. پوءِ جيڪو ضرب حاصل ٿئي انهيءَ کي چوٿين عدد ۾ ضرب ڏبو. پوءِ جيڪي جمع ٿئي ان کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏجي تہ مسئلي جي تصحيح ٿيندي.

مثال: جيئن ڪنهن شخص بہ زالون، ڇهہ ڏاڏيون، ڏهہ ڌيئرون ۽ ست چاچا وارث ڇڏيا.

المسئلہ من 24 X 210 تصيح من 5040

الميتــــــــــــــــ

| 2 زالون | 6 ڏاڏيون | 10 ڌيئرون | 7 چاچا |
|---|---|---|---|
| 3 | 4 | 16 | 1 |
| 630 | 840 | 3360 | 210 |

نوٽ: مذڪوره صورت ۾ جيئن تہ ثمن جو اختلاط ثلثان ۽ سدس سان آهي تنهن ڪري اصل مسئلو چوويهن کان ٿيندو. ٻن زالن کي ثمن يعني ٽي سهام ملندا. ٻنهي تعدادن رؤس ۽ سهام ۾ نسبت مباينة آهي. ۽ ڏاڏين کي سدس (ڇهون حصو) يعني چار سهام ملندا ۽ ڌيئرن کي بہ ثلث يعني سورهن سهام ڏنا ويندا. انهن سيني طائفن ۽ انهن جي سهامن ۾ توافق بالنصف آهي. پوءِ عدد ڌيئرن کي رد ڪبو ڏهن کان پنجن ڏانهن ۽ ڏاڏين جي عدد ڇهن کي ٽن ڏانهن، باقي چاچن کي هڪ سهام ڏنو ويندو جو چاچن جي رؤسن ستن ۽ هڪ سهام ۾ مباينة آهي. پوءِ جمع ڪيو ويندو تعداد رؤس جو 2، 3، 5، 7 چوتہ هر هڪ ۾ مباينة آهي. پوءِ ضرب ڏبي ٻن کي ٽن ۾، جنهن جو حاصل ضرب ڇهہ ٿيندو، پوءِ ڇهن کي ضرب ڏبي پنجن ۾ جنهن جو حاصل ضرب ٽيهہ ٿيندو، پوءِ ٽيهن کي ضرب ڏبو ستن ۾ تہ حاصل ضرب ٿيندو بہ سؤ ڏهہ پوءِ بہ سؤ ڏهہ کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏبو يعني چويهن ۾ تہ مبلغ نڪندو پنج هزار چاليهہ.

انهيءَ کان مسئلي جي تصحيح ٿيندي يعني ڇهہ سوٽيهہ، ٻن زالن کي تہ هر هڪ کي ٽي سؤ پندرهن ايندا. اهڙي طرح ڇهن ڏاڏين کي اٺ سؤ چاليهہ تہ هر هڪ کي سؤ چاليهہ ايندا، اهڙي طرح ڏهن ڌيئرن کي ٽي هزار ٽي سؤ سٺ تہ هر هڪ ڌيءَ کي ٽي سؤ ڇٽيهہ ايندا، اهڙي طرح ستن چاچن کي بہ سؤ ڏهہ تہ هر هڪ کي ٽيهہ سهام ايندا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# تصحيح کان پوءِ هر هڪ فريق ۽ هر هڪ وارث جي حصي معلوم ڪرڻ جو بيان

تصحيح ڪرڻ کان پوءِ جڏهن وارثن جي هر فريق کي حصو ڏنو وڃي ته جنهن عدد کي اصل مسئلي ۾ ضرب ڏني ويئي هئي، انهيءَ عدد ۾ هر فريق جي حصي کي ضرب ڏني وڃي جيڪو ان کي اصل مسئلي مان مليو آهي. پوءِ جيڪو حاصل ٿئي اهو ئي ان فريق جو حصو آهي.

مثال: جيئن اصل مسئلو چوويهن کان هيو ۽ ٻه سؤ ڏهه عدد کي چوويهن ۾ ضرب ڏيئي مسئلو صحيح ڪيو ويو. هاڻي جنهن فريق کي چوويهن مان سورهن مليا هئا ان جي حصي سورهن کي ٻه سئو ڏهه ۾ ضرب ڏني وڃي ته انهيءَ مان ٽي هزار ٽي سؤ سٺ حاصل ٿيا. اهو حصو انهيءَ فريق جو آهي. هاڻي جيڪڏهن انهيءَ حصي کي انهيءَ فريق جي الڳ الڳ وارثن ۾ انفرادي طور ورهايو وڃي ته انهيءَ حصي ٽي هزار ٽي سئو سٺ کي انهيءَ فريق جي وارثن ۾ ونڊ ڪبو، جيڪو حاصل ٿيو اهو ان فرد جو حصو آهي. اهڙي طرح ٻين فريقن جا حصا به معلوم ڪرڻ گهرجن.

## مسئلي جي صورت ۽ ونڊ جو طريقو:

المسئلہ من 24 X 210 تصح من 5040

الميــتــ

| ٻه زالون | ڇهه ڏاڏيون | ڏهه ڌيئرون | سٺ چاچا |
|---|---|---|---|
| 3 | 4 | 16 | 1 |
| 630 | 840 | 3360 | 210 |

ٻن زالن جي حصي ڇهه سؤ ٽيهه کي ٻن سان ونڊ ڪبو ته هر هڪ زال کي ٽي سؤ پندرهن حصي ۾ ايندا. ڇهن ڏاڏين جي حصي اٺ سؤ چاليهه کي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇهن سان ونڊ ڪبو تہ هر هڪ ڌاڌي جي حصي ۾ سؤ چاليھ ايندا. ڌهن ڏيئرن جي حصي ۾ ٽي هزار ٽي سئو سٺ ڪي ڌهن سان ونڊ ڪبو تہ هر هڪ ڌيءَ ڪي ٽي سؤ ڇٽيھ ايندا. ستن چاچن جي حصي ۾ سؤ ڌھ ڪي ستن سان ونڊ ڪبو تہ هر هڪ چاچي کي ٽيھ ايندا.

ياد رکڻ گهرجي تہ ٻہ سؤ ڌھ جي عدد کي اصل مسئلي چوويهن ۾ ضرب ڏيڻ جو هي سبب آهي تہ چوويھ حصا سيني فريقن تي پوري طرح تقسيم نہ ٿا ٿين ڇو تہ فريقن جي تعداد ۽ انهن جي حصن ۾ تباين آهي. جيئن زالون ٻہ تہ حصا ٽي. ڌاڌيون ڇھ تہ حصا چار. ڌيئرون ڌھ تہ حصا سورهن ۽ چاچا ست تہ حصو هڪ. انهن تعدادن سان رڳو ڇھ ۽ ڌھ ۾ توافق آهي. انهيءَ ڪري انهن ٻن عددن کي اڌ و اڌ ڪري ٽي ۽ پنج ڪبو ۽ پوءِ ٻن جي عدد کي ٽن ۾ ضرب ڏبي تہ ڇھ ٿيا ۽ ڇهن کي پنجن ۾ ضرب ڏبي تہ ٽيھ ٿيا ۽ ٽيهن کي ستن ۾ ضرب ڏبي تہ ٻہ سئو ڌھ حاصل تعداد ٿيو. جنهن کي اصل مسئلي چوويھ ۾ ضرب ڏني ويئي تہ تصحيح نڪري آئي پنج هزار چاليھ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ميت جو ترڪو وارثن ۾ لهڻي دارن ۾ ورهائڻ جو بيان

جنهن عدد سان مسئلي کي صحيح ڪيو ويو آهي انهيءَ ۾ ۽ ميت جي ترڪي ۾ جيڪڏهن برابري آهي ته ضرب وغيره ڏيڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي.
مثال: جيئن مسئلو به چوويهن کان بڻايو ويو ته مرحوم جا روپيا به ترڪي ۾ چوويهه هئا جيڪي هر هڪ حصي تي پورا ٿي ويا.

پر جيڪڏهن ميت جي ترڪي ۽ مسئلي جي عدد ۾ نسبت مباينه آهي ته پوءِ اصل مسئلي مان هر هڪ فريق کي جيترو حصو مليو آهي انهيءَ کي ترڪي جي عدد ۾ ضرب ڏبو، پوءِ جيڪو عدد ضرب ڏيڻ سان حاصل ٿيو انهيءَ کي صحيح ڪيل اصل مسئلي جي عدد تي ونڊ ڪري ورهايو ويندو. جيڪو حاصل ٿئي اهو ان فريق جو حصو آهي. جيئن

| | | |
|---|---|---|
| المسئله من 6 | | ما في اليد 7 |
| الميت | | زيد |
| ماءُ | پيءُ | ٻه ڌيئر |
| 1 | 1 | 4 |

هن صورت ۾ مسئلو ڇهن کان ٿيو. هڪ هڪ حصو ماءُ پيءُ کي ڏنو ويو ۽ ٻن ڌيئرن کي ٻه ثلث يعني چار ڏنا ويا. جڏهن ته ميت ست روپيا ترڪو ڇڏيو آهي. ته ماءُ، پيءُ ۽ ڌيئرن کي جيترا حصا ڇهن مان مليا انهن کي ستن ۾ جدا جدا ضرب ڏيئي ڇهن ۾ ونڊ ڪبو. جيئن ٻن ڌيئرن کي چار حصا مليا ته جيئن ستن ۾ ضرب ڏبي ته اٺاويهه حاصل ٿيا. انهن اٺاويهن کي ڇهن تي ورهايو ويندو ته 4 2/3 (چار سجا ٻه ڀاڱي ٽي) حصا ٿيا يعني چار روپيا سجا باقي ٽئن روپين جا ڇهه حصا ڪبا ته ڏهه آنا، اٺ پايون ڌيئرن جو حصو ٿيو. اهڙي طرح ٻين وارثن جا به حصا معلوم ڪجن.

پر جيڪڏهن مسئلي جي عدد ۽ ترڪي جي تعداد ۾ توافق هجي ته هر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فريق جي حصي کي ترڪي جي عدد جي وفق ۾ ضرب ڏبي. پوءِ جيڪو عدد ضرب مان حاصل ٿيو ان کي مسئلي جي مخرج جي وفق ۾ تقسيم ڪبو. جيئن:

المسئلہ من 6 — ما في اليد 7

الميت ——— بڪر

| | | |
|---|---|---|
| ماءُ | پيءُ | ٻہ ڌيئر |
| 1 | 1 | 4 |

هن صورت ۾ مسئلو ڇهن کان ٿيو ۽ ترڪو اٺ روپيا هيو. انن ۽ ڇهن جي تعداد ۾ نسبت توافق بالنصف آهي يعني اڌ سان موافقت آهي يعني ٻن جو عدد ڇهن ۽ انن کي متائي ٿو. وارثن منجهان هر هڪ فريق جي حصي کي انن جي اڌ يعني چئن ۾ ضرب ڏبي پوءِ جيڪو حاصل ٿيو ان کي ڇهن جي اڌ يعني ٽن ۾ تقسيم ڪبو جيڪو حاصل ٿيو تہ اهو هر فريق جو حصو آهي.

مٿئين صورت ۾ ڌيئرن جي حصي يعني چئن کي انن جي اڌ چئن ۾ ضرب ڏني وئي تہ سورهن ٿيا. وري سورهن کي ڇهن جي اڌ ٽن ۾ ونڊ ڪبو تہ 1/3 5 (پنج سجا هڪ ياڱي ٽي) ٿيا.

هاڻي جيڪو حصو انهيءَ طريقي سان هر هڪ فريق کي مليو، جيڪڏهن انهيءَ حصي مان هر شخص جو جدا جدا حصو معلوم ڪجي تہ ان جو هي طريقو آهي:-

جيڪو حصو وارث کي اصل مسئلي مان مليو آهي انهيءَ کي يا تہ سموري ترڪي ۾ ضرب ڏبو جيڪڏهن ترڪي ۽ اصل مسئلي ۾ تباين آهي تہ. يا وري ترڪي جي تعداد جي وفق ۾ ضرب ڏجي جيڪڏهن ترڪي ۽ مسئلي جي مخرج ۾ توافق آهي تہ جيڪو حاصل ٿيو انهيءَ کي پوري مسئلي جي عدد ۾.

ٻئي صورت ۾ يعني جڏهن ترڪي ۽ اصل مسئلي ۾ توافق هجي تہ ونڊ ڪريو جيڪو حاصل ٿئي اهو ان وارث جو حصو آهي، جيئن سمورن ڌيئرن کي 1/3 5 (پنج سجا هڪ ياڱي ٽي) مليا آهن.

هاڻي هر هڪ ڌيءَ جو الڳ الڳ حصو معلوم ڪرڻو هجي تہ اصل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسئلو ڇهن مان هر هڪ ڌيءُ کي ٻه ٻه مليا هئا، انهن ٻن سان متروڪ مال جي وفق کي ضرب ڏني وئي ته اٺ حاصل ٿيا. انهيءَ عدد کي اصل مسئلي ڇهن جي وفق يعني ٽن تي ونڊ ڪئي وئي ته 2/3 2 (ٻه سڄا ٻه ٽياڱي ٽي) هر هڪ ڌيءُ جو الڳ حصو نڪري آيو. اهڙي طرح ٻين وارثن جا حصا به معلوم ڪجن.

اهو ته هيو ميت جي وارثن جو حصومعلوم ڪرڻ پر جيڪڏهن فوتي تي ڪجھ ماڻهن جو قرض هجي ته هر شخص جي قرض کي وارث جي حصي وانگر سمجهي اهو ئي طريقو اختيار ڪريو جيڪو ميت جي وارثن جي حصي سان ڪيو ويو آهي. جيئن هڪ ماڻهو مري ويو انهيءَ تي زيد جا ٻه روپيا، بڪر جا چار روپيا، ۽ عَمرو جا ٽي روپيا قرض آهي ته سمورو قرض نَوَ روپيا ٿيو ۽ ميت جي ڪفن دفن کان پوءِ ڪل اٺ روپيا بچيا ته انهن لهڻيدارن جي قرض کي حصي وانگر ٻڌائبو. هن طرح:

المسئلۃ من 9 — 8

الميت ———————————— عبدالله

| زيد | بڪر | عَمرو |
|---|---|---|
| 2 | 4 | 3 |

انهيءَ صورت ۾ هر شخص جي قرض کي وارثن جي حصن وانگر هيٺان رکيو ويندو ۽ انهن سمورن قرضن کي ملائي جيڪو عدد نهيو ان کي اصل مسئلو ٻڌائبو. هاڻي انهيءَ عدد مان ۽ ڇڏيل ترڪي جي مال سان نسبت ڏيئي انهيءَ طريقي سان ورهائبو ۽ ونڊبو جيئن مٿي گذري چڪو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مناسخي جي حڪمن جو بيان

جيڪڏهن ترڪي تقسيم ڪرڻ کان پهريائين ڪو وارث مري وڃي ۽ ان جي حصي جو مال پوئين وارثن ڏانهن منتقل ٿي وڃي ته ان کي مناسخ چوندا آهن يعني ميراث ورهائجڻ کان پهريان ميت جي وارثن مان ڪوئي مري وڃي يا ان کان پوءِ به ميت اول يا ميت ثاني جي وارثن مان ڪوئي مري وڃي يا اهڙي طرح گهڻا وارث هڪ ٻئي پنيان ترڪي جي تقسيم کان پهريان مري وڃن ته ان کي مناسخو چوندا آهن. اهڙي صورت ۾ پهريائين ميت اول جي مسئلي جي تصحيح ڪئي ويندي. ۽ هر وارث جا سهام ڏنا ويندا پوءِ ميت ثاني جي مسئلي جي تصحيح ڪئي ويندي ۽ ٻنهي تصحيحن جي ما في اليد (يعني حاصل ڪيل حصن) ۾ غور ڪيو ويندو ته انهن عددن ۾ استقامت آهي يا توافق يا تباين. جيڪڏهن تصحيح اول جو ما في اليد تصحيح ثانيءَ تي مستقيم صحيح تقسيم هجي يعني ان جي وارثن تي بلاڪسر (پجڻ) جي تقسيم ٿي وڃي ته اهڙي صورت ۾ ضرب وغيره جي ڪا به ضرورت نه آهي. پر جيڪڏهن مستقيم نه هجي ۽ ميت ثاني جي سهامن ۾ ۽ ان جي مسئلي ۾ توافق نه هجي ۽ تباين هجي ته جميع تصحيح ثانيءَ کي جميع تصحيح اول ۾ ضرب ڏني ويندي جيڪو حاصل ضرب ٿيو ته اهو تعداد ٻنهي مسئلن جي مخرج هوندو ۽ جيڪڏهن انهن جي سهامن ۾ توافق هجي ته ٻئي مسئلي جي وفق کي پهرين مسئلي سان ضرب ڪبو ۽ جيڪو ضرب مان حاصل ٿيندو انهيءَ مان ٻنهي مسئلن جي تصحيح ٿيندي.

مثلاً: هڪ عورت نالي حوا جا ٻه پائر ۽ مڙس وارث ٿيا ۽ مسئلو ڇئن کان صحيح پئي ٿيو پوءِ مڙس مري ويو ۽ انهيءَ چار پٽ ڇڏيا ته هيءُ مسئلو به ڇئن کان ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي ۾ نسبت توافق بالنصف آهي ته ان جو نصف عدد يعني ٻن کي ٻئي جي ڪل عدد ۾ ضرب ڏني ويندي جنهن جو حاصل ضرب اٺ آهي. بس اٺن کان ٻئي مسئلا صحيح ٿيندا پوءِ چار سهام ٻنهي پائرن جا هوندا ۽ چار سهام مڙس جي پٽن جا هوندا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من $\frac{2}{4} \times 2 =$ وتصح من 8 التوافق بالنصف

الميت ـــــــــــــــــــــــــــــ حوا

مڙس 2

ڀيڻ $\frac{2}{4}$ ... ما في اليد $\frac{1}{2}$

الميت ـــــــــــــــــــــــــــــ مڙس

| | | | |
|---|---|---|---|
| پٽ | پٽ | پٽ | پٽ |
| 1 | 1 | 1 | 1 |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# تخارج جو بيان

(يعني ڪنهن وارث کي حصي وٺڻ کان ڪيڻ جو بيان.)

وارثن مان جيڪڏهن ڪو وارث پنهنجو حصو رضا خوشيءَ سان نہ وٺڻ چاهي ۽ ٻين وارثن کي پنهنجو حصو معاف ڪري ڇڏي تہ مسئلي جي عدد منجهان ان جو حصو ڪڍي باقي بچت کي ٻين وارثن تي تقسيم ڪجي پوءِ جيڪو حاصل ٿئي اهو هر وارث جو حصو آهي.

مثلاً:

المسئلہ من 6

الميتہ ـــــــــــــــــــــ فاطمہ

| مڙس | ماءُ | چاچو |
|---|---|---|
| 3 | 2 | 1 |

انهيءَ صورت ۾ مسئلو ڇهن کان ڪيو ويو جن مان ٽي مڙس کي ۽ ٻہ ماءُ کي ۽ هڪ چاچي کي ڏنو ويو. مڙس پنهنجو حصو معاف ڪري ڇڏيو تہ انهن ٽن کي ڇهن مان ڪڍبو باقي ٽي بچندا، انهن ٽن مان مسئلو ڪيو ويندو. هاڻي ڏسبو تہ ڇهن مان ٻہ مليا هئا ۽ چاچي کي هڪ تہ انهن ٽن مان ماءُ کي ٻہ ۽ چاچي کي هڪ ڏبو.

مطلب هي ٿيو تہ جيڪڏهن مڙس پنهنجو حصو وٺي ها تہ مال جا ڇهہ حصا ٿين ها، انهن مان ماءُ کي ٻہ ۽ چاچي کي هڪ ملي ها. هاڻي جڏهن مڙس پنهنجو حصو ڇڏي ڏنو تہ ميت جي سموري مال کي ٽي حصا ڪبو، انهن مان ٻہ حصا ماءُ کي ۽ هڪ حصو چاچي کي ڏبو. يا هن طرح



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 8 X 4 = و تصح من 32

الميتـــــــــــــــــ زيد

| | |
|---|---|
| زال | چار پٽ |
| $\frac{1}{4}$ | $\frac{7}{28}$ |

هن صورت ۾ انن کان مسئلو ٻٽايو ويو ۽ ٻٽيهن سان صحيح ڪيو ويو چو تہ انن مان هڪ زال کي باقي ست چئن پٽن ۾ ورهايا ويا ۽ چئن ۽ ستن ۾ نسبت تباين آهي. جنهن ڪري چئن کي مسئلي جي مخرج انن ۾ ضرب ڏني ويئي تہ حاصل ضرب ٻٽيھہ ٿيا. انهن ٻٽيهن مان چار زال کي ۽ ست ست چئن پٽن کي ڏبا. هاڻي انهن پٽن مان جيڪڏهن ڪو پنهنجو حصو ٻين وارثن کي معاف ٿو ڪري تہ پوءِ ٻٽيهن مان ست ان جي حصي جا ڪڍي ڇڏبا باقي پنجويهہ رهندا. انهن پنجويهن مان چار زال کي ۽ ست ست ٽن پٽن کي ڏنا ويندا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# خنثيٰ جي ميراث جو بيان

خنثيٰ ان ماڻهوء کي چوندا آهن جنهن کي نہ مرد چئي سگهجي ۽ نہ عورت.

جيڪڏهن ڪنهن شخص ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جون نشانيون موجود هجن يا ڪا بہ نشاني موجود نہ هجي يعني نہ مرد جي علامت هجي ۽ نہ وري عورت جي علامت. حتي الوسع انهيءَ کي ڪنهن بہ طريقي سان مرد يا عورت قرار ڏين ٿا ۽ ان جي مطابق ميراث وغيره جا سمورا حڪم لڳايا وڃن ٿا.

مثلاً هي ڏٺو ويندو تہ هن ۾ غلبو ڪهڙي طرف آهي. جيڪڏهن مرد جا ڪجھ نہ ڪجھ آثار لڌا وڃن تہ ان کي مرد ئي سمجهيو ويندو ۽ جيڪڏهن عورت جا آثار لڌا وڃن تہ عورت تصور ڪنداسون ۽ انهيءَ جي مطابق ميراث جا سمورا احڪام جاري ٿيندا. ليڪن جڏهن ٻئي حالتون بلڪل هڪ جهڙيون ۽ برابر هجن ۽ اهڙي مشتبہ حالت ۾ وڃي جو ڪنهن بہ طريقي ۽ ڪنهن بہ علامت سان بہ ان کي مرد يا عورت هجڻ جي ترجيح نہ ڏئي سگهجي تہ انهيءَ کي خنثيٰ مشڪل چئبو آهي.

ميراث حاصل ڪرڻ ۾ ان جو هيءُ حڪم آهي تہ جيڪڏهن عورت سمجهڻ ۾ حصو گهٽ ملي ٿو تہ عورت ئي سمجهنداسون مطلب تہ جنهن صورت ۾ حصو گهٽ ملي ٿو تہ اها ئي صورت تجويز ڪئي ويندي.

ميراث جي تقسيم ۾ خنثيٰ کي ٻن صورتن ۾ حصو ملندو آهي هڪ هيءُ تہ خنثيٰ کي عام طور تي مونث جي حيثيت سان حصو ڏنو ويندو آهي ۽ ٻي صورت هي آهي تہ خنثيٰ مشڪل کي مذڪر ثابت ٿيڻ تي مذڪر جي حيثيت سان حصو ڏنو ويندو آهي.

احناف جي مطابق ان اجمال جو تفصيل هي آهي تہ جيڪڏهن ٻار کي فَرج (عورتاڻو جنسي عضوو) بہ هجي ۽ ذَڪَر (مرداڻو جنسي عضوو) بہ هجي تہ اهو خنثيٰ آهي. جيڪڏهن اهو ذَڪَر مان پيشاب ڪري ٿو تہ اهو ڇوڪرو آهي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن فرج مان پيشاب ڪري ٿو ته ڇوڪري آهي. پر جيڪڏهن هو ٻنهي مان پيشاب ڪري ٿو ته پيشاب جنهن عضوي مان اڳ ۾ نڪري ان مطابق حڪم ڏنو ويندو. پر جيڪڏهن هڪ ئي وقت ٻنهي عضون مان پيشاب نڪري ٿو ته اهو خنثىٰ مشڪل آهي.

پوءِ جڏهن خنثىٰ مذڪور بالغ ٿئي ۽ ان جي ڏاڙهي ظاهر ٿئي يا ان ڪنهن عورت سان جماع ڪيو ته اهو مرد آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن مردن وانگر انهيءَ کي احتلام ٿيو يا ان جون ڇاتيون مردن وانگر صاف آهن ته به مرد آهي پر جيڪڏهن ان جو ڇاتيون عورتن وانگر وڏي ظاهر ٿيون يا ان جي پستانن ۾ کير لهي آيو يا حيض اچي وڃي يا اها حامله ٿي وڃي يا فرج ۾ ان سان جماع ڪرڻ جو امڪان هجي ته اها عورت آهي پر جيڪڏهن انهن نشانين مان ڪا به ظاهر نه هجي يا اهي علامتون هڪ ٻئي سان مليل جليل ظاهر ٿين ته اهو خنثىٰ مشڪل آهي.

امام اعظم ابو حنيفه رحمت الله عليه خنثىٰ مشڪل کي ميراث منجهان وڏيڪ گهٽ حصو (اقل النصيبين) ڏئي ٿو يعني انهيءَ کي مرد ڄاڻجي يا عورت جنهن صورت ۾ ان جو گهٽ حصو نهندو هجي ان کي ڏنو ويندو.

مثلا: جيڪڏهن ان جو پيءُ مري ويو ۽ انهيءَ هڪ خنثىٰ ۽ هڪ پٽ ڇڏيو ته انهيءَ خنثىٰ کي هڪ حصو ۽ پٽ کي به حصا ڏنا ويندا.

**ٻي صورت:** هي آهي ته جيڪڏهن متوفي هڪ خنثىٰ مشڪل ۽ هڪ ڌيءُ ڇڏي مري ويو ته انهن ٻنهي کي اڌ اڌ مال ڏنو ويندو.

**ٽين صورت:** اگر متوفيءَ حقيقي ڀيڻ ڇڏي ۽ پيءُ جي طرفان خنثىٰ مشڪل ڇڏيائين ۽ هڪ عصبو به ڇڏيو ته حقيقي ڀيڻ کي نصف ۽ خنثىٰ مذڪوره کي ڇهون حصو ملندو جيئن به ٽهايون پوريون ٿي وڃن جيئن پيءُ جي طرفان ڀيڻ هجڻ جي صورت ۾ هجي ها ۽ باقي مال عصبي کي ملندو.

**چوٿين صورت:** متوفيه مڙس ۽ ماءُ ۽ خنثىٰ مشڪل ڇڏيو، جيڪو متوفيه جي طرفان ان جو ڀاءُ آهي يا ڀيڻ آهي. چنانچه متوفيه جي مڙس کي اڌ ڏنو ويندو ۽ ماءُ کي ڇهون حصو ڏنو ويندو ۽ باقي خنثىٰ کي ڏنو ويندو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يعني هو مذڪر قرار ڏنو ويندو.

**پنجين صورت:** متوفيہ مڙس ڇڏيو ۽ حقيقي ڀيڻ ۽ ڀيئيتو خنثىٰ ڇڏيو. پوءِ جيڪڏهن خنثىٰ کي مونث قرار ڏنو وڃي ٿو ته ان کي ڇهون حصو ملندو ۽ جيڪڏهن مذڪر قرار ڏنو ويندو ته عصبو بڻجي ٿو، ان حالت ۾ هن کي ڪجهه بہ نہ ملندو. انهيءَ ڪري مڙس کي اڌ ۽ ڀيڻ کي اڌ ۽ خنثىٰ محروم قرار ڏبو.

**ڇهين صورت:** هڪ شخص فوت ٿي ويو ۽ انهيءَ هڪ اولاد خنثىٰ ۽ هڪ عصبو ڇڏيو. پوءِ خنثىٰ مذڪر ان ڪان پهريائين جڏهن تہ ان جو حال معلوم هجي مري ويو تہ امام اعظم ۽ امام محمد جي قول جي بنا تي خنثىٰ جو حصو ڌيءَ جي حصي برابر لڳايو ويندو ۽ اهو اڌ مال هوندو ۽ باقي مال عصبي کي ڏنو ويندو. امام ابويوسف جو بہ پهريون قول اهو ئي آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ جي باوجود ميت جو ڪو پٽ مشهور هجي تہ امام اعظم ۽ امام محمد جي قول جي بنا تي ترڪي جو مال انهيءَ خنثىٰ ۽ ان جي پٽ جي وچالي مرد کي عورت ڪان ٻيڻ جي حساب سان تقسيم ٿيندو، انهيءَ صورت ۾ جڏهن خنثىٰ زنده رهيو ۽ ان جو حال ظاهر نہ ٿيو تہ پوءِ ٻنهي ۾ مال ڪهڙي طرح تقسيم ڪبو؟ انهيءَ ۾ فقهاء رحمهم الله گفتگو ڪئي آهي.

بعضن جو فرمان آهي تہ ٽيون حصو مال خنثىٰ کي ۽ اڌ مال پٽ کي ڏنو ويندو ۽ ڇهون حصو روڪي رکيو ويندو جيئن حمل ۽ مفقود جي صورت ۾ آهي. انهن ٻنهي جو حصو رکي ڇڏبو آهي انهيءَ وقت تائين جيستائين انهن جو حال ظاهر ٿئي، ۽ اڪثر مشائخن فرمايو آهي تہ اهو حصو بہ پٽ کي ڏنو ويندو انهيءَ ڪري جڏهن پٽ کي بہ ٽهايون مال ڏنو ويو تہ ڇا پٽ ڪان ڪو ضامن ورتو ويندو ۽ ٻين بزرگن وٽ احتياط طور ڪفيل ورتو ويندو. ۽ بعضن جو چوڻ آهي تہ نہ ورتو ويندو. اجماع هن تي آهي تہ احتياطاً ضامن ورتو ويندو. پر جيڪڏهن ظاهر ٿئي تہ خنثىٰ مذڪور مرد آهي تہ هاڻي ياءُ ڪان ڇهون حصو واپس ونندو ۽ جيڪڏهن مونث ظاهر ٿيو تہ جو ڪجهه پٽ معروف ورتو آهي اهو انهيءَ جو سمجهيو ويندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**ستين صورت:** ميت پنهنجي ياءُ کي ڌيءَ خنثىٰ ۽ ياءُ جي پٽ جي ڌيءَ خنثىٰ ۽ ياءُ جي پٽ جو پٽ معروف ڇڏيو ته اسان جي فقيهن جي قول مطابق سمورو ترڪو انهن سيني ۾ ٽي حصا تقسيم ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي خنثن کان سواءِ ميت جو ڪو به وارث نه هجي ته انهيءَ قول مطابق سمورو مال اول خنثن کي ٻنهي مان ملندو. انهيءَ ڪري جو اهي ٻئي ڌيئرون آهن ۽ ياءُ جي ڌيءَ ميراث جي حق ۾ ياءُ جي پٽ جي ڌيءَ جي نسبت مقدم آهي.

**اٺين صورت:** جيڪڏهن متوفي ڌيءَ خنثىٰ ۽ پيٽ خنثىٰ ڇڏي ۽ ٻئي حال معلوم ٿيڻ کان اڳ ۾ مري ويون ته امام ابو حنيفه ۽ امام محمد ۽ امام ابو يوسف جي قول پهرين مطابق ڌيءَ کي اڌ ۽ باقي پيٽ کي ملندو. ڇو ته هي ٻئي ڌيئرن جي حڪم ۾ آهن ۽ ڌيءَ سان گڏ جيڪا پيٽ هجي اها عصبو هوندي آهي.

**نائين صورت:** متوفي هڪ عصبو ۽ پيٽ خنثىٰ ڇڏي ۽ ياءُ جي ڌيءَ خنثىٰ ڇڏي ته محولا بالا قول مطابق پيٽ کي اڌ ۽ وارث عصبي کي اڌ ملندو. ڇو ته ٻئي خنثىٰ مونث قرار ڏنيون ويون آهن. لهٰذا پيٽ کي اڌ ۽ باقي اڌ عصبي کي ملندو ۽ ياءُ جي ڌيءَ کي ڪجھ نه ملندو.

**ڏهين صورت:** جيڪڏهن ميت جو ڪو به عصبو نه هجي ته سڀ مال فرض ۽ رد جي طريقي مطابق پيٽ کي ملندو ۽ ياءُ جي ڌيءَ کي ڪجھ به نه ملندو. هن ڪري جو ياءُ جي ڌيءَ ذوي الارحارمنجهان آهي ۽ صاحبِ فريضه جي موجودگي ۾ ذوي الارحام کي ڪجھ به نه ملندو آهي.

**يارهين صورت:** جيڪڏهن متوفيءَ ڌيءَ خنثىٰ ۽ ياءُ جي ڌيءَ خنثىٰ ڇڏي ۽ ان جو ڪو به عصبو وارث نه آهي. تڏهن به اهو ئي حڪم آهي جيڪو پيٽ خنثىٰ جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي يعني سڀ مال فرض ۽ رد جي طريقي مطابق ان جي ڌيءَ خنثىٰ کي ملندو ۽ ياءُ جي ڌيءَ خنثىٰ کي ڪجھ به نه ملندو.

**ٻارهين صورت:** اگر متوفيءَ ڌيءَ خنثىٰ ڇڏي ۽ هڪ عصبو وارث ڇڏيو ته اسان جي قول مطابق ته اهي سڀ مونث جي حيثيت جا خنثىٰ آهن. لهٰذا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پهرين درجي واري يعني ميت جي ڌيءُ خنثيٰ کي اڌ ملندو ۽ اوسط (درمياني) درجي واريءَ کي ٻہ ٽهائيون پوري ڪرڻ لاءِ ڇهون حصو ملندو ۽ باقي مال عصبي کي ملندو، ۽ هينئين ڌيءُ خنثيٰ کي ڪجھ بہ نہ ملندو ۽ جيڪڏهن متوفيءَ جو ڪو بہ وارث عصبو نہ هجي تہ باقي مال پهرين درجي واري ۽ وچين درجي واري ٻنهي خنثن کي ٻنهي جي ميراث جي حساب سان رد ڪيو ويندو يعني چار حصا ڪري ٽي حصا پهرين درجي واريءَ کي ۽ هڪ حصو اوسط درجي واريءَ کي ڏنو ويندو.

**ٽيرهين صورت:** جيڪڏهن متوفي هڪ ڌيءُ صلبي ڇڏي ۽ پٽ جون ٽي ڌيئرون خنثيٰ ڇڏيون. بعض بعضن کان هيٺائين درجي ۾ آهين ۽ هڪ عصبو ڇڏيائين تہ ڌيءُ کي اڌ حصو ملندو ۽ ٻن ٽهائين کي پوري ڪرڻ لاءِ درجي پهرين جي خنثيٰ کي ڇهون حصو ملندو ۽ باقي عصبي کي ملندو. چو تہ سيئي خنثيٰ مؤنث جي حيثيت جا آهن، جيتري تائين ان جو حال ان جي خلاف ظاهر نہ هجي. جيڪڏهن مذڪوره متوفي جو ڪو بہ عصبو نہ هجي تہ باقيءَ جا چار حصا ڪري ٽي حصا ڌيءُ کي ۽ هڪ حصو پهرين درجي جي ڌيءُ خنثيٰ کي ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن انهن ڌيئرن خنثيٰ کان هيٺائين درجي ۾ جيڪڏهن ڪو پٽ معروف موجود هجي تہ اسان وٽ ڌيءُ متوفيءَ کي اڌ ڏنو ويندو ۽ اول درجي جي خنثيٰ پٽ جي ڌيءُ کي ڇهون حصو ٻن ٽهائين کي پورو ڪرڻ واسطي ڏنو ويندو. ۽ باقي انهيءَ پٽ ۽ خنثيٰ ڌيءُ درمياني ۽ هيٺئين جي وچالي مرد کي عورت کان ٻيڻون جي حساب سان تقسيم ٿيندو. هن ڪري جو خنثيٰ وچ درجي واري ۽ خنثيٰ هيٺئين درجي واري ٻئي مؤنث جي حڪم ۾ ڌيئرون آهن. ۽ پٽ جي اولاد ۾ جيڪو مرد هجي اهو پاڻ سان گڏ ۽ پاڻ کان مٿئين درجي جي انهن مؤنثن کي جن کي فرضي ترڪو ڪجھ نہ مليو آهي پاڻ سان گڏ عصبو ڪري ڇڏيندو آهي.

**چوڏهين صورت:** هڪ شخص مري ويو انهيءَ زال ڇڏي ۽ ماءُ جي طرفان ٻہ مائيتا ڀائر ۽ حقيقي ماءُ جي طرفان هڪ خنثيٰ ڀيڻ ڇڏي تہ اسان حنفين وٽ زال کي چوٿون حصو ملندو ۽ ٻنهي مائيتن ڀائرن کي ٽيون حصو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ملندو ۽ جيڪو باقي بچيو اهو خنثىٰ پيٽ کي ملندو. جيڪڏهن انهن جي باوجود متوفي ماءُ ٻہ ڇڏي هجي تہ ماءُ کي ٻارهن سهامن منجهان ڇهون حصو ٻہ سهام ملندو ۽ زال کي چوٿائي جا ٽي سهام ۽ ٻنهي مائيٽن ڀائرن کي چار سهام ۽ باقي خنثىٰ کي ملندو. ڇو تہ اهو عصبو قرار ڏنو ويندو ڇو تہ اهڙي صورت ۾ ان کي مرد قرار ڏيڻ ۾ سيني کان گهٽ حصو ملندو آهي. (فتاوىٰ عالمگيري جلد 1 صفحہ 437 کان 440).



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حمل جو بيان

عورت جي پيٽ ۾ ٻار گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مهينن تائين رهي سگهي ٿو ۽ زياده کان زيادهہ ٻن سالن تائين.

جيڪڏهن ڪنهن عورت کي ان جي مڙس جي مرڻ کان ٻن سالن کان پوءِ ٻار پيدا ٿئي ته انهيءَ مري ويل مڙس جي ميراث انهيءَ ٻار کي نه ملندي. ڇو ته هيءُ ٻار ميت جو نه آهي ڪنهن ٻئي جو آهي ۽ جيڪڏهن ميت جي مرڻ کان پوءِ ٻن سالن يا ٻن سالن کان گهٽ مدت ۾ پيدا ٿيو ۽ زال به ٻار ڄمڻ کان اڳ ۾ حمل جو انڪار ڪونه ڪيو هو ته انهيءَ ٻار کي انهيءَ مري ويل جي مال مان حصو ملندو.

ياد رکڻ گهرجي ته حمل کان انڪار ڪرڻ جي صورت هيءَ آهي ته عورت چئن مهينن ۽ ڏهن ڏينهن کان پوءِ چئي چڪي هجي ته منهنجي عدت پوري ٿي ويئي. ڇو ته جيڪڏهن اهو حمل ميت جو هيو ته حمل جي ٻاهر اچڻ کان پهريائين ان عورت جي عدت ڪهڙي طرح پوري ٿي وئي؟ هن ڪري ته جنهن جو مڙس مري وڃي ۽ عورت ڏکي هجي ته ان جي عدت ٻار جي پيدا ٿيڻ سان پوري ٿيندي آهي. جڏهن ان عورت چيو ته منهنجي عدت پوري ٿي وئي ۽ بعد ۾ اٺ ڏهه مهينا پوءِ ٻار ڄايو ته معلوم ٿيو ته انهيءَ ٻار جو حمل ميت کان پوءِ ٿيو آهي. ۽ جيڪڏهن ميت کان سواءِ ٻئي ڪنهن وارث جو آهي جيئن ميت جي ماءُ حامله (ڏکي) آهي ته انهيءَ صورت ۾ اهو حمل جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ يعني ميت جي مرڻ کان پوءِ ڇهن مهينن يا انهيءَ کان گهٽ عرصي ۾ پيدا ٿيو ته انهيءَ ميت جي مال جو وارث ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهيءَ کان زياده مدت ۾ پيدا ٿيو ته مال جو وارث نه ٿيندو. ۽ جيڪڏهن اهو ٻار زنده پيدا ٿي پوءِ مري ويو ته ٻيا ماڻهو ان ٻار جا وارث ٿيندا ۽ هي چوڻ ته ٻار زندهہ پيدا ٿئي ته ٻار کي ميت جو مال ملندو انهيءَ مان هيءُ مطلب آهي ته پورو زندهہ ٻار پيٽ مان ٻاهر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نڪري اچي. ۽ جيڪڏهن ٻاهر اچڻ جي حالت ۾ مري ويو ته پوءِ جيڪڏهن ٻار سڏو يعني مٿي پر پيدا ٿيو ۽ سيني تائين جيئرو نڪتو ته انهيءَ ٻار کي زنده سمجهيو ويندو يعني انهيءَ ٻار کي ميت جي مال جو وارث بنائي مال ان ٻار جي وارثن کي ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن سيني کان گهٽ حصي تائين جيئرو نڪتو ته ان ٻار کي مري ويل سمجهي ميت جي مال منجهان ڪجهه نه ڏنو ويندو. پر جيڪڏهن ابتو پيدا ٿيو يعني پيرن پر ته انهيءَ حالت ۾ دن جو اعتبار آهي يعني جيڪڏهن دن تائين زنده پيدا ٿيو ۽ بعد ۾ مري ويو ته ان کي زنده سمجهي ميراث جو وارث ۽ حصيدار مڃبو.

هاڻي جڏهن معلوم ٿيو ته ان جا مسئلا هي آهن ته جهڙي طرح زنده وارث پنهنجي رشتيدار ميت جي مال جو حصو وٺي ٿو اهڙي طرح جيڪو وارث ميت جي مرڻ وقت پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هجي ته اهو به وارث ٿيندو مگر هن شرط سان ته زنده پيدا ٿيو هجي. جيئن هڪ شخص جو انتقال ٿي ويو، ان جا ڪجهه پٽ موجود آهن ۽ ان جي زال ڏکي آهي ته جهڙي طرح هي موجود پٽ ان جا وارث آهن اهڙي طرح هي پيٽ وارو ٻار به ان جو وارث آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن جو انتقال ٿيو ۽ ان جي پنيان ڪجهه ڀائر موجود آهن ۽ ان جي مرڻ وقت ان جي ماءُ ڏکي آهي ته جيڪڏهن ان جا زنده ڀائر حصو وٺندا ته ضرور هيءُ حمل وارو ٻار به حصي جو حقدار ٿيندو. هاڻي جڏهن مال تقسيم ڪيو ويندو ته هڪ وارث جو حصو انهيءَ مال منجهان حمل لاءِ رکيو ويندو ڇو ته جيڪڏهن هيڏي طرح به ٿي سگهي ٿو ته ماءُ جي پيٽ ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻار هجن مگر جيئن ته عموماً عورتن جي هڪ حمل ۾ هڪ ئي ٻار پيدا ٿيندو آهي ۽ هڪ کان وڌيڪ ٻار پيدا ٿيڻ تمام گهٽ آهي انهيءَ ڪري هڪ ئي ٻار جو حصو بچائي رکيو ويندو ۽ باقي وارثن کان ضامن ورتو ويندو ته جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ ٻار پيدا ٿيا ته توهان کي پنهنجي حصن مان ان جي حصي برابر مال واپس ڪرڻو پوندو. هاڻي هيءُ حساب لڳايو وڃي ته جيڪڏهن حمل مان ڌيءُ ٿي ته زياده حصو وٺندي يا پٽ هوندو ته زياده حصو وٺندو؟ جنهن به صورت ۾ حمل کي زياده حصو ملي انهيءَ جو اعتبار ڪري انهيءَ حمل جي لاءِ حصو رکيو وڃي. جيئن جو جيڪڏهن اهو حمل ڌيءُ هجي تڏهن ته سموري مال جو اڌ حصو وٺندي ۽ جيڪڏهن پٽ ٿيو ته عصبو بڻجي ذوي الفروض


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارثن کان بچت مال رکيو وڃي. ۽ بچت مال اڌ کان گهٽ آهي ته انهيءَ حمل کي ڌيءُ سمجهي ان جي لاءِ اڌ مال رکيو وڃي.

هن مسئلي جي بڻائڻ لاءِ اصول هي آهي ته حمل کي پٽ ۽ ڌيءُ فرض ڪري ٻنهي صورتن مان مسئلو بڻايو ويندو پوءِ جن عددن مان هي ٻئي مسئلا بڻايا ويا آهن انهن ٻنهي عددن جي پاڻ ۾ نسبت ڏسبي. جيڪڏهن انهن ٻنهي عددن ۾ توافق آهي ته هڪ مسئلي جي عدد جي وفق کي ٻئي مسئلي جي سڄي عدد ۾ ضرب ڏبي ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي مسئلن جي عدد ۾ تباين آهي ته هڪ مسئلي جي پوري عدد کي ٻئي مسئلي جي پوري عدد ۾ ضرب ڏبي جو ڪجھ انهيءَ ضرب مان حاصل ٿيو انهيءَ سان مسئلي کي صحيح ڪيو وڃي. پوءِ وارثن جي حصن تي نظر ڪريو ته حمل کي ڌيءُ سمجهڻ جي صورت ۾ انهيءَ کي جيڪو حصي ۾ مليو آهي انهن حصن کي پٽ هجڻ جي صورت واري مسئلي جي مخرج ۾ ضرب ڏبي ۽ جو حصو حمل کي پٽ سمجهڻ جي صورت ۾ مليو آهي انهيءَ کي ڌيءُ جي مسئلي جي مخرج ۾ضرب ڏبي ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي مسئلن جي عددن ۾ تباين آهي ته. ورنه جيڪڏهن توافق آهي ته وارثن جي حصن کي انهن مسئلن جي مخرجن جي وفق ۾ ضرب ڏني ويندي ۽ ڏٺو ويندو ته ڪنهن ضرب سان حصو گهٽ مليو؟ جنهن ضرب سان حصو گهٽ ملي اهو هن وارث کي ڏنو وڃي. ۽ زيادتي حمل جي لاءِ رکي وڃي. جيڪڏهن حمل مان اهڙو ٻار پيدا ٿيو جو ان وڏي حصي وٺڻ جو حقدار آهي ته تڏهن ان ٻار کي اهوئي حصو ڏنو وڃي. ۽ جيڪڏهن ٻار اهڙو پيدا ٿيو جيڪو هن زيادتي جو حقدار نه آهي ته گهٽ حصو ان ٻار کي ڏنو ويندو ۽ جيترو پهريائين انهن ٻين وارثن جي حصن منجهان گهٽ ڪيو ويو هيو اهو انهن وارثن کي واپس ڪيو وڃي ان جو مثال هي آهي ته هڪ شخص جو انتقال ٿيو انهيءَ هڪ ڌيءُ ۽ ماءُ، پيءُ ۽ هڪ حامله زال ڇڏي. هن طرح :

ڌيءُ جي صورت ۾:

المسئله من 24 X 27 = وتصح من 216

الميتـــــــــ احمد

| زال | ڌيءُ | ماءُ | پيءُ | حمل ڌيءُ |
|---|---|---|---|---|
| 3 | 16 | 4 | 4 | |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پٽ جي صورت ۾:

المسئل من 24

الميتـــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ علي

| حمل پٽ | پيءُ | ماءُ | ڌيءُ | زال |
|---|---|---|---|---|
| | 4 | 4 | 13 | 3 |

هن صورت ۾ جيڪڏهن حمل کي ڌيءُ سمجهيوسين تہ مسئلو چوويهن کان ٽي ستاويهن سان عول ڪيو ويندو. انهيءَ مان حمل ۽ ڌيءُ کي سورهن، پيءُ ۽ ماءُ کي چار چار، ۽ زال کي ٽي ملندا.

۽ جيڪڏهن حمل کي پٽ سمجهون ٿا تہ مسئلو چوويهن کان ئي صحيح ٿيندو. انهن چوويهن منجهان ماءُ کي چار، پيءُ کي چار ۽ زال کي ٽي. حمل ۽ پٽ کي تيرهن ملندا. انهن مسئلن جي مخرج چوويهن ۽ ستاويهن کان آهي جنهن مان بہئي مسئلا بڻايا ويا آهن. ڏنو وڃي تہ چوويهہ ۽ ستاويهہ ۾ ڪهڙي نسبت آهي؟ معلوم ٿيو تہ انهن ۾ ٽهائي جو توافق آهي، چو تہ ٽي ٻنهي کي مٽائين ٿا تہ چوويهن جي ٽهائي اٺ آهي. انهن اٺن کي ستاويهن ۾ ضرب ڏبي تہ ٻہ سؤ سورهن حاصل ٿيا. هاڻي ڌيءُ ۽ ماءُ، پيءُ ۽ زال جي حصن کي چوويهن ۽ ستاويهن جي ٽهائي ۾ ضرب ڏني وڃي پهريائين چوويهن جي ٽهائي اٺن ۾ ضرب ڏيڻ سان هيءُ حصا ملن ٿا:

| زال | پيءُ | ماءُ | ڌيءُ |
|---|---|---|---|
| 24 | 32 | 32 | 64 ۽ 128 |

جيڪڏهن انهن وارثن جي حصن کي ستاويهن جي ٽهائي يعني نون ۾ ضرب ڏني وڃي تہ انهن کي هيءُ حصا ملندا.

| زال | پيءُ | ڌيءُ | ماءُ |
|---|---|---|---|
| 27 | 36 | 39 | 36 |

معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن حمل کي پٽ ڄاتوسون تہ ڌيءُ کي پنجويهہ گهٽ ملن ٿا ۽ زال کي ٽي زياده ملن ٿا ۽ ماءُ، پيءُ کي چار چار زياده ملن ٿا ۽ جيڪڏهن حمل کي ڌيءُ مڃون تہ ڌيءُ کي پنجويهہ زياده ۽ زال کي ٽي گهٽ ۽ ماءُ پيءُ کي چار چار گهٽ ملن ٿا. لهٰذا حمل کي ماءُ، پيءُ ۽ زال جي لاءِ پٽ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مجيو ويندو ۽ زال کي چوويهه ڏنا ويندا. تي بچايا ويندا ۽ ماءُ، پيءُ کي ڇٽيهه، ڇٽيهه ڏنا ويندا ۽ انهن جي حصن مان چار چار بچايا ويندا ۽ ڌيءُ کي اهو حصو ملندو جو حمل کي پٽ مڃڻ تي ان کي مليو آهي. چو ته اهو ئي گهٽ آهي يعني تيرهن کي جڏهن نون ۾ ضرب ڏني ويئي ته هڪ سو سترهن حاصل ٿيا ۽ انهن هڪ سو سترهن جو ٽيون حصو اٺيتاليهه ڌيءُ کي ڏنو ويو. چو ته جڏهن حمل کي پٽ مڃيو ويو ته هاڻي هڪ سو سترهن جا ٽي حصا ڪيا ويندا. انهن مان ٻه حصا پٽ جي لاءِ آهن ۽ هڪ حصو ڌيءُ جي لاءِ.

خلاصو هن طرح ٿيو ته ڌيءُ کي اهو حصو ڏنو ويندو جو حمل کي پٽ سمجهي ملي ٿو ۽ باقي ماءُ، پيءُ ۽ زال کي اهو حصو ملندو جو حمل کي ڌيءُ سمجهي ملي ٿو. چو ته ڌيءُ جي لاءِ اهو گهٽ آهي. ماءُ، پيءُ ۽ زال جي لاءِ هي گهٽ آهن ۽ حمل جي لاءِ ٻه سو سورهن منجهان اٺانوي باقي رکيا ويندا. انهن موجوده وارثن جي حصي مان هيٺ ڄاڻايل گهٽتائي ڪئي وئي:

ڌيءُ جي حصي مان پنجويهه، زال جي حصي مان ٽي، ماءُ جي حصي مان چار، پيءُ جي حصي مان چار. ته سمورا رکيل حصا ڇٽيهه آهن. هاڻي جيڪڏهن حمل مان ڌيءُ پيدا ٿي ته فقط ڌيءُ کي پنجويهه واپس ڪيا وڃن چو ته انهيءَ صورت ۾ ان جو حصو گهٽ ٿيو هو ۽ ماءُ پيءُ وغيره کي ڪجهه به واپس نه ٿيندو۽ جيڪڏهن حمل مان پٽ پيدا ٿيو ته ماءُ کي چار، پيءُ کي چار، زال کي ٽي واپس ڪيا ويندا ۽ ڌيءُ کي ڪجهه به واپس نه ملندو. چو ته انهيءَ صورت ۾ ڌيءُ جي حصي مان ڪجهه به گهٽ نه ڪيو ويو هو. ۽ جيڪڏهن اهو حمل جو ٻار مري ويل پيدا ٿيو ته پوءِ ڌيءُ کي اُٺهتر وڌيڪ ڏنا ويندا چو ته اهي اُٺهتر، انيتاليهه سان ملي هڪ سؤ اٺ ٿي ويندا جو ٻه سؤ سورهن جو اڌ آهي ۽ زال کي ٽي ٻيا به ڏنا ويندا جيئن اهي ٽي انهن چوويهن سان گڏجي ستاويهه ٿي پون. چو ته ستاويهه، ٻه سؤ سورهن جو اٺون حصو آهي ۽ چار گڏجي ٻه سو سورهن جو ڇهون حصو يعني ڇٽيهه ٿي وڃن ۽ پيءُ جا چار ان جو ڇهون حصو پورو ڪرڻ لاءِ، ۽ باقي نَوَ عصبو هجڻ جي ڪري ڏنا وڃن.

هاڻي هن طرح مسئلو ٿيو ته عدد ٻه سؤ سورهن جن مان ڌيءُ هڪ سئو اٺ، زال ستاويهه، ماءُ ڇٽيهه، پيءُ چاليهه مليا، انهن کي جمع ڪيو ويو ته ٻه سئو سورهن ٿيا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مفقود (گمشده) وارث جو بيان

مفقود مان اهو گمشده شخص مراد آهي جيڪو پنهنجي وطن کان غائب ٿي ويو هجي ان جي خبر نہ پئجي سگهي تہ مري ويو يا زنده آهي، ۽ آهي تہ ڪٿي آهي؟

اهڙي شخص جو هيءُ حڪم آهي تہ هن جي مال جي معاملي ۾ هن کي زنده سمجهيو ويندو. يعني گمشده جي مال جو ڪو بہ وارث نہ ٿيندو ۽ هن جي ٻين رشتيدارن جي مال ۾ هن کي مري ويل سمجهيو ويندو. يعني ڪنهن جي مال جو هي وارث نہ آهي. مگر ٻيا وارث جيڪي هن جي ڪري محروم ٿيا هجن انهن کي انهيءَ وقت نہ ڏنو ويندو. ۽ اهڙي طرح جنهن رشيدار جو حصو هن جي ڪري گهٽيو هجي تہ انهيءَ کي گهٽ ئي ڪيو ويندو ۽ انهيءَ جو مال رکي ڇڏبو ۽ ڪنهن کي بہ ورثو نہ ڏبو جيستائين گمشده جي موت جي خبر ملي وڃي پوءِ جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان خبر پئجي وئي تہ فلان تاريخ ۾ مري ويو تہ انهيءَ تاريخ تائين جيڪي وارث زنده آهن انهن ۾ انهيءَ جو مال ورهايو ويندو.

۽ جيڪڏهن گمشده شخص جي موت جي خبر نہ پئجي سگهي تہ پوءِ جڏهن ان جي زندگي جي مدت يعني نوي سال پوري ٿي وڃي تہ گمشده جي موت جو حڪم ڏنو ويندو. مثلا: هڪ شخص کي گم ٿئي پنجاهہ سال ٿي ويا ۽ چاليهن سالن جي عمر ۾ گم ٿي ويو هو تہ اهڙي حالت ۾ موت جو حڪم ڏنو ويندو. پوءِ ان وقت جيترا وارث جيئرا هوندا انهن ۾ گمشده شخص جي مال جي ميراث تقسيم ڪئي ويندي. اهڙي طرح ان جي موت کان پهريائين جن ماڻهن جو مال تقسيم ٿيو ۽ انهيءَ مفقود جي ڪري ان جي وارثن جا حصا گهٽ ڪيا ويا يا انهن کي مال نہ ڏنو ويو هو اهو مال اڄ انهن وارثن کي ڏنو ويندو ۽ انهيءَ جي حصي جي ڪمي پوري ڪئي ويندي. مثلاً هڪ شخص مري ويو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهيءَ ماءُ، زال ۽ پاءُ ۽ هڪ گمشده پٽ وارث ڇڏيا تہ ماءُ ۽ زال انهيءَ گمشده جي ڪري گهٽ مال ورتو ۽ پاءُ بلڪل محروم رهيو پر هاڻي جڏهن ان گمشده پٽ جي مرڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ ماءُ ۽ زال جو حصو پورو ڪيو ويندو ۽ پاءُ کي بہ پنهنجو حصو ڏنو ويندو.

هن مسئلي بڻائڻ جو بہ اهوئي قاعدو آهي جيڪو حمل جي بيان ۾ گذري چڪو تہ جيڪڏهن ان جي رشتيدارن مان ڪو شخص مري وڃي ۽ ان جي وارثن ۾ اهڙي طرح جو مال تقسيم ڪيو وڃي تہ ٻن طريقن سان ان جي مال جو مسئلو بڻايو ويندو. هڪ تہ انهيءَ گمشده کي زنده سمجهي ٻيو تہ ان کي مري ويل سمجهي. ۽ انهن ٻنهي مسئلن جي عددن ۾هڪ ٻئي سان ضرب ڏبي جيڪڏهن تباين هوندو تہ . ۽ جيڪڏهن توافق آهي تہ هڪ عدد جي وفق کي ٻئي عدد ۾ ضرب ڏني ويندي. پوءِ اهڙي طرح ان جي وارثن کي جنهن مسئلي مان جيترا حصا مليا هجن انهن کي ٻئي مسئلي جي پوري مخرج يا وفق سان ضرب ڏني ويندي ۽ جنهن ۾ حصو گهٽ ملي اهو ئي حصو ڏنو وڃي باقي زيادتي رکي ڇڏجي ۽ جيڪو شخص انهيءَ گمشده جي زنده هجڻ سبب محروم رهيو تہ انهيءَ کي انهيءَ وقت مال نہ ڏنو ويندو. مطلب تہ جيڪو ڪجھ حمل جي بيان ۾ تفصيل سان گذريو اهو ئي هن صورت ۾ ڪرڻ گهرجي. پوءِ جڏهن گمشده شخص مري ويل ثابت ٿئي تڏهن انهن وارثن جا رکيل حصا واپس انهن کي ڏنا وڃن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مرتد جو حڪم

جيڪو شخص مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ڪافر ٿي وڃي ته انهيءَ شخص کي مرتد چئبو آهي.

جيڪڏهن مرتد پنهنجي ڪفر تي ئي مري وڃي يا قتل ڪيو وڃي ته جيڪو مال مسلمان هجڻ وقت ڪمايو هئائين، انهيءَ مان ان جو اهو قرض جيڪو مسلمان هجڻ واري زماني جو هيو، اهو ادا ڪيو ويندو انهيءَ مان جيڪو مال بچي پوي، اهو مال ان جي انهن وارثن ۾ ورهايو ويندو جيڪي وارث ان جي مرڻ وقت يا قتل ٿيڻ وقت موجود هئا.

۽ جيڪو مال مرتد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪمايو اٿائين انهيءَ مال مان اهو قرض لاٿو ويندو جيڪو مرتد هجڻ وقت ڪنيو هئائين. پوءِ انهيءَ مال مان جيڪو ڪجهه بچي پوي اهو بيت المال ۾ رکيو ويندو ته جيئن مسلمانن جي ضرورت ۾ ڪم اچي.

پر جيڪڏهن عورت مرتد ٿي وئي ته انهيءَ جي سموري مال مان ان عورت جا وارث ورثو وٺندا. توڙي جو اهو مال اسلام جي زماني ۾ ڪمايو هجيائين يا توڙي ڪافر هجڻ ڪانپوءِ.

جو شخص مرتد ٿي ويو اهو پنهنجي ڪنهن به رشتيدار جي مال جو وارث نه ٿو ٿي سگهي. اهو رشتيدار مسلمان هجي يا ڪٽي اهو به ڪافر ٿي ويو هجي.

اهڙي طرح مرتد عورت ڪنهن جي مال مان به حصو نه وٺندي. البته جيڪڏهن معاذ الله ڪنهن شهر جا سمورا ماڻهو مرتد ٿي ويا ته انهن مان هڪ ٻئي جا وارث ٿيندا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# قيدي وارث جو بيان

جنهن مسلمان شخص کي ڪافر قيد ڪري پنهنجي ملڪ ۾ وٺي ويا هجن اهو جيستائين اسلام تي قائم آهي انهيءَ وقت تائين ٻين مسلمانن وانگر آهي. يعني پنهنجي رشتيدارن جي مال مان ورثو وٺندو رهندو.

۽ جيڪڏهن نعوذ بالله قيدي مسلمان پنهنجو مذهب بدلايو ته هاڻي هن جو حڪم مرتد وارو آهي. جيڪڏهن هن جي رشتيدارن کي خبر نه پئجي سگهي ته هو مسلمان آهي يا ڪافر آهي ته ان جو حڪم گمشده شخص وانگر آهي يعني ان جي ٻين رشتيدارن کي پنهنجي مرندڙن جي مال مان گهٽ حصو ڏنو ويندو ۽ باقي بچت ڪري رکيو ويندو. جڏهن پوري طرح سان خبر پئجي ويئي ته هو مسلمان آهي ، پوءِ ته بهتر ، ۽ جيڪڏهن خبر ملي ته نعوذ بالله اهو شخص ڪافر ٿي چڪو آهي ته وارثن جو اهو مال جيڪو بچائي رکيو ويو هيو ، واپس ڪيو ويندو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# رشتيدارن جو هڪ ئي وقت ٻڏڻ، سڙڻ يا ديوار هيٺان اچي مرندڙن متعلق ورثي جو حڪم

جيڪڏهن هڪ ئي خاندان جا ماڻهو اوچتو هڪ ئي وقت ٻڏي، سڙي يا ديوار جي هيٺان دٻجي مري ويا ۽ پاڻ ۾ رشتيدار هئا ۽ اها خبر نہ پئجي سگهي تہ پهريائين ڪير ۽ بعد ۾ ڪير مري ويو (جو تہ ميراث جي معاملي ۾ وارث جي اڳي پوءِ مرڻ سان فرق پئجي ويندو آهي) تہ پوءِ اهڙي صورت ۾ انهن گڏ مري ويلن جو مال زنده وارثن ۾ انهن جي استحقاق مطابق تقسيم ڪبو ۽ مري ويلن کي هڪ ٻئي جو وارث نہ بڻايو ويندو.

مثال: جيئن پيءُ، پٽ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ ڪنهن گهر ڪرڻ سان دٻجي مري ويا تہ پوءِ پيءُ جي مال مان ان اولاد کي حصو ملندو ۽ نہ وري ان پٽ ۽ ڌيءُ جي مال مان پيءُ کي ڪجهہ ملندو ؛ بلڪ انهن سڀني جا جيڪي رشتيدار زنده هوندا انهن ۾ئي مري ويلن جو مال ورهايو ويندو.

احناف، امام مالڪ، امام شافعي ۽ عام صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جو اهو ئي مذهب آهي.

ڪتاب الفرائض شريفي ۾ آهي تہ سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنہ جن اهلِ يمامہ جي مقتولن ۾ اهو حڪم ڪيو هو. يعني مري ويلن جي ميراث ان وقت موجود زنده وارثن کي ڏياري هئي.

اهڙي طرح جڏهن عمواس ۾ ماڻهو وبا جي ڪري مري ويا تہ حضرت عمر رضي الله تعالیٰ عنہ جن بہ اهو ئي حڪم ڏنو هو. ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جن بہ جنگ جمل ۽ صفين جي شهيدن ۾ بہ اهو ئي حڪم ڏنو هو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# التحارير الاربعين

## يعني

# چاليهہ تحريرون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# تحرير ـ 1

بخدمت جناب حضرت مفتي صاحب مد ظلہ
دارالافتاء مدرسہ عربيہ تعليم القرآن
متصل ميناره مسجد غريب آباد ، سکر، سنڌ.

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتہ
هڪ شخص نالي محرم علي مهر فوت ٿي ويو آهي، جنهن هيءُ وارث ڇڏيا آهن ته سڳا ڀائر يعني مائيتا ڀيئيتا هڪ نالي شمس الدين ۽ ميرمحمد، ۽ هڪ ڀاءُ ۽ ڀيڻ ڀيئيتا هڪ نالي حاجي ۽ مائي سچُلِ. هاڻي شريعت محمديہ علیٰ صاحبها الصلوٰہ والسلام مطابق ورثو ڪهڙي ريت تقسيم ڪيو ويندو. بينوا تُوجَروا

پڇندڙ حاجي ولد فقير محمد مهر
ڳوٺ محبوب تعلقو سکر، سنڌ

---

هُوَالمُلهِمُ لِلسَّدادِ

الجواب

جيڪڏهن پڇيل صورت حقيقت تي منحصر آهي تہ فوتي محرم علي جي ڇڏيل ملڪيت شرعي احڪامن مطابق هن طرح ورهائي ويندي :



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

المسئلہ من 2

الميتـــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ محرم علي

| | | | |
|---|---|---|---|
| سڳو ڀاءُ | سڳو ڀاءُ | ڀيئيتو ڀاءُ | ڀيئيتي ڀيڻ |
| شمس الدين | مير محمد | حاجي | سچُلِ |
| 1 | 1 | محروم | محروم |

1. شمس الدين 8 آنا
2. مير محمد 8 آنا

**نوٽ:** فوتي محرم علي جي ٻن سڳن ڀائرن جي موجوگيءَ ۾ ڀيئيتو ڀاءُ ۽ ڀيڻ محروم قرار ڏنا ويندا كما في باب العصبات "اقرب العصبات البنون ثم بنوهم ثم الاب ثم الجد ثم بنوالاب وهم الاخوة. اذا استوىٰ بنواب في درجة فاولٰهم من كان من اب و ام لانہ اقرب تعصيباً وولايةً". لفتاوىٰ عالمگيريہ.

هٰكذا في كُتبِ الفرائضِ كالسّراجية والشّريفية وغيرهما.
هٰذا ما ظَهَرَ لِي فِي هٰذا البابِ واللهُ تعالىٰ و رسولُہ الاعلىٰ اَعلَمُ بِالصّوابِ.
حَرَّرَه اَلفَقِيرُ ابوزاهد محمد عبدالواحدُ غفرلَہ الاَحَدُ عباسي سكندري.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

# تحرير _ 2

بخدمت جناب حضرت مفتي صاحب مد ظلہ
دارالافتاء مدرسہ عربيہ تعليم القرآن
متصل ميناره مسجد غريب آباد ، سکر ، سند.

السلام عليکم ورحمة الله وبرکاتہ

هک شخص نالي غلام حيدر فوت ٿي ويو. جنهن وارث ڇڏيا هک زال نالي رقيہ ، ٻہ ڀائر هر هک نالي سونو ۽ عبداللطيف ، ۽ ٽي ڀينر هر هک نالي مريم، زهرىٰ ۽ اميران ، ۽ ٻہ ڀائيٽيا هر هک نالي ڏٽي بخش ۽ غلام رسول؛ تہ هاڻي شريعت محمديہ علىٰ صاحبها الصلوٰة والسلام مطابق هر هک وارث کي ڇا حق ملندو؟ بينوا تُوجَروا

پڇندڙ هادي بخش ولد عبدالغني

---

هُوَالمُلهِمُ لِلسَّدادِ

الجواب

جيکڏهن پڇيل صورت حقيقت تي ٻڌل آهي تہ ما تَقدمَ مِنَ الاِرثِ کانپوءِ فوتي غلام حيدر جي ڇڏيل ملکيت سندس وارثن ۾ هيٺ ڄاڻايل نموني ورهائي ويندي ۽ حساب آسان ڪرڻ لاءِ کل ملکيت کي فرضي طور هک روپيو تصور کيو ويندو :

المسئلہ من 4 X 7 = وتصح من 28      28 ما فِي اليَدِ

الميت ________________ غلام حيدر

| زال | ڀاءُ | ڀاءُ | ڀيڻ | ڀيڻ | ڀيڻ | ڀائيٽيا |
|---|---|---|---|---|---|---|
| رقيہ | سونو | عبداللطيف | مريم | زهرىٰ | اميران | محروم |
| $\frac{1}{7}$ | $\frac{3}{6}$ | 6 | 3 | 3 | 3 | |



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .1 | زال رقيہ بيگم | 7 | = | 25 |
| .2 | ياءُ سونو | 6 | = | 21 3/7 |
| .3 | ياءُ عبداللطيف | 6 | = | 21 3/7 |
| .4 | ڀيڻ مريم | 3 | = | 10 5/7 |
| .5 | ڀيڻ زهرىٰ | 3 | = | 10 5/7 |
| .6 | ڀيڻ اميران | 3 | = | 10 5/7 |
| | **المبلغ** | 28 | | **100 پئسا** |

**نوٽ:** زال رقيہ بيگم کي ٻي اولاد هجڻ سبب کل ملڪيت جي چوٿائي ڏني ويندي. کما قال الله تعالىٰ "ولهن الربع مما ترکتم ان لم يکن لہ ولد". لهٰذا زال کي 25 پئسا ڏنا ويندا باقي ملڪيت عصبي طور فوتي جي ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ "للذکر مثل حظ الانثيين" موجب ہ ڀاڳا ڀاءُ کي ۽ هڪ ڀاڱو ڀيڻ کي ڏنو ويندو. جنهن مطابق هر هڪ ڀاءُ کي 21 3/7 پئسا ۽ هر هڪ ڀيڻ کي 10 5/7 ٽوٽل 100 پئسا يعني هڪ روپيو ورهايو ويندو.

هٰکذا في کُتبِ الفرائضِ کالسّراجية والشّريفية وغيرهما.
هٰذا ما ظَهَرَ لِي فِي هٰذا البابِ واللهُ تعالىٰ و رسولہٗ الاعلىٰ أعلَمُ بِالصّوابِ.
حَرَّرَه اَلفَقِيرُ ابوزاهد محمد عبدالواحدُ غفرلہٗ الاَحَدُ عباسي سڪندري.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# تحرير_3

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بخدمت جناب حضرت مفتي صاحب مد ظلہ ،
دارالافتاء مدرسہ عربيہ تعليم القرآن
متصل ميناره مسجد غريب آباد ، سکر ، سنڌ.

السلام عليکم ورحمة الله وبرکاتہ

هڪ شخص نالي فضل ڪريم فوت ٿي ويو. جنهن وارث ڇڏيا ماءُ، ہ پٽ، هڪ ڌيءُ جي سڀ حال حيات آهن. تہ هاڻي شريعت محمديہ علىٰ صاحبها الصلوٰہ والسلام مطابق هر هڪ وارث کي ڇا حق ملندو؟

بينوا تُوجَروا

---

هُوَالمُلهِمُ لِلسَّدادِ

الجواب

